ميندي لاوَئين بنَرا، ميجَ مائين سنهڙاء (سهرو)

بـنـو: ڏسو "بنرو".

بَنَواسِي: (س. بنَواسِنْ. بَن=جهنگل+وَسْ=رهڻ)، جهنگل ۾ رهندڙ، جهنگلي.

بِنيون: (هہ. بَنياء س. وَڻڪ)، واپاري، ڏسو "واڻيو".

بَڻ: (ف. بن. س. پَڏَن)، جَڙ، پاڙ، بنياد.

بڻڻ: (س. وَرْتَن)، ٿيڻ، جڙڻ، تيار ٿيڻ.

بوتو: (ف. بوتـه)، توڏو، گورو، ڪنوات، ننڍو آٽ.

بوجو: (هيم. بودَرَ. گ. بوجو. هہ. بوجها)، بار، وزن.

بودو: (س. آبودَ. آ=نہ+بدَ=سمجهڻ)، ابوجهہ آٽ.

بورچِي: (ت. باوَرْچِي. ف. باور=اعتبار+"چي" نسبت جي نشاني. جنهن تي اعتبار ڪجي تہ ڪاڏي ۾ زهر نہ ملائيندو)، ماني تيار ڪرڻ وارو رسويو.

بوڙيا: (پرا. بتءَ. س. بَدْ بَدَ)، پاڻيءَ جا ڦوڪڻا، ڦوٽا، حباب.

بوزَ: (ف. بز=بکر)، ڇيڳڙو، بيوقوف.

بوسو: (پرا. بَس: بُس. س. بَس)، ڪڻڪيءَ جو قسم.

بولو: (ت. بلاق)، نڪ ۾ پائڻ جو هڪ زيور.

بُونڊَ: (پرا. وِرنڊَ. سن. وِرنڊَ)، مينهن جي ڦُڙي، ڦڙي، ڪَٽي.

ٻَهُ: (سن. وِس)، پاڄيءَ جو قسم.

ٻَهَ: (پرا. ٻسَ: پِسَ: سن. ٻسَ)، ڪٺڪ جو گاهه.

ٻَهلائڻ: (سن. وِهرَڻَ)، خوش ڪرڻ، وندرائڻ، ريجهائڻ.

ٻَهَڪَ: (پرا پِسَڻَ. سن. پِشَڻَ)، ٻونڪڻ، ٻهڪڻ.

ٻَهيرَ: (ع. بَعِير = اُٺن جي قطار)، قافلو.

بِيابانُ: (ف. بي آبان. بي = سواءِ + آب = پاڻي + "ان" فاعليت جي نشاني)، رڻ پٽ.

بَيانو: (ع. بيعانہ)، سَوٽي، سودي پڪڻ لاءِ اڳواٽ ڏنل رقم.

بيدادَ: (ف. بيد + آد. بيد + وڻ جو قسم، جو ڦُر ڪونه جهلي + "اد" ڪلمون هڪجهڙائيءَ جو. ظلم به ڪو فائدو ڪونهي، جنهن ڪري "بي ڦر وڻ" سان پيٽيو اٿن. آ = بي، سواءِ + داد = انصاف)، ظلم، انڌير.

بيدارُ: (ف. بيدار. بيد=سمجهه+دار = رکندڙ. ٢- بيد + "ار" ڪلمهٔ نسبت)، جاڳندڙ.

بيڏَرَڪُ: (سن. وِڏرَڪ. وِ=نہ+ڏرَ=خوف. ٢. ف. بي= سواءِ + هہ. ڏرَڪ = خوف)، ڊپ کان سواءِ، بي ڊپو.

بيراڳُ: (سن. وَيراڳيہ. وِ = نہ + راڳ = پيار ڪرڻ: دنيوي ڳالهين ڪرڻ)، دنيا کي ترڪ ڪرڻ، عشق، فراق. ڏسو "ويراڳ".

ڀِکَ: (سن. ڀِڪشا. ڀِڪش=گهرڻ، پنڻ)، خيرات، دان.

ڀِيکَ: (سن. ويش)، ويس، پوشاڪ.

بيگاهَ: (ف. بيگاه. بي=سواءِ+ گاه =وقت، جاءِ)، بي وقتو، کُمهلو. مجازاً رات جو وقت.

بيلَ: (گ. بيل. هير. بِلو. پرا. بِلا. سن. بَليوَرْدِ)، ڍڳو، ڏاند.

بيل دارُ: (ف. بيل = کهاڙو، پاهوڙو + "دار" اسم فاعل جي علامت. دار. داشتن=رکڻ)، رستن جو نگهبان.

بِينَ: (گ. م. بِين. سن. وِيڻا، آڄ: وِي = وڄڻ)، ساز جو قسم.

بِينسِري: (سن. وَنشي)، بِينَ، وڄائڻ جو هڪ ساز.

بيوَسُ: (سن. وِوَش. وِ = نہ + وَش = اختيار)، لاچار، پروس.

بيگانو: (ف. بيگانہ. بي = نہ، سواءِ + "گانہ" نسبت جو)، اجنبي، ڌاريو. ڏسو ويڳاڻو.

بيگر: (ف. بيگار. بي+گار)، ڪم مزوري يا اجوري کان سواءِ، زبردستيءَ جو ڪم (جنهن ۾ اجورو ملي يا نه).

# ٻ

ٻاٻيهو: (هير. ٻٻيهو، ٻپيهو. پرا. ٻپيهہ)، چاتڪ پکي. ڏسو "پپيهو".

ٻاتو: (سن. واتُ. وا=وڃڻ، وهڻ)، هڪڙ.

ڪوئل ٻي قلبان ٿي، جو ٻاتو ٿي ٻولي.

(بودو)

ٻاٽلو: (سن. ورتل)، وڏي منهن وارو رنڍڻ جو ٿانءُ.

ٻاڦ: (گ. ٻاڦ. هير. ٻڦا. پرا. ٻڦ. سن. باشپ)، ٽهڪندڙ پاڻيءَ مان نڪرندڙ هوا.

ٻاجهري: (سن. ورجري، وج=مضبوط ٿيڻ)، ٻاجهر، اناج جو قسم.

ٻاڏائڻ: (سن. وندن)، عاجزيءَ سان عرض ڪرڻ.

ٻار: (سن. بال. بال=جيئڻ، خرات: چوڻ)، ٻالڪ، ليڪر.

ٻارڻ: (سن. ٻاتر)، دان گهرندڙ، ڪانٺو.

ٻارَنهَن: (سن. دْوادَش)، ڏهہ ۽ ٻہ.

ٻاري: (سن. آوارَ)، پاڻي روڪڻ لاءِ چوڌاري ٻڌل کهرو يا پَٽو.

ٻارِي: (سن. وارِي)، باغيچو، ڇڪين رکڻ جو هنڌ، بندرگاهہ.

ٻالڪو: (سن. بالَڪ)، چيلو، شِش، جوڳي يا سنياسيءَ جو پوئلڳ، چوڪرو.

ٻانڀڻ: (سن. ٻراهمڻ)، هندن جي چئن ذاتين مان اتم ذات.

ٻانڊِٺو: (گ. بانڌِڻي)، چُني، رڱيل ڪپڙو.

ٻانڌو: (سن. بَنڌَ)، مڇي ڦاسائڻ لاءِ آڏَ.

ٻانگ: (ف. بانگ)، نماز جو سڏ.

ٻانهَن: (پرا. باهَ. سن. ٻاهو)، ڪلهي کان هٿ تائين عضوو.

ٻاڻَ: (پرا. باڻ. سن. باڻ)، تير.

ٻاڻِي: (سن. واڻِي)، گفتگو، وچن.

ٻاوَنَ: (هہ. ٻاوَن. سن. دْوِپنجاشَتَ)، ٻاونجاهہ، ٽاس (پتن جي راند) ۾ هَٿَ (ڪٺو).

ٻاونجاهہ: (هہ. ٻاوَنَ. سن. ڏوِ پنچاشَتَ. د وِ=ٻہ + پنچاشت= پنجاهہ)، پنجاهہ ۽ ٻہ.

ٻاوِيهہ: (سن. ڏواونشَتِ. ڏوِ = ٻہ + ونشَتِ = ويهہ)، ويهہ ۽ ٻہ.

ٻاهَتَر: (سن. ڏوِ: ڏواسپتِ. ڏوِ = ٻہ + سپتِ = ستر)، ستر ۽ ٻہ.

ٻاهَٺ: (سن. ڏوِ: ڏواشَشٽِ)، سٺ ۽ ٻہ.

ٻاهر: (گ: ٻهار. ڏن. ٻاهر. پرا. ٻهر: ٻاهر. سن. ٻاهي)، "اندر" جو ضد.

ٻاڻِ: (سن. وَياوَر. وِ= ٻالڪل، چڱي طرح سان + آ = چوڌاري + وَر=ورڻ، ڦرڻ. جو چوڌاري ڦري ٿو)، نار جو ڦرندڙ سامان، جنهن تي مالهہ ۽ ڪنگريون يا لوٽيون ڦرن ٿيون. "ٻاڻ ٻرڙ" معنيٰ پاڻيءَ جو چاڙهہ.

١- اوهيڙا آڱتي پيا، ٿي ٻاڻ ٻوڙ (حمل)

٢- سانگهارو سورن، ڪڏهن تان ڪونہ ڪيو،
ٻاڻ ٻرڙ وَهن، ڪالهوڻيان اڄ گهڻا. (شاهہ)

٣- ٿيو ڏرو پٺي ڌهو، پڌل پاڻڙ،
ٿو آيو ٿئي ڌٿل، ڪڙو منجهہ ڪنج. (گل)

ٻاٻُو : (گ. ٻاوو. م. ٻاوا. هہ. ٻاپ سن. واپ )، هندو فقيرن جو لقب، هندن ۾ عزت جو لقب .

ٻائي : (م. ٻايڪو : وايڪو)، عورت .

ٻائيتاليهہ : (سن. داچتوارِ نشت)، چاليهہ ۽ ٻہ .

ٻٻر : (پرا. ٻٻول. سن. ور ور )، وڻ جو قسم.

ٻٽاڪ : (سن. ٻَٽ)، ڊاڙ .

ٻٽون : (سن. وٽ)، ننڍڙو ٽيلهو.

ٻٽيرو : (سن. ورتڪ)، تتر جو قسم .

ٻٽيهہ : (پرا. ٻتيسا. سن دواترنشت)، ٽيهہ ۽ ٻہ .

ٻنڙو : (سن. وتس)، ٻچڙو .

ٻپر : (سن. دوپار. دو = ٻہ + پار + پاسو، ڪنارو)، ٻہ پارا، ٻنهي طرفن جا.

پاڻ پپرسل، سيف دوپارا، ڪن پيا تيز خنجر ڪي.
( جلال )

ٻپڙي : (سن. دوپٽ. دو = ٻہ + پٽ= پڙ)، ٻن پڙن واري، سيپ .

ٻاڙو ٻئي نہ ٻپڙي، مٺو منهن لڳوس. (شاہ)

ٻج : (پرا. ٻيج. سن ٻيج )، تخم .

ٻجهارت : (هہ . ٻجھول. ٻڌ=ڄاڻ)، ڳجهارت.

ٻجهڻ : (پرا. ٻجھ. سن. ٻڌ)، ڦاسڻ، قابو ٿيڻ.

ٻجهڻ : (پرا. ٻجھ . سن . ٻڌ . ٻڌ = ڄاڻڻ )، سمجهڻ ، ڄاڻڻ، پاڻڻ .

ٻچو : (ف. بچہ . پرا . ٻچ . سن . وَتس ) ، ٻار ، ٻالڪ، اولاد .

ٻچل : (سن. وچل. و = گهڻو + چل = هلندڙ )، گهڻو زور سان هلندڙ.

ٻچل ٻانڌي ٻار ۾، آت لهرون لوڏا ڏين. (شاه)

ٻڌر : (سن. ٻڌوار. ٻڌ=ڪرهہ جو نالو+وار= ڏينهن )، اربع جو ڏينهن.

ٻڌڻ : (پرا . ٻنڌڻ . سن . ٻنڌن ٻنڌ = ٻڌڻ)، قابو ڪرڻ، سوگهو ڪرڻ .

ٻڌڻ : (سن. ٻڌ)، ٻڌڻ.

ٻڌي : (پرا . ٻڌ . سن . ٻڌ. ٻڌ = سمجهڻ ) ، سمجهہ ، عقل، مت.

ٻڏاهين : (سن. ڏودا. ڏو = ٻہ )، ٻہ ڀيرا، ٻہ دفعا.

ٻڏڻ : (سن. ٻل. ٻوڙ)، پاڻيءَ هيٺ اچڻ .

ٻڍو : (گ. ٻڍو. هير. ٻڍو. سن. وڙڌ. وڙڌ=وڌڻ)، ٻوڙهو، ڪراڙو.

ٻر : (پرا. ٻل. سن. ٻل)، طاقت.

ٻر : (سن. وِل)، ڏرڙ، تنگ.

ٻرٻيشي : (سن. ٻيسر + ٻهولي)، هندوء، مينهن وساوڙو.

ٻرڊ : (سن. ٻلد)، ڍڳو، ڏاند.

ڏاگهئون ڏيرن، جي آندا ٻرڊ پنهور ء. (شاهه)

ٻرڻ : (سن. ورهه=چمڪڻ)، چلڻ، روشن ٿيڻ، سڙڻ.

ٻرڻ : (سن. ور)، وجڻ، آواز ڪرڻ.

ٻڙڪڻ : (سن. ٻد ٻند=ٻڙ ٻڙ ڪرڻ)، آواز ڪرڻ، ٻڪري جو، ٻڪريءَ تي "ٻي ٻي" (شهوت جي خيال ڪان) ڪرڻ.

ٻڙو : (سن. ٻندُ)، ڦڙو، ذرو، نشان، ٻڙي، منديءَ جي ٽِڪ.

ٻڪ : (سن. ڏوڪ. ڏو= ٻه)، ٻئي هٿ اهڙيءَ طرح ملائڻ، جئن مٿيون پاسو کليل رهي.

ٻڪر : (گ. ٻڪرو. هير. ٻاڪڙو. سن. ورڪر)، ٻڪرو، ٻڪر.

ٻُڪِي: (سن. ڏُوِڪَ)، ٻوا، چپني، ننڍو چَنگل، گراهڪي.

ٻَڪَ: (سن. وَڪَھ = ڇاتي)، ڀاڪر.

ٻَکُھني: (سن. <ٻِهُون + گُني. سن. ٻَهُ = گهڻو + گُڻَ = خاصيت)، گهڻن گڻن واري، سدوري.

ڪاڄا ڪانگ ڪتابت آندي،

سا تان ساه برابر سانڍيان ٻکهني.

ٻَکُهو: (پرا. ٻَکَ. سن. ٻَڪَ: وَڪَ)، پاڻيءَ جو اڇو پکي.

ٻَلَ: (سن. ٻَلَ)، ٻَرُ، طاقت، سگهه، زور.

ٻَلِ: (پرا. ٻَلِ. سن. ٻَلِ = ديوتائن جو نذر)، قرباني، صدقو.

ٻِلاٽِي: (سن. ڏُوِيٽَ = پيٽ)، ننڍڙو پيٽ.

١- ڪارا پانڌ ٻِلاٽيون، ڀوڪپرن جا ڪڙڪا. (حمل)

٢- ڪَندي ساريان ڪانءِ، يا آمن آمان!

پاڃهه ٻلاٽي پاڻيان. (شاهه)

ٻَلَرُ: (سن. بالا = "ر" ٻچاڙي)، ٻارڙو، ابهم.

ٻِلو: (گ. ٻِلاڙو. ڏن. وِراليٺو. پرا. ٻِڊالُ. سن. ٻِڊالَ)، ٻليءَ جو مذڪر، اک جو تارو.

ٻلونت : (سن. ٻلونتَ)، طاقتور سگهارو.

ٻلهار: (هه. ٻلِ + هارنا. سن. ٻلِ = قرباني + هار)، صدقي، گهور گهور.

ٻن : (سن. وَنَ)، جهنگ.

ٻندا : (هه. ٻندا. سن. وِند)، عورتن جي ڪن جو زيور.

ٻنڌڻ : (سن. ٻنڌنَ)، مقرر ڪيل معاوضو، مقرر شرط.

ٻنگ : (سن. وَنڪَ)، ٻچ، وَر.

ٻنگا: (سن. وَنڪَ)، ور، ٻچ، وَڪڙ.

هَن حبيب هَٿَ ڪَٺي، ٻنگا لَهي پاڻ،

ماڳهين مون مَنهن لَئي، جهولِيءَ وِجهان پاڻ. (شاهه)

ٻوٽو: (سن. وِٽپ)، ٻردو، ٻروٽو، جهرٽو، ننڍو وڻ.

ٻوٽي: (سن. وِٽڪا)، گوشت جي ڳڙي، سڌي، جڙي ٻوٽي.

ٻوجهه (سن. ٻڌِ: ٻوڌ. ٻڌ= سمجهڻ)، سمجهه.

ٻوجهو: ڏسو "ٻوجو".

ٻورو: (سن. ٻر = دونو، ٻاتل)، ڳوڻ.

ٻوڙو: هيم. ٻهرو. سن. ٻڌ ر = ٻنڌ ڪرڻ. ٻنڌ = ٻڌڻ + ڪرڻ = ڪرڻو)، ڪنن کان جڏو.

ٻوڙ: (سن. وَڊَرَ)، ٻڪرو، ڇڳرو، گدلو، ڪم عقل.

ٻولڻ: (گ. بولون. هير. بوليٺ. بولّ. سن. ٻرو)،
چوڻ، ڪهڻ، لنوڻ.

ٻهاري: (سن. ٻهڪري)، جهاڙو، ڦريو، واسون.

ٻهروپي: (سن. ٻهروپ. ٻهه = گهڻو+روپ+ شڪل)،
ڍڳباز، ڍونگي، مڪريل.

ٻهڪڻ: (سن. ڀاس)، چمڪڻ، خوش ٿيڻ.

ٻهون: (سن. ٻهه)، گهڻو.

اندر آلڻ آنّ جو، ٻاهر ٻڌ ٻهون. (ڀهاڪو)

ٻهيڙا: (سن. ويڀيتڪ)، جهنگلي وڻ يا ان جو ڦل.

ٻياسي: (سن. دواشيت)، اسي ۽ ٻه.

ٻيانوي: (سن. دوانوت)، نوي ۽ ٻه.

ٻيٽ: (گ. بيٽ. سن. ڊويپ. ڊوِ = ٻه +آپ=پاڻي)،
خشڪيءَ جو ٽڪر، جنهن جي چوڌاري پاڻي هجي.

ٻيٽو: (هه. بيٽا. سن. وٽ. وٽ = پولڻ)، بيٽو،
پٽ، ٻالڪ.

ٻيجڪ: (م. بيجڪ. سن. ٻيجڪ)، فهرست، سوچي، اڳهن
جي ياداشت.

ٻرُ: (پرا. ٻڌرَ. سن. ٻدَرَ)، ٻر.

ٻيرَ: (سن. ڀارِيا+"ر" ٻچاڙي)، زال، پتني.

ٻڙو: (سن. وِيشٽ)، وڏي ٻڙي.

ٻيڙو: (سن. وِيٽي)، سڳڙو، مشڪ. نافِ آهو.

ٻڙي: (گ. ٻيڙي. سن. ڏوِ = ٻہ + هڊِي = ڪڙي)، ٻہ ڪڙي، ٻيڪڙو.

ٻيڙي: (گ. ٻيڙي. م. وِڍِي. پرا. ٻيڍِي. سن. وِيٽِي)، پان جي ھتي مان ٺهيل تماڪ جي ٻيڙي، سپ جي ٻڙي.

ٻيلي: (گ. ٻيلي. ڏن. ٻيلي)، مددگار، ساٿي.

## ڀ

ڀاڀي: (گ. ڀاڀي. سن. ڀراترو ڏو. ڀراتر=ڀاءُ+وڌو= زال)، ڀاڄائي.

ڀاڙَ: (سن. ونتن. وَٽ=ورهائڻ)، ٽاس جي راند ۾ ھٽا ورهائڻ، ڀھڻ، ڄنڊ ڪاهڻ.

ڀاڄائي: (سن. ڀراتر جايا. ڀراتر = ڀاءُ + جايا = جوء)، ڀاءُ جي زال.

ڀاڄي: (پرا. ڀڄڄا. سن. ڀاڄي. ڀڄ = ڪاٽڻ)، سبزي، ساڳ، ڀوڙ.

ڀارت: (سن. ڀارت. ڀرت. ڀر = ڀرڻ : پالڻ. "ڀرت"، راجا دسرت جو پٽ هو، جنهن تان ڀارت يعني هندستان لالو پيو)، ڀارت کنڊ، مهاڀارت ڪرنٽ.

ڀاروڙي: (سن. ڀيڊ = رِڍ)، رڍ جي آن سان ڌهيل لوئي يا ڪٿي.

ڀاري: (پرا. ڀار. سن. ڀارَ. ف. بار)، ڳرو، وزندار، ڪٺن، ڏکيو.

ڀاڙڻ: (سن. ڀٽ)، مدار رکڻ، آسرو رکڻ.

ڀاڙو: (سن. ڀاٽ. ڀٽ = مدد ڪرڻ)، ڪرايو، مزوري، عوضو، بدلو.

ڀاڙي: (پرا. ڀاڊي : ڀاڊيا. سن. ڀانڊڪ)، ڀاڙ ڪاٺو، بي غيرت.

ڀاسڻ: (سن. ڀاس)، چمڪڻ، معلوم ٿيڻ، ڏسڻ.

ڀاسڪر: (سن. ڀاسڪر. ڀاس = چمڪڻ + ڪر = ڪرڻ)، سج.

ڀاشا: (سن. ڀاشا. ڀاش = ڳالهائڻ)، ٻولي، زبان.

ڀاڳ: (پرا. ڀاڳ. سن. ڀاڳيہ. ڀڄ : ڀڳ. حصو ڪرڻ)، بخت، قسمت، نصيب.

ڀال: (سن. ڀال)، پيشاني، قسمت، ڀاڳ، قرب.

پالو: (گ. پالو. هم. پلڪيي. پرا. پلَ. س. پلَ. پلَ = ڪهڻ)، نيزو، برڇي.

پامِني: (س. پامِني. پام = ڪروڌ ڪرڻ)، عورت، استري، سهڻي عورت.

پانَ: (س. پانَ)، سچ.

پانَ: (س. پاند)، ڳانڍو.

پانت: (س. پيد. پد = پجڻ)، قسم، نمونو، ريت.

پانڊو: (پرا. پنڊ: پنڊگ. س. پانڊ)، وڏي ڪوئي، مٽيءَ جو ٿانءُ، برتن.

پائڻ: (س. پانَ=چاڻ)، پسند ڪرڻ، سمجهڻ.

پاڻ: (س. مانَ. مان = ماپڻ)، آيمان، مغروري، گهمنڊ.

پاڻ: (س. پاند)، وٽو، پيالو، ٿانءُ.

پاڻو: (س. آوَسٿان)، پاڻ، ماڳ، مڪان.

پائيجي: (س. پگنيي. پگني = پڻ)، پڻ جي ڌيءُ.

پاو: س. پاوَ. پو = هئڻ)، نمونو، سياءُ، پيار، حالت، من جي اڇل.

پاونا: (س. پاونَ. پو = هئڻ: سمجهڻ)، خيال، نيت، ارادو.

پاوِي: (سن. پساوني. پو = هڻڻ)، مستقبل، ٿيڻو، وٿندڙ، تقدير.

پاءُ: (گ. پائيي. م. پائو. ڌن. پايا. هير. پائٺو. پرا. پاءُ. سن. پراتر. پراج = چمڪڻ)، پائي، آدو.

پائٺيو: (سن. پراتراج: پراترِيه. پراتر = پاءُ + جڻ = پيدا ٿيڻ)، پاءُ جو پٽ.

پائِي: (پرا. پاءُ. سن. پراتر)، پاءُ، ادو. ڏسو "پاءُ".

پائي بند: (سن. پراتر بند. بند = عزيز، مِٽ، دوست)، پائيءَ وارو، دوست.

پائي چارو: (سن. پراتر چاري)، حصيداري، ڀائيڇو.

ڀڀڪو: (گ. ڀڀڪو. م. ڀبڪا. هير. ڀڀو. سن. ڀسم)، رعب تاب، شان شوڪت، تجمل، ڏيک ويک، سونهن سوڀيا.

ڀڀوت: (سن. وڀوت. وِ = گهڻو + ڀو = هڻڻ)، خاڪ، رَکَ، ڇار، ڦلهيار.

پَٽ: (گ. پات. پرا. پَٽ. سن. پَٽ)، پاليءَ ۽ وڏل ڇالور، ڇانور.

پِٽ: (پرا. پِٽ. سن. پِٽ)، ديوار.

پَتارَ: (سن. پَرتار: پرتر. پَرْ=پالڻ)، مڙس، وَرُ، ڪانڌ.

پِتَرَ: (سن. پِتَرَ)، پينڊي، وَڏڙو، ڏوڙهه.

پِتو: (سن. پرڻ)، مسافريءَ جو راهه خرچ.

پِتو: (سن. پڪت)، ڀراڻو، ڪَمَل، ڪَمل، ڪمزور.

پُتُ: (پرا. پتُ. سن. پتُ)، چارڻ، ڳانڍو.

پَتارو: (پرا. پَتارگ: پتاري. سن. پتارڪ. پَتَ=هوشيار + رَ=وڃڻ. اهو، جو عزت جي لائق هجي)، شريف، پيارو.

پَڪَڻَ: (سن. پَتَڪَڻ. سن. پرانتَ. پَوَمَ=ڦرڻ)، رلڻ، اجايو گھمڻ.

پَڃَنُ: (سن. پڃن. پڃ = پوڄڻ)، ديوتائن جي تعريف ۾ گيت.

پَڃَرُ: (سن. پاڃ. پڃ=جدا ٿيڻ)، ڊوڙڻ.

پِڃڻ: (پرا. آپينڃڻ. آپينڃڻ=آلو ٿيڻ)، پسڻ، آلو ٿيڻ.

پَڃڻ: (پرا. پَنڃڻ. سن. پَنڃڻ. پَڃ = ٽوڙڻ، تقسيم ڪرڻ)، ٽڪر ٽڪر ڪرڻ، حساب ڪرڻ، سلڻ.

پَڃڻ: سن. پرجن. پرج: پرسج = پڇائڻ)، ڳَههِ ۾ پڇائڻ، سيڪڻ.

پَرَ: (سن. پَرَ= پرڻ)، مدار، ٽيڪ، آڌار.

پَرِشتِ: (سن. پَرِشَتَ. پَرِشَ = هيٺ ڪرڻ )، ڪريل، ناس، چٽ، ذليل.

پِرَمُ: (سن. پِرَمَ. پِرَمُ = گهمڻ)، منسو، وسوسو، لچ، پٽ.

پِرنگي: (پرا. پِنگي. سن. پِرنگي. پِر= پرڻ: پِرَم=ڦرڻ)، ڏکڻهاري، گهريتڙي، چيلاٽو.

ساڌو سَنگ ويو، آو ديا سنسو جيءَ جو،

جئن پرنگي ڪيٽ کي، جوڙي پرنگ ڪيو. (سامي)

پَرَڻ: (پرا. پَرڻ. سن. پَرڻ. پَر=پالڻ)، پورو ڪرڻ، تمام ڪرڻ.

پِرَڻ: (سن. پِرسڻ)، ڦرڻ، گهمڻ.

پَرَڻ: (سن. پدر)، ڪِرڻ، جهڙڻ، ڇوڙڻ چوڙڻ ٿيڻ.

پَروسو: (سن. پدرَ آشا. پدرَ= پلو+آشا=اميد)، آسرو، ٽيڪ، آڌار.

پِرون: (سن. پِرو. پِرَم=ڦرڻ. ف. آبرو)، اکين مٿان پنهي پاسي بيٺل وار.

پَڙ: (پرا. پَڊ. سن. پٽ)، هوشيار، خوش، تازو توانو، طاقتور، جوڌو.

پسر: (پرا. پسر. سن. پسمن. پس = خلاص ٿيڻ، کپي وڃڻ)، رک، خاڪ.

پڪلئو: (سن. پنڪل)، ميرو، پريل، مٽيءَ هاڻو.

پڳت: (سن. پڪت. پچ = وڃڻ)، ہوجاري، شيوڪ، پڳت وجهندڙ.

پڳوت: سن. پڳوت، پڳ = بزرگي + وت = وارو)، ايشور، خدا.

پڳڙو: (سن. پرج = پچڻ)، سيڪيل يا پڳل چڙو.

پل مانسي: (سن. پد ر = چڱي + مانشيہ = انسانيت)، سٺو ميڙ، ماڻهپو، آدميت.

پلڻ: (سن. پرم. پرم = پلڻ)، غلط وڃڻ، چوڪ ڪرڻ، گمراه ٿيڻ.

پلو: (پرا. پل: پليہ. سن. پد ر)، چڱو، نيڪ.

پنيا: (سن. بينبت: پيرو) ڪارا.

پنيا پرون پرينءَ جا، اکيون مرڪهہ آچار. (جلال)

پنيوري: (سن. پرمري)، اڏامندڙ جيت جو قسم.

پنيولجڻ: (ڳ. پنيوروں. هيم. پنييي)، موهجڻ، مست ٿيڻ.

پنڊ: (سن. پنڊ)، بھروپي، مسخرو، نيچ، ڦڪڙي.

پنڊا: (سن. پنڊا = ہوتڙا)، گھنڊيدار وار.

جڏهن دلبر ڏيهه ٻڌر جان، تڏهن اٽس اطلس جهڙا آنگ،
ٻونر ڀنڊا ڀڙ دلبر جا، رکن ڏير ڏرڻ جا ڏنگ.
(جلال)

٢- ڀنڊ ٻونر ٻشيهڻ سنبل سنهڙا، ليڻ لال ٻدن.
(محمد)

ڀنڊارَ: (ک. ڀنڊارَ. پرا. ڀنڊارَ سن. ڀانڊاگارَ. ڀانڊ=خزانو + گارَ=گهر)، ڀنڊارو، خزانو.

ڀنڊڻَ: (هير. ڀنڊڻ. پرا. ڀنڊڻ. سن. ڀنڊنَ)، جهيڙو، ڪروڌ، ماتم.

ڀنگَ: (ف. ڀنگ. پرا. ڀنگا، سن. ڀنگا)، هڪ نشيدار ٻوٽي.

ڀنگَ: (سن. ڀنگَ)، آنڪ، روڪ، تڪليف.

ڀنگريو: (پرا. ڀنگريو. سن. ڀرنگج: ڀرنگارڪ)، ٻوٽي جو قسم.

ڀنگي: (سن. ڀڪت. ڀڄ = شيوا ڪرڻ)، گند ٻهارڻ وارو، چهڙو، نيچ ذات.

ڀنگي: (پرا. ڀنگي. سن. ڀرنگي)، چيلاڻو. هن جي چيلهه تمام سنهي ٿيندي آهي، جنهن ڪري اڪثر شاعرن، محبوب جي ڪمر سان تشبيه پڻ ڏني آهي.

ڪنيرڪي ڪت، ڳهني دل جهت، ٻنڪي منهن مت
ڀڻي ۾ لت، هوءِ گمگارا. (حمل)

ٻنڪي: (ف. بنگه)، ٻونـڪي، جهوپڙي.

ٻني: (سن. وِياتر)، پرپات، پرهه ڦٽي.

ٻڻ: (سن. ٻرمڻ)، گهمڻ، ڦرڻ، هلڻ.

ٻؤ: (پرا. ٻي. سن. ڀيه. ڀي = ڊڄڻ)، خوف، ڊر.

ٻوٻر: (سن. ٻو + ٻرج)، خاڪ، ڪنو، ڇل، ڇورو.

ٻوت: (سن. ٻوت. ٻو = ٿيڻ)، ديو، جن.

ٻوتار: (سن. ٻرتا. ٻر = پالڻ)، مالڪ، سائين.

ٻوجن: (سن. ٻوجن. ٻڄ = ماڻڻ)، کاڌو.

ٻورڙو: (سن. ٻرم. ٻرم = ڀل ڪرڻ)، سادهلوح، بيوقوف.

ٻورو: (سن. ٻيرو)، اڇو، سفيد.

ٻوشڻ: (پرا. ٻوسڻ. سن. ٻوشڻ. ٻوش = سونهن ڏيڻ)، زيور، ڏسو "ڳهڻو".

ٻوڪ: (ع. بوق = بصر جي وچ واري سخت ڏاندي، جا ڪاٺو ڪان بيڪار آهي)، بيوقوف.

ٻوڳ: (سن. ٻوڳ. ٻڄ = خوشي ڪرڻ)، مزو، لطف، چرچو، نشو.

پوڪڻ : (پرا. پوگ. سن. پوڪ. پَڃ = ماڻڻ)، ماڻڻ، سهڻ.

پـوم : (ف. بوم. پرا. پوم. سن. پوم)، زمين.

پومڪا : (سن. پومڪا)، مهاڳ، ديباچو، منڍ.

پوميو : (سن. پوم+"ايا" پچاڙي)، زميندار، جاگيردار.

پون : (سن. پوم)، زمين، ڌرتي.

پونر : (گ. پمرا. هه. پنورا. پرا. پمر. سن. پرمر. پرم = ڦيرڦون پائڻ. جو ڦيرڦون پائي)، هڪ قسم جو ڪارو جيت، جو گلن مٿان گنجار ڪندو آهي.

پونري : (سن. پرمرِ)، سهڻي زال.

پونري : (سن. پرمر+"اي" پچاڙي. پونرن جهڙي ڪارو آکي)، ڪجلي، پنوالي.

پولڪنپ : (سن. پوم=زمين+ڪنپ=ڏڪڻ)، زلزلو.

پونڪڻ : (گ. پنورن. هيم. پڪه پرا. پسڻ. سن. پشڻ. پش = پونڪڻ)، ڏاڙهڻ، ٻهڪڻ.

پونگ : (پرا. پنگ. سن. پجنگ. پَڃ = ڏنگو، ٽيڏو + گم = هلڻ. جو ڏنگو هلي)، نانگ.

ڏڏست بينسر بين ۾، پرون پونر پونگ. (مگنهار)

ڀيٽا: (گ. ۽ پيٽ. سن. آپيت: آپ = ويجهو + I = وڃڻ)، نذرانو، ارداس، مقابلو.

ڀيانڪ: (سن. ڀيانڪ)، ڀؤ وارو، خوفناڪ، اگهور.

ڀڃڻ: (سن. ورجن)، ڀڃڻ، موڪلڻ.

ڀڃڻ: (سن. ڀيد = ڌ ڀاڱو)، ڌ ڀاڱا ھيٺ اچڻ، يڪسان ٿيڻ، مقابلي ۾ ڀڃڻ.

ڀيد: (سن. ڀيد. ڀد = ڀڃڻ)، فرق، قسم، ڳجهه.

ڀيروي: (پرا. ڀيشروي. ڀي = خوف پيدا ڪرڻ)، ھڪ راڳڻي جو نالو.

ڀڙ: (سن. ڀيڙ)، ڪڙا ڪيهه، سختي، تڪليف، ڌ ڀاڱ.

ڀڙو: (سن. ملت)، گڏيل، ماڻ، ويجهو.

ڀيل: (گ. ڀيل. سن. ڀل)، ھڪ جهنگلي ذات.

ڀيلو: سن. ملت = ملاوت ڪيل. اڌ ڪچو اڌ پڪو)، ڪچو ڌلو.

ڀينڊي: (سن. ڀنڊا)، ڀاڄيءَ جو قسم.

ڀڻ: (گ. ڀڻ. ڏن. ڀهڻي. پرا. ڀهڻي. سن. ڀگني)، ڀيءُ جي ڌيءَ.

پيٺي : (سن. پيون)، جاءِ، گهر، پناهه.

پيڙويو : (گ. ٻنيوي. سن. پکنسي + پت = مڙس)، پيءُ جو مڙس.

## ت

تاتپرج (سن. تاتپريہ)، اختصار، سار، تت.

تاتڻ : (سن. ترا = نگاهه ڪرڻ)، سنڀالڻ، پالڻ.

تاڃي : (سن. تنُ = ڇڪڻ)، تاڻي، ڪپڙي ڏاهڻ لاءِ ڌاڳن جو ميل، جو ڊگهائيءَ ۾ هجي.

تار : (ف. تار)، ڌاتوءَ جي تند، برقي پيغام.

تارڻ : (سن. تارڻ. ترُ = پار وڃڻ)، پار لنگهائڻ، بچائڻ.

تارو : (پرا. تارا. سن. تارا)، ستارو، اک جو ڊوڙو.

تارون : (سن. تالُ)، وات جو اندريون مٿيون پاسو.

تاري : (سن. ترُ = پار وڃڻ)، مدد، آسرو.

تاڙڻ : (سن. تڏُ = هڻڻ)، تڪڻ، نيڻڻ، جاچڻ.

تاڙو : (سن. تالُ)، هڪيءَ جو قسم، جو مينهن وقت خوشيءَ وچان ٻوليندو آهي.

تاڙِي : (سن. تالَ. تَلْ=گڏ ڪرڻ)، ڪجي، ڪَجيءَ جي رس.

تاڙِي : (سن. تالَ. تاڙْ= هڻڻ، وڄڻ)، هٿ جو اڪاءُ.

تازِي : (ف. =عربي. < تاز= تا زنده=ڊُڙيندڙ) ڊَيندڙ. عربن، مسلمانيءَ جي شروع ۾ ايران ملڪ ۾ ڦرلٽ ڪئي هئي)، ڊُڙيندڙ، تازي گهوڙو، تازِي ڪتو.

تاسَ : (سن. تْرَسَ)، پياس، آڃ، خشڪي.

تاڪِيو: (گ. تاڪو. م. تاڪا. هيم. تَڪَ. سن. تَرْڪَ= تَڪلو)، ڪپڙي جو ٿانَ.

تالَ : (سن. تالَ)، تارُ، ڏَنِ، واڄي جو لهجو، وزن.

تالو : (سن. تَالَڪَ)، قفل، ڪرف.

تامَسِي : (سن. تَمَسَ=اونده)، رات.

تانَ : (سن. تَانَ. تَنْ=ڇڪڻ)، آواز، تالَ.

تانگهو : (ف. تنگ)، ڏرا ڪڙو.

تانَڻُ : (سن. تَنَنَ. تَنْ=ڇڪڻ)، تانگهڻ، ڪوشش ڪرڻ.

تاوَڻُ : (ف. تاوان)، نقصان، ڏوڙ، ڇيهو.

تائِتُ : (ع. تَعويذ=پناه ڏيڻ)، دعا جا حفاظت واسطي (ڏوري ۾) ٻڌجي.

تائِڻُ : (پرا. تاوَڻَ. سن. تاپَنَ)، تپائڻ، گرم ڪرڻ.

تَبِ - تہ ء : (سن. تَدا)، تنهن هوندي ء، تڏهن ء .

تَتَ : (سن. تتْو)، سار، مَتَ، اختصار.

تَنتر: (سن. تنتر)، هڪ مشهور پکي.

تتڪالَ : (سن. تاتْڪالَ. تَدْ=اهو + ڪالَ = وقت)، انهيءَ وقت، جهٽ پٽ.

تنهنکي ڏيان تتڪالَ ء، مَن مُوهَن ملي. (سامي)

تَتَو: (سن. تَتْوَ : تتو. تَتْ = هُو + تَوَ = پاو، گُن)، عناصر. تَتو پنج آهن : ١- مٽي ٢- پاڻي ٣- باهه، ٤- هوا ٥- آڪاس.

تِٿ : (سن. تِٿ)، هندن جي مهني جي تاريخ يا ڏينهن.

تَٽ : (پرا. تَڊ. سن. تَٽ)، ڪنارو.

تَپ : (ف. تَپ. گ. تِپ. سن. تاپ. تَپْ = گرم ٿيڻ)، بخار، گرمي، دک.

تپاسَ : (ع. تفحص)، چڪاس، جاچ.

تَپسيا : (سن. تَپَسْيا. تَپْ = گرم ٿيڻ)، تَپ، يوگ، بدن کي تڪليف ڏيڻ.

تَپَڻ : (سن. تَپَنَ. تَپْ = گرم ٿيڻ)، ڪوسو ٿيڻ.

تَجَڻ : (سن. تِيَجَنَ. تِيَجْ = ڇڏڻ)، تياڳڻ، ڇڏڻ.

تِچ : (پرا. تَچ. سن. تَچّ)، ناچيز، نيچ.

تِڇڻُ : (گ. تاڇوَنَ. هيم. تَڇُ. پرا. تَڇّڻَ. سن. تَڪشَڻَ. تَڪشُ=وڍڻ)، ڇلڻ، کَل لاهڻ، ڪپڻ، وڍڻ.

تَدُ روپَ : (سن. تَدْرُوپَ. تَدْ=اهو، ساڳيو+رُوپَ=شڪل)، جو مُلهه، مانَ، رُوپَ ۾ ڳڻ ۾ هڪ ٻئي وجهي، برابر، هڪ روپ.

تُڏو، (سن. تَلاڇِي)، تونري، نَڪ.

تِر : (سن. تِلَ)، اناج جو قسم.

تَرار : (سن. تَرَوارِ)، تلوار، کَنو، کَڙڳ.

تَراڙِي : (سن. تَلا. تَلَ=تورڻ+"ڙِي" پڇاڙي)، تارازي، ساهمي.

تَرائي : (سن. تَلَ = ترو، هيٺ +"اي" پڇاڙي)، جبل جي پروارو ميدان.

تُرْتَ : (گ. تُرت. سن. تُورِت. تُورْ= تڪڙو هلڻ)، جلدي، سگهو، جهٽ پٽ.

تِرچو، (پرا. تِرِڇ. سن. تِرْيَڇْ)، آڏو، پاونجيرو، آڏيڪڙو.

تَرَسُ : (ف. ترس. ترسيدن = ڊڄڻ. سن. تْرَسَ)، رحم، ديا، قياس.

ترشنا : (سن. ترشنا. ترش=اڄ لڳڻ)، پياس، لالچ، خراهش.

ترڪ : (سن. ترڪ. ترڪ = خيال ڪرڻ)، ذڪر.

ترڪش : (ف. تيرڪش. تير + ڪشيدن. ڪش = ڇڪڻ.
جتان ڇڪجن يا ڪڍجن)، ڀٿي، تيردان.

ترلوڪ : (پرا. تئلوڪ. سن. ترلوڪ)، ٽي لوڪ. ١- بهشت
٢- ڌرتي ٣- پاتال.

ترڻ : (سن. تاڊ + ٻنا)، ڪنڦل، ڪن ۾ پائڻ جو
زنانو زيور.
بازو بيحد تاب ترڻ ۾، عطر عنبر نس نس (صابر)

ترنگ : (پرا. ترنگ. سن. ترنگ. تر = پار ٽپڻ)، لهر،
موج، ڇولي، امنگ.

ترنگ : (پرا. ترنگ. سن. ترنگ. تر = تيزي + گم =
هلڻ)، گهوڙو، وارو.

ترني : (پرا. ترني. سن. ترني)، جوان استري، جا ١٣ کان
٣٠ سالن تائين هجي.
ترني لوئي تل، مرڪند ۾ سرها ڪيا. (ڪنيار)

ترني : (پرا. ترڻ. سن. ترڻ)، ٻيڙي، مڪڙي.

تَرَنِي: (سن. تَرَڻ)، سج، ڪنوڻ، وڄ.

آسَرُ وِڄَ آئي ڪَري، ڏُنِ جانَبِ جو جِلوو،

موهيو مَنَ محبوبَ، ڏِٺي تَرَنِيءَ جان تَجلو. (سينگار)

تَرَڻَ: (پرا. تَرَڻَ. سن. تَرَڻَ. تُرَ=پار ٿيڻ)، ندي پار ڪرڻ.

تَرَڻَ: (سن. تَرَڻَ+ترانا)، گِيهه يا تيل ۾ شيءِ پچائڻ.

تَرَڻَ: (پرا. تَلَڻَ، سن. تَلَنَ. تَلَ=وزن ٿيڻ)، وزن ٿيڻ.

تَرو: (پرا. تَلَ. سن. تَلَ. تَلُ=هڪ هنڌ ٿيڻ)، هيٺيون پاڱو، پاڙ.

تِرورو: (سن. تِرَسَرِڻَ)، ڪِرڻو، روشنائيءَ جو ليڪو.

تِروڪڙي: (سن. تِلَڪَ)، ڏينپوڙي.

تَرَهو: (پرا. تَرَءَ. سن. تَلَڪَ)، وڏو تلاءُ.

تَرَهو: (سن. تَرِي. تَرُ=پار وڃڻ)، اها شيءِ، جنهن تي، ترجي، ڪکن، ڪاٺ يا ڪالين جو ٺهيل ويڙهو يا مڇو.

تَرِي: (سن. تَلَ)، هٿ يا پير جو ترو.

تِري: (سن. تِلَڪَ)، تلي، اندر جو هڪ نازڪ عضوو.

تَرِي: (پرا. تورِ. سن. تورِ)، توتاري، شرناءِ.

تَري: (پرا. تُلا. سن. تُلا. تُلْ=تورڻ)، تارازي، ساهمي.

ثُريا: (سن. تَريہ)، چوٿين منزل، جتي ڇهون مان (هندن جي عقيدي موجب) خدا مان ملي سگهجي ٿو. هندن جي عقيدي موجب چار منزلون آهي. ڏسو "اوستا".

تَڙَ: (سن. تَٽَ)، ڪَهيڙ، ڪهاٽ.

تِڙڪو: (گ. تَڙَڪو. هيم. تردِّي. سن. تَرَسَرِيڻَ)، آسَ.

تَڙڪڻُ: (سن. تَرَ= ٻار وڃڻ)، گهٽو وهنجڻ.

تَڙَڻَ: (سن. تَڊْ= هڻڻ)، هڪاڻ، ڪاهڻ.

تَڙي: (گ. تَڙِي. ڏن. تاڊِيہ. سن. تاڊِتَہ. تَڊْ=مارڻ: هڻڻ)، ڏَسڪي، هڪل.

تَسَرَ: (پرا. تَسَرَ. سن. تْرَسَر)، ريشمي ڪپڙن جو قسم.

تَسري: (ع. طَشت. ف. تَشت)، ننڍڙي ٿالهي، ٿانءَ جو قسم.

تَسڪَر: (پرا. تُڪَرَ. سن. تَسْڪَرَ. آتَ = هن ڪان+ڪَرْ =ڪرڻ)، چور.

پهلا پَهَرَ سپڪو جاڳي، ڏوجها پَهَرَ پوڳي،
تيجها پَهَرَ تَسْڪَرَ جاڳي، جوٿا پُهَرَ جوڳي.
(چوٿي)

تَسَڻُ : (سن. ترسڻ. ترش=اڄ لڳڻ)، پياس لڳڻ.

تُسَڻُ : (سن. تش)، ريجهڻ، خوش ٿيڻ، راضي ٿيڻ.

تفنگ : (ت. توپ + "انگ" نسبت جي نشاني)، بندوق، توب.

تَڪَ : (سن. ستوڪ)، پند، بيت جو پاڱو، ڪڙي.

تَڪَڻُ : (گ. تاڪون. ڏن. تڪيو مٿا. هير. تڪٿا. سن. ترڪڻ. ترڪ = خيال ڪرڻ)، نظرڻ، نهارڻ، گهورڻ، باربار ڏسڻ.

تَڪيو : (ف. تڪيه)، وهاڻو، آڌار، جاءِ، هنڌ.

تَڪَڙُ : (ف. تن = بدن + ه. ڪڙا <سن. ڪڊ=چست)، ڪڙو تڙو، چست.

تَڪاڏو : (ع. تقاضا = گهر)، ڪنهن ڪم لاءِ بار بار تاڪيد ڪرڻ، چتاءُ.

تَڳِي : (هير. تنگي)، رات.

تڳيءَ ۾ تجلو ڪري، جشن چمڪي چاسينگر.
(سينگار)

تَلَ : (پرا. تل. سن. تليم)، سمان، برابر، مٽ، جوڙ.

تَلاءُ : (ف. تالاب، تلاب. هير. تلائو: تل. پرا. تلاو سن. تڊاگ)، چشمو، سر.

تَلسِي: (پرا. تَلسِي. سن. تُلسِي تَلا = برابري + آسَ = چڙڻ. جنهن جهڙو ڪونه هجي)، هڪ ٻوٽي جو قسم.

تِلَڪ: (پرا. تِلَڪ. سن. تِلَڪ)، ٽڪو، نشان.

تَلِي: (سن. تَلَ=ترو)، ترائي، هيٺاهين زمين.

تَلِيهَر: (سن. تَلَ = ترو + هَرَ = ڪٽيندڙ. جبل جي تري مان هوا ڪٽيندڙ)، تانگ جو قسم.

ڪالي ڪيس تَلِيهَر تکي، آبرو قوس ڪمانا.
(عالم خان)

تَماڪ: (گ. تَماڪ. م. تَنباڪو. سن. تَماڪ. ف. تَنباڪو)، ٻوٽي جو قسم، جنهن جا پن پيڙهن ۾ چلم وغيره ۾ ڪم ايندا آهن.

تَنَ: (ف. تَن. سن. تَنَ)، بدن، ديهه، سرير.

تَنِ: (سن. تَنْ=تنگ ڪرڻ)، ٽيڻيي، سوراخ، تنگ.

تَنبُو: (گ. تَنبَ. م. تَنبَو. سن. سْتَنبَ=ٿنڀو)، خيمو، ڪپڙي جو گهر.

تَنبو: (پرا. تَنبَ. سن. تَنبَ)، ڪدو.

تُنبورو: (ع. طَنبور <ف. دَنب بره دَنب = دَم = پڇ +

بُره=دنبو. دنبي جو پڇ. "تنبوري" جو "ڏيَرَ" ۽ "ڏنبي" جي پڇ جهڙو آهي)، وڄائڻ جو هڪ ساز.

تَنڊَ: (پرا. تَنتُ. سن. تَنتَ)، ڌاڳو.

تَندَرُستَ: (ف. تَن + دَرُست = ٺيڪ)، چڱو ڀلو، خوش.

تَنگي: ڏسو "تَڳي".

تَنَنَ: (سن. تَوڻُ)، تَنگ پرڻ، سوراخ پورڻ.

تَنَ: (سن. تَنُ = مدد ڪرڻ، واهر ڪرڻ)، واهر، مدد، ٽيڪ، آڌار.

۱- مَسَتِي هَلِي مَجَ ڏي، ڪَري تَوڪل تَنَ،
ثَمر نہ ڪنيائين ساڻ ڪو، توڙي ٿَڪي هَنَ.
(حمل)

۲- ميان صاحب پِير، منهنجا پَلا پِٽ ڏني،
تَنهنجِي آهي تَنِي، اِيهُ ڪَنڌِي ڪاڻ ڪا.
(سرڏناري)

توبِرو: (ف. توبَره)، گهوڙي کي داڻي ڏيڻ لاءِ چمڙي يا ڪاپڙ جو ٿيلهو.

تُوتِيو: (سن. تُتُ)، وکر جو قسم.

تورَ: (سن. تُلْيَہ=برابر)، جيڏو، سرتو، پڇاڻ.

تورَتَڪ: (سن. تَرْڪَ)، اٽڪل اندازو، خيال.

تُوري: (سن. تُورَ) ٻاجهي جو قسم.

تولو: (سن. تولَڪَ. تُلْ = تورڻ)، ٻارنهن ماسن جو وزن، سير جو اسيون حصو.

تونس: (سن. تَرِس)، ٻاهه، گرمي، اڃ، آسات.

تَهَ: (پرا. تَسَ. سن. تَشَ)، اناج جون ڪلون.

توهَ: (سن. توشَ. تُشْ=راضي رهڻ)، مهرباني، احسان، لطف، آسرو.

توهارَ: (هہ. تو <سن. تَوَمْ+آهارَ: آڌارَ=ڪاڌو: ٽيڪ)، تنهنجي آڌار، تنهنجي آسري. ڏسو "آڌار".

تُهائڻ: (سن. تُشْ = راضي ٿيڻ)، خوش ڪرڻ، آرام ڪرڻ، هر ڪائڻ.

تِياڳ: (سن. تْياگَ. تْيَجْ=ڇڏڻ)، دنيوي شين کي ڇڏڻ.

تيجَ: (سن. تيجَسْ)، چمڪو، روشني، پرڪاش، جلوو.

تِيرَٿ: (سن. تِيرْتَ. تْرْ = پار ٿيڻ)، پاڪ آستان.

تيرَهَن: (سن. تْرَيو دَشَنْ. تْرِ=ٽي + دَشَنْ = ڏهه)، ڏهه ۽ ٽي.

تيلَ: (گ. تيلَ. م. تيلَ. پرا. تيلْ. سن. تَئيلَ)، روغن.

تيوَنُ: (سن. تِيمَنُ)، گوشت.

تَئو: (گ. تَوو. ڏن. تَوَئو. سن. تَپَڪَ. تَپْ = گرم ٿيڻ)، لوه جو گول ٿڪر، جنهن تي ماني پچائجي.

# ٿ

ٿاجو: (سن. پوتَ)، منڊلي، ٽولو، ميڙ، سماج. اصل لفظ "جٿو" آهي، جنهن مان "ٿاجو" ٺهيو آهي.

ٿاڦَڻ: (سن. سٿاپَنَ. سٿا = قائم ڪرڻ)، ٿڦڻ، ڪنهن جاءِ تي رکڻ، مڙهڻ.

ٿاڪَ: (گ. ٿاڪ. سٿا = هڪ جاءِ ٿيڻ + ڪَ)، ٿانءُ، ٺڪاڻو، جاءِ.

ٿالهي: (پرا. ٿالي. سن. سٿالي)، ننڍو ٿالهه.

ٿانَ: (سن. سٿانَ)، جاءِ ماڳ، پاڙو، وٿاڻ، ڪپڙي جو تاڪيو.

ٿانءِ: (سن. سٿانَ)، ٿانيڪو، هنيڪو، محفوظ.

ٿانءُ: (پرا. ٿاڻَ. سن. سٿانَ. سٿا = هڪ جاءِ ٿيڻ)، آستان، جاءِ، رهڻ.

ٿامَ: (سن. ستامَ = ترو)، ڍريل، گھٽو، ٿھو.

ٿَجَ: (سن. ستن. ستنَ = آواز ڪرڻ)، عورت جو کير.

ٿَڏَ: (سن. ستبند)، مردي، ھارو.

ٿَرَ: (پرا. ٿل. سن. ستل. ستَل=ٻيھڻ)، خشڪي، بر، جاءِ، ھنڌ.

ٿَرٿري: (گ. ٿَرَ. پرا. ٿَرَ. سن. ستر. ستر=ڍڪڻ)، کير جو ڇِٽو يا ٿھُ.

ٿِڙڪڻ: (سن. ترِينڪ)، ترڪڻ، پنھنجي جاءِ تان پري ٿيڻ.

ٿَڪ: (ف. تف. پرا. ٿڪ. سن. ٿر تڪرت)، وات مان نڪتل ڪَج يا جھڳ.

ٿَڪَڻ: (گ. ٿاڪون ھير. ٿَڪِءِ. پرا. ٿڪ. سن. ستا+ ڪر)، ڇڪي وڃڻ، پورھئي ڪان ٿڪاوٽ محسوس ڪرڻ.

ٿِڪِڙي: (سن. وِٽڪا)، اکڙي، رِيڙ، ھِڙي، ڇِيوٽ.

ٿَلُ: (سن. ستَل)، جاءِ، منڍ، ٿلھ.

ٿَلھو: (ع. تل)، وڏي دڪي، ڍِڪ، آسڻ، جاءِ.

ٿُلھو: (پرا. ٿُلُ. سن. ستول. ستول = ٿلھو ٿيڻ)، ماس ڀريل، موٽو.

ٿمڻ: (پرا. ٿنڀڻ. سن. سٿمڀن)، ٿم ڪرڻ، ڪنهن جاءِ تي هٽيڪو ڪرڻ، ٽانيڪو ڪرڻ.

ٿنڀ: (پرا. ٿنڀ. سن. سٿنڀ. سٿنڀ = روڪڻ)، ٿنڀو، ٿوڻي، ٽيڪ، آڌار.

ٿنڀلي: (سن. سٿنڀ + "لي" پڇاڙي)، ٻاجاريءَ جي هيٺين پٽي.

ٿڻ: (گ. ٿاڻ. ڌن. ٿڻا. پرا. ٿڻ. سن. سٿن)، ٻٻو، اوھ، ڇاتي.

ٿوٿر: (گ. ٿوٿر. سن. شوف + "ٿر" پڇاڙي)، موچ.

ٿورو: (هير. ٿيوو، ٿوئو. سن. سٿوڪ)، گهٽ.

ٿورو: (سن. سٿوڪ. سٿ = ساراهڻ)، احسان، ڀلائي.
ٿورا نہ ٿورا، مون تي مارو ئڙن جا. (شاه)

ٿوڪ: (سن. سٿوڪ = ٿورو، ٿوري شيءِ)، چيز، وکر.
٢- پدارت، ڌن، دولت. ٣- وقت، مند، موسم.
١- هنئون ڏجي حبيب کي، لڳ ڳڏجن لوڪ،
ڪڏيون ۾ ڪروتون، اي ٻہ سگهر ٿوڪ.
(شاه ڪريم)
٢- ٿڙڪي ٻسي ٿوڪ، ترڪي تڪبرم ٿي. (شاه)
٣- مونکي ڏيهان لڪتي، ٻہ ٽي ٿوڪ ٿيا. (شاه)

ٿوڪار: (سن. ٿوتڪار)، ٿڪ ڦٽي ڪرڻ جو آواز.

ٿوم: (ع. فوم. ثوم)، ڀاڄيءَ جو قسم.

ٿوڻي: (سن. ستونا)، منهي، ٿنڀو، آڌار، آسرو.

ٿوهر: (سن. ستوهڻ)، ٻوٽي جو قسم.

ٿهڻ: (سن. ستيرڻ)، ٿهڙ، ٺاهڻ، اڏڻ، ڪا جاءِ ٺهڻ.

ٿيٽ: (سن. تٿ)، ٻول، ڳراهڪي، آسامي.

ٿيڪڻ: (سن. ستڪ = روڪڻ)، صبر ڪرڻ، بس ڪرڻ، هٽائڻ.

ٿيلهڻ: (ه. ٺيلنا. سن. ٺلن = هڻڻ)، ڌڪڻ، اڳتي هلائڻ.

ٿيلهو: (گ. ٿيلو. م. ٿيلا. هيم. ٿوي. سن. ستل. ستل = قائم ڪرڻ)، ڪپڙي يا چمڙي جي ڳوٿري.

## ٽ

ٽاپ ٽپ: (سن. ستاپن)، گهوڙي جي سنبن جو آواز.

ٽارڻ: (سن. ٽلڻ = هڻڻ)، هٽائڻ، موٽائڻ.

ٽاڪڻ: (سن. ٽنڪن)، ٽوپو ڏيڻ، ريهڻ.

ٽامو: (پرا. ٽنب. سن. تامر)، ڌاتوءَ جو قسم.

ٽانڪر: (سن. ٽنڪ. ٽنڪ = وجهي)، ٻڪي.

ٽاهڙ: (سن. ترس — ڊڄڻ، ف. ترس = ترسيدن = ڊڄڻ)، ٽهندڙ يا ڇرڪندڙ ڍور.

ٽپڪڙا: (سن. پٽڪ. پٽ. = گڏ ڪرڻ)، ٽپڻيون، ڪارا، چاپيون. ٽوڪريون.

ٽٽڻ: (پرا. ٽٽ. سن. ترٽ)، ڀڄڻ، ٽڪر ٽڪر ٿيڻ، ڇڄڻ، ڪرڻ.

ٽٽون: (گ. ٽٽو. هيم. ٽارو. سن. (ترنگم)، ننڍي قد وارو گهوڙو.

ٽٽيهر: (پرا. ٽٽيب. سن. ٽٽيپ)، هڪ پکيءَ جو نالو.

ٽپڻو: (سن. ٽپڻي. ٽپ = ڏسڻ)، جنتري.

ٽڦلو: (ع. اطريفل <سن. تري ڦل. تري= ٽي+ڦل= ميوا. ٽي ڦل. ١- هربڙون ٢- ٻهيڙا ٣- آورا)، هڪ دوا جو نالو.

ٽجوڙي: (انگ. ٽيري Treasury)، خزانو.

ٽڪ: (پرا. ٽڪ. سن. ترڪ)، چرخي جي سرائي.

ٽڪالو: (سن. ٽڻان. ٽٿا=ترسڻ)، ٽڪالو، جاءِ، هندن جو پوتر هنڌ.

ٽڪرڻ: (سن. ٽنڪر)، ٻن شين جو پاڻ ۾ زور سان لڳڻ.

ٽڪرو: (سن. ٽتوڪ)، حصو، ڀاڱو.

ٽڪري: (گ. ٽڪري. هيم. ٽيڪر)، ننڍو ٽڪر، ٽڪريون.

زمين، جنهن جي اوچائي هزار فوٽن کان گهٽ هجي.

ٽِڪڙو: (سن. وِٽِڪا)، ٽِڪِي، لولو، مٽي جو زنانو زيور.

ٽِڪنڊو: (سن. ٽِرڪوڻَ. ٽِر= ٽي + ڪوڻَ = ڪنڊ)، اها شڪل، جنهن جا ٽي پاسا بند هجن.

ٽِڪڻُ: (گ. ٽِڪُون. م. ٽِڪڻُ. سن. سٿِتَ)، رهڻ، ترسڻ.

ٽَڪو: (سن. ٽَنڪَ)، پن پيسن جو سڪو.

ٽِڪو: (سن. تِلَڪَ)، نرڙ تي اشان، داغ، چٽو.

ٽَلَڻَ: (سن. ٽَلَنَ)، ٽرڻ، هٽڻ، پاسو ڪرڻ، ٻِهَڻ ويچارڻ.

ٽِلِي: (هه. ٽالِي. سن. تالَ)، چڙيءَ جو قسم.

ٽِمڪَڻ: (سن. ٽِم = ٽڏ و ٽيم)، ٽم ٽم ڪرڻ، ٽڏي روشنيءَ سان چمڪڻ.

ٽَنڊو: (سن. ٽَنڊَ)، لولو، هٿن کان جڏو.

ٽَنڪارَ: (پرا. ٽَنڪارَ. سن. ٽَنڪار)، سيگ يا ڪمان جو آواز، ٽونڪار، دانهن، ٽڪ ٽڪ جو آواز.

ٽَنگَ: (هيم. ٽَنڪا. سن. ٽُنگا)، چنگهه.

ٽِنگَرُ: (ف. تيگر. سن. ٽَنڪارِي. ٽَنڪارَ = تير جو آواز)، تير.

ٽنگر ٽڪيو ڪين ڪي، ٻار رسيو ڀيلو. (شاه)

ٽڪسال: (سن. ٽنڪشالا. ٽنڪ = سڪو + شالا = جاءِ. اها جاءِ جتي سڪا ٺهن)، ضرب خانو.

ٽنگڻ: (سن. ٽنگڻ)، مٽي ڪري ٻيهارڻ، ٽنگڻي.

ٽوٽ: (سن. ترٽ)، ٽوٽو، گهاٽو، ڇيهو، نقصان.

ٽوٽڪو: (سن. تروٽڪ. ترٽ = ٽٽڻ)، لٽڪو، ٽرٽو، ڀنتر منتر.

ٽوٽو: (سن. تنڊ)، ٽڪرو، حصو، ڀاڱو.

ٽوپي: (سن. چوڙ = ڍڪڻ)، ڪلاه، ٽوپ جو قسم، ٽڪر جي ٺهيل شيءِ، جا چلم يا حقي ۾ گوهه مٿان رکجي.

ٽورڻ: (سن. ٽورڻ. ٽور = ٽڪڙو هلڻ)، ڪاهڻ، هلائڻ، گهمائڻ، ٽڪڙو هلائڻ.

ٽوڙڻ: (سن. ترٽ)، ڀڃڻ، ٽڪر ٽڪر ڪرڻ.

ٽوڙي: (سن. تروٽڪي)، راڳڻيءَ جو قسم.

ٽوڪ: (سن. ستوڪ)، ٽٽول، ٺشري.

ٽولو: (سن. ٽولڪا)، منڊلي، ميڙ، جٿو، گروه.

ٽونڊ : (ف. طره)، ڦندڻ، جهاڙو.

ٽوٽو : (سن. تنتر)، جادو، ڦيڻو.

ٽوهه : (سن. تـرهس)، هڪ وَلِ جو ڪڙو ڦَر.

ٽهائي : (سن. ترتيم)، ٽيون حصو.

ٽهل : (سن. تت+چلن)، شيوا، چاڪري، خدمت.

ٽهڻ : (سن. ترس=ڏڄڻ)، ڇرڪڻ.

ٽيامي : (گ. ٽيامي. سن. ترشيت. ترِ=ٽي+آشيت=اسي)، اسي ۽ ٽي.

ٽيانوي : (سن. ترِنوت. ترِ=ٽي+نوت=نوي)، نوي ۽ ٽي.

ٽيتاليهه : (سن. ترچترارنشت)، چاليهه ۽ ٽي.

ٽيڪڻ : (سن. ترا=نگاه ڪرڻ)، تاڙڻ.

ٽيويهه : (سن. تريستر نشت)، ويهه ۽ ٽي.

ٽيپو : (ڏن. ٽيوو، ٽبو. هر. ٽيوو. سن. ستوپ)، ڦڙو، قطرو.

ٽيجهو : (سن. ترتيا)، هڪ جي ٽين تاريخ، ٽيون.

ٽيڏو : (سن. ترس)، ڏنگو، ٻاونجيرو.

ٽيڪ : (گ. ٽيڪ. سن. ٽيڪ=وڃڻ، مدد وٺڻ)، مدد، آڌار، سهارو.

ٽِڪا : (سن. ٽِيڪا. ٽِيڪ=وڃڻ، سمجهائڻ)، آرٿ، مطلب، معنيٰ، شرح.

ٽيلو : (سن. آشٽيلا)، دڙو، پهاڙ، ٻٽ، تخت.

ٽِيهَ : (سن. ترنشت)، ويهه ۽ ڏهه.

ٽِيهَتَرِ : (سن. ترسپتت)، ستر ۽ ٽي.

## ٺ

ٺاپرِ : (سن. ستتر = قائم)، ماٺ، آرام.

ٺاڪَرُ : (گ. ٺاڪور. سن. ٺڪر)، ديوتا، مُکيه، عزت جو لقب (هندن ۾).

ٺامَ : (ڏن. ٺام. سن. ستان)، جڳهه، آستان، هنڌ، جاءِ.

ٺاڻ : (هير. ٺاڻ. پرا. ٺاڻ. سن. ستان)، جاءِ، هنڌ، وٿاڻ. جتِ ٻَڌهن گهوڙا، الهيءَ ڪي چون ٺاڻ. (گل)

ٺَٽِ : (سن. تَٽ = تڙ، ڪنارو)، واهه يا درياءَ جي ڪپ تي ٻڌل شهر.

ٺَٽَ : (سن. ستاتر)، سجاوٽ، سينگار، اڊمبر.

ٺَٺوليي : (سن. آنهاس)، کِل، مسخري، چرچو، ٺوڪ.

ٺِڪَرَ : (سن. شرڪرا)، پڪل ٺانءَ جو ٺڪر، وڏي ٺڪري.

ٺَڳَ : (سن. ستڪ. ستڪ = ٺڳي ڪرڻ، لڪائڻ)، دغاباز، دوکيباز، ٺڳيندڙ.

ٺلهو: (هيم. ٺلو، هه. نِ = نه + ٺهل = ڪم. سن. نِ + تَتَ = چلڻ)، خالي، بيڪار، واندو.
ٺلهو چٽو، وچي گهٽو. (پهاڪو)

ٺوس: (سن. سٿاس)، ڀاري، وزني، مضبوط، ڏاڍو.

ٺونٺو: (سن. سٿاڻ)، لولو، هٿن کان جڏو.

ٺونڪو: (سن. تنڊ)، ڇهنب جي مار، آڱر جي ٺرڪو.

ٺهراءُ: (سن. سٿيرهه)، رٿ، تجويز.

ٺيڪ: (سن. سٿت. سٿا = بيهڻ)، برابر، سچ، تحقيق.

ٺيلهڻ: (هه. ٺيلنا. سن. ٺلن)، ٺيلهڻ، ڌڪڻ.

# پ

پابند: (ف. پاءِ + بند. سن. پادبند. پيرن ٻڌڻ جو رسو)، ٻڌل، سوگهو، قابو.

پاپوڙو: (سن. پدمني = پيٽي)، پيڻ جو پن.

پاپوهڻ: (سن. پرسون)، لڙڻ، ڪيلڻ، مشڪڻ.

پاتال: (سن. پاتال پت: پاتُ = ڪرڻ + آلم = جاءِ. سڀ کان هيٺاهون ملڪ)، ترو، زمين ۽ سڀ کان هيٺاهون ملڪ، دوزخ. پاتال ست آهن: ١- آتل

٢- وِتَل ٣- سَتَل ٤- تلاتَل ٥- مَهاتَل ٦- تَتل

رَساتَل .

پاتَڪ : (سن. پاتَڪ. پَتَ=ڪرڻ+آڪَ. هيٺ ڪيرائيندڙ)، گناهه، پاپ، ڏوهه.

پاتَل : (سن. پَتراوليي)، وڻ جي پنن مان ٺهيل ٿالهي.

پاٿاري : (سن. پرستَر)، ڪکن ڪانن جو وڇالو.

پاٿودَر : (سن. پاٿودَر)، بادل، ميگهه، ڪڪر.

پاٿ : (سن. پاٿر. پا=ٺڪر جو پيئڻ)، ٿانءُ، وڏو پاٿوڙو.

پاٺشالا : (سن. پاٺَ=سبق+شالا = جاءِ)، مڪتب، مدرسو.

پاٺو : (سن. پَٽڪا)، اهو ٿلهو سخت پنو، جو جلدبندي جي ڪم اچي، سَڪَل خشڪ.

پاپ : (سن. پاپ)، گناهه، ڏوهه، برائي.

پاپڙ : (سن. پرپَٽ)، سالهه، مگ وغيره مان ٺهيل سنهڙي گول ماني.

پاپڙي : (سن. پال)، ڪَن جي چوٽي.

پاجي-پاڃي : (ف. پاجي. سن. پاڌ)، لچ، ڪميڻو نوڪر.

پَهه رب پاڃي پرجو، لس رب راس نه روءِ. (جلال)

پاڇو : (سن. ڇايا)، پاڇولو، عڪس، ڇانو.

پاڇي : (سن. پَشچاتْ)، باقي، پڇين حصو، پڇت.

پاخانو : (ف. پاي = پير + خانہ. اها جاءِ جتي پيرن تي اوڪڙو ويهجي)، جاءِ ضرور، ٽٽي، پوريز.

پادر : (سن. پاد ترہ پاد ترڻ. پادَ= پير)، ڪلو، سوچڙو.

پادري : (پور. پيڊري)، عيسائي مذهب جو مولوي.

پار : (سن. پار)، نديءَ جو ٻيو ڪنارو، حد، ڇيڙو، پاسو، طرف.

پارانو : (سن. پرشٽ پاو. پرشن=سوڪان+ پاوَ = حالت. سوڪڻ جي حالت)، نياپو، پيغام.

پارس : (سن. سپرشمڻ. سپرش = لڳڻ + مڻ = پٿر جو قسم)، پارس پٿر.

پارسي : (ف. پرا. سن. پارسي)، پارس ديس (ايران) جي ٻولي. ايراني.

پارو : (سن. پراليہ)، ٿڌ، سردي، رهي.

پارو : (گ. پارو. پرا. پارد. سن. پارد. ٻر = پورو ڪرڻ: پار= پار ڪرڻ + دا = ڏيڻ)، هڪ قسم جو پٽڙو ڌاتو، سيماب.

پاريچو : (سن. پارَويشي. پارَ = پرَين پرَ + ويشي = رهندڙ)، پار رهندڙ، درياءَ جي هُن پر رهندڙ.

پاڙڻ : (سن. پالْ = پالن)، پورو ڪرڻ.

پاڙيسي : (سن. پْرَتِوِيشِي : پْرَتِوامِي. پْرَتِ = سامهون + وِش = داخل ٿيڻ)، پاڙي ۾ رهندڙ، پاڙيچو.

پاسري : (هير. پاسَلْ. پرا. پَنسلَئا. سن. پرشڪا)، پاسلي ۽ پاسي جو هڏو.

پاسو : (ڏن. پاسا. سن. پارْشْوَ)، پرسان، ويجهو، بدن جو پاسو، طرف.

پاڪيزو : (پاڪيزه. پاڪ = صفا + "يزه" تصغير ۽ نسبت جي نشاني. پاڪڙو. ٢- پاڪي = صفا + زَه = زاده = چاول. پاڪ چاول)، پاڪ.

پاڪَرَ : (هير. پَکَرَ. سن. پْرَڪشَرَ : پْرَڪَرَ)، زره.

پاڪَنڊَ : (سن. پاشَنڊَ)، ڍونگ، چل، دوکو، ٺڳي.

پاڳي : (گ. پَڳي. م. پاوَڳي. هير پاڱڪا. سن. پَدَ = پير)، پَڳي، پيري، پيرا واڍو، پير ڪڍندڙ.

پال : (گ. پال. سن. پَٽْوَ : پَلَ)، ڪپڙي يا ڪوٺين جو تنبو.

پالر: (سن. پلوَ)، ٽاري، ٽانگن جو هجوم. ڏسو "پلر".

پالڪ: (پرا. پالنڪ. سن. پالنڪا: پالنڪيہ)، ساڳ جو قسم.

پالڪي: (سن. پلينڪ)، ڏولي.

پالڻ: (سن. پالن. پال=پورو ڪرڻ)، پرورش ڪرڻ.

پاليهر: (گ. پار يوو. سن. پاراوَت)، ڪبوتر.

پان: (سن. پرڻ)، پان جو پتو يا پن.

پاند: (سن. پرانت. پر=چوڌاري +آنت=حد، ڪنارو)، ڇوڙ، ڪنارو، پاڙ، پلاند.

پانڊَو: (سن. پانڊو)، بهادر، سردار.

پانڌي: (سن. پنٿڪ. پنٿ = وڃڻ)، پانڌيڙو، راهي، مسافر، خابرو.

پانڌي چڱج پر ين ڪي، جور هٿيي جانا. (شاه)

پانو: ڏسو "پاونڪ".

پاڻ: (پرا. آپا. سن. آتما)، خود، پنڊ.

پاڻو: (سن. پرياڻ. پر= اڳتي + يا = وڃڻ)، مڪان، هنڌ. ڏسو "پرياڻ".

پاڻي: (سن. پانيہ. پا = پيئڻ)، آب جل، جر.

پاولنگ : (سن. پانڊو)، بهادر، بانڪو.

پاهَ: (سن. پيه. پا = پيئڻ)، پاڻي، ڪاڏو، چارو.

پاهُه : (سن. پاشاڻ. پش = پيهڻ)، پٿر.

پاهون : (سن. پشچ : پرشنست)، پونتي، پٺتي.

موتَ محب پاهُون، تاڪَن تَڪي آهيان. (شاه)

پاءُ : (گ. پاء. سن. پادَ)، چوٿون حصو، سير جو چوٿون حصو.

پائلي : (سن. پادَ+"لي" پڇاڙي)، روپئي جو چوٿون حصو.

پائڻُ : (سن. پراپن. پرَ=چوڏاري+آپ=حاصل ڪرڻ)، ملڻ، حاصل ڪرڻ، وٺڻ، پهرڻ.

پائي : (گ. پائي. هه. پاءِ. سن. پادَ)، پيسي جو ٽيون حصو.

پَبُ : (سن. پدُ)، پير جو اڳيون حصو.

پَبڻ : (سن. پدمَ)، ڪنول گل جي ڏوڏي.

پَت : (سن. پد = اختيار)، عزت، لڄ.

پَت : (سن. پرتيه. پرت=وري+اڻ=وڃڻ)، اعتبار، وشواس، ڀروسو.

پَٽ : (سن. پٽ)، آرايون، ڪوساڻ، گرمي.

پِتا: (سن. پِتر. پا=بچائڻ)، پيءُ، ابو، بابو.

پِتاشو: (سن. واتاسه. وات = هوا)، هڪ قسم جي مٺائي.

پَتَ: (سن. پَتَت. پَتْ=ڪِرڻ)، پاپي، نيچ، ڪميڻو.

پِترو: (سن. پتر)، پنو، ڪاغذ، ورق، خط.

پَترو: (سن. پرتن)، پتلو، اُڙو، سنهو، هلڪو، ڏٻرو.

پِتَلَ: (پرا. پِتَلَ. سن. پِتَلَ)، ٽامي ۽ جست جي ملاوت واري ڪَٽ يا ڌاتو.

پُتلي: (پرا. پُتلي. سن. پُترڪا)، گُڏي، رانديڪو.

پُتلي: (سن. پُتلي)، اک جي مائڪي.

پَتَنگ: (پرا. پتنگ. سن. پتنگ. پتنْ=ڪرڻ + گمْ= هلڻ. جو ڪرندو وڃي)، پروانو، لغڙ.

پَتو: (گ. پَتو، سن. پَد=نشان)، ڏس، خبر، سرنامو.

پَتو: (ڏن. پتاڪ. سن. پترڪا. پَتْ=ڪرڻ)، خط، ڪاغذ، تاس جو پتو، وڻ جو پن.

پَتي: (سن. پت. پا = پالڻ)، مڙس، ور، ڪانڌ، پتار.

پَتي: (هيم. پتي. سن. پتر+"ني" پچاڙي)، حصو، ڀاڱو.

پَٿَر: (گ. پٿر. پرا. پٿر. سن. پرستر)، پاهڻ، پهڻ، فوتيءَ لاءِ غم ڪرڻ جي جاءِ.

پٿرڻ: (ڏن. ڀٿرڻ. پرا. ڀٿرڻ. سن. پرسترڻ. سترُ=وڇڪرو ڏيڻ)، پکڙڻ، ڪنڊرڻ، خلاصو ڏيڻ.

پٿون: (سن. پرتو)، ذرا ذرا.

پَٽُ: (سن. پَٽَ. پَٽ=بند ڪرڻ)، پردو، ڪپڙو، آڙ.
آوديا پَٽ لاهي، ماڪي ڏسي ڪين ڪي. (سامي)

پَٽ: (ڏن. پَٽَّ. پرا. پَٽَّ. سن. پَٽّ)، ريشم، تختو (جنهن تي ڪَٽي ڪپڙا سٽيندا آهن)، تخت، شهر.

پٽُ: (سن. پاترَ. پا = پيڻ)، ڪشتو، پيالو.

پُٽُ: (پرا. پُتَّ. سن. پُترَ. پُتْ=هڪ دوزخ جو نالو + ترَئي=بچائڻ. جو دوزخ کان بچائي. آرين جي عقيدي موجب، جنهنکي پٽ ڪونهي، سو دوزخ داخل ٿيندو. جنهن کي آهي، تنهن کي پُٽُ دوزخ مان تاري پار ڪندو)، فرزند.

پٽاندَرِ: (سن. پرتيمتَرُ)، موجب، موافق.

پَٽَ راڻي: (سن. پَٽ= تخت + راڄني = راڻي. اها راڻي، جا بادشاه سان گڏ تخت تي وهي)، مها راڻي.

پٽڪو: (گ. پٽڪو. سن. پَٽَ=ڪپڙو + "ڪَ" اسم تصغير جي نشاني)، پڳ، دستار، ڦينٽو.

پَٽَڻ: (سن. پَٽ)، ڇنڻ.

پِٽڻ: (گ. پِٽون. سن. پِشٽ. پِٽ = پيٽڻ)، ڌڪ هڻڻ (غم ڪان)، پاراتو ڏيڻ.

پَٽو: (سن. پَٽّ)، ڪتي جي ڪڇيءَ جي وڏي، زمين جو ٽڪو يا ڪاغذ.

پَٽولو: (سن. پَٽولَ)، ريشمي ڪپڙي جو قسم.

پَٽي: (پرا. پَٽّي. سن. پَٽّي)، فتيل، ڇيوٽ، ليڙ.

پَٽي: (پرا. پَٽّيا. سن. پَٽِّڪا)، ڦرهي.

پُٽيل: (گ. پٽيل. هه. پٽا + "والا" پڇاڙي. سن. پَٽّ =شهر + "والا" پڇاڙي)، چوڌري، نمبردار.

پَٽيوالو: (سن. پَٽّ = پٽو + "والا" پڇاڙي. جنهن کي پانهن تي آفيس جي نشاني جي پٽي لڳل هجي)، نوڪر.

پَٺ: (هير. پِٺ، پَٺ، پُٺّ. پرا. پَٺ. سن. پرشٺ، ف. پُشت)، پٺي، پونير، پٺيان، پويان.

پَٺڻ: (سن. پرسٿاپن)، موڪلڻ، روانو ڪرڻ، پيچڻ.

پَٺو: (گ. پٺو. ڌن. پَٺّٺو. پرا. پُٺ. سن. پشٺ)، جوان، ڪشتيباز، ڳڀرو.

پپر: (پرا. پِپّلَ. سن. پِپّلَ)، پپل، وڻ جو قسم.

ٻيري: (سن. ٻلي)، ول جو قسم.

پنبڻ: (ه. پپني. سن. پڪشمن)، ڇنبڙيون.

پنبڻ ڪونه پري، وڃي آليھر اولي ٿيا. (ڪنيار)

پپيھو: (گ. پپيہو. ھيم. پپٹو. سن پڪ)، ٻاٻيھو.

پي پپيھو خوب ٻاٽي، ڏو منجھان ڏاٻيو کھمي. (بيوس)

پڦي: (ڏن. پڦا. ھيم. پڦا. پرا. پڦا. سن. پترشوسا.
پتر= پيءُ + شوسا= ڀيڻ)، پيءُ جي ڀيڻ.

پجرڻ: (سن. پرجولن. پر= گھڻو+جولن=جلڻ)، باھ
۾ سڙڻ، ٻرڻ.

پڄڻ: (سن. پرپوت)، مقابلو ڪري سگھڻ، پھچڻ، رسڻ.

پڃ: (سن. پڃيہ. پو=پاڪ ٿيڻ)، ڌرم، دان، خيرات.

پڃرو: (ف. پنجر. پرا. پنجر. سن. پنجر. پنج=آواز
ڪرڻ: رھڻ. جنھن ۾ پکي ٻولين يا رھن ٿا)، لوھ
يا تيلين جو ٺھيل گھر، جنھن ۾ پکي يا جانور رھن، قفس.

پڃڻ: (سن. پنج)، ڪپھ صاف ڪرڻ.

پچار: (سن. پرچار. پر=چوڌاري + چر= وڃڻ. جو
چوڌاري وڃي)، ذڪر، ڳالھ.

پچائڻ: (سن. پچن. پچ=رڌڻ)، باھ تي ڪاڙھ تيار
ڪرڻ، سيکڻ.

پِچڪاري: (سن. پِچڪَتَ)، اوزار جو قسم.

پِچڻ: (سن. پِچ=داب هيٺ آڻڻ)، چپڻ، ڪُليل يا اپريل شي کي داب هيٺ آڻڻ.

پِڇ: (سن. پِڇ)، پڇڙي، پَتَ جي قسم، پِڇ ٻاٽي.

پُڇ: (پرا. پُڇ. سن. پڇ)، جانور يا پکين جي پٺيان لڙڪندڙ يا ٽيندڙ ماس وارو يا کنڀن وارو ٽڪرو يا حصو، دم.

پَڇاڙڻ: (پرا. پَڇالَڻ. سن. پرڪشالن. پر=گهڻو، چئني طرفن کان + ڪشل = صاف ڪرڻ)، ڌوئڻ، زور سان هڻڻ.

پَڇاڙي: (سن. پَشچات)، گهوڙي جي پوين ٽنگن کي ٻڌڻ جي رسي، ضد "اڳاڙي"، پويون وقت.

پَڇاڻڻ: (سن. پرتيڀجان)، سڃاڻڻ، ڄاڻڻ، معلوم ڪرڻ.

پَڇاڻون: (هه. پرڇانوان. سن. پرتڇايا)، پاڇو، سايه.

پَڇتائڻ: (سن. پشچاتاپن. پَشچات = پوءِ + تپ=جلڻ)، ارمان ڪرڻ.

پڇتي: (سن. پرِچتري)، ڀت سان، ڇت جي ڏورو هيٺان، ٺوري ڇت ٺاهيل، جنهن تي سامان مڙو رکجي.

پڇم: (پرا. پَڇِم. سن. پَشچِم)، اولهه، هڪ (صوفيائي) منزل جو نالو. ضد "پورب".

پڄندڻ: (سن. پرسيندن)، وسڪارو ڪرڻ، هلائڻ، وهائڻ.

پڇڻ: (پرا. پڇڻ. سن. پرڇڻ)، سوال ڪرڻ، خبر وٺڻ.

پڇوا: (سن. پشچموات. پشچم = اولهه + وات = هوا)، اولهه جي هوا.

پکال: (سن. پيہ ڪلَ. پيہ = پاڻي + ڪلَ = ڪلَ)، مشڪ، اوئي، ڪوندي، ڪلي.

پد: (سن. پد. پد = چلڻ)، پير، شبد، آواز، بيت جو پاڱو، درجو، منزل، هنڌ، جاءِ.

پدارٿ: (سن. پدارٿ. پد =آواز، لفظ + آرٿ = مطلب)، چيز، شيءِ.

پدم: (پرا. پئُم. سن. پدم)، ڪنول گل، سونيل، ناڳ جو قسم، پير جو ليڪو، جو آڱوٺي ۾ آڱر جي وچان شروع ٿي، هيٺ ڪڙي طرف وڃي، جو سياڳ جو نشان آهي.

پدمني: (پرا. پئمڻي. سن. پدمني=ڪملني، ڪنول گل جهڙي)، عورتن جي چئن قسمن مان پهريون قسم. عورتن جا چار قسم: ١- پدمني ٢- چترني ٣- هستني ٤- سنکني.

پدارڻ: (هه. پگ=پير+ڌارنا = رکڻ. پرا. پاڌار. سن. پد=پير+ڌرڻ=رکڻ)، وڃڻ، اچڻ، پهچڻ، چڙهڻ.

پڌرو : (سن. پرمڌ)، ظاهر، کليل، ميدان.

پر: (سن. پر)، ليڪن.

پر: (سن. پال)، ڪنڌ ڪنارو، قطار، نشان، ريت، طرح.

پُر: (سن. پر. پر=پرڻ)، ڌاريو، بيو، اڪيلو، پري، گذريل دشمن.

پُر. (ف. پر. سن. پورڻ)، پريل، پورو.

پُر: (پرا. پر. سن. پر. پر = چوڌاري ٿيڻ)، پور، پوري شهر.

پرارٿنا : (سن. پرارٿنا. پر = گهڻو+آرٿ = پنڻ)، وينتي، عرض، ڏٺي ڪان معافي گهرڻ.

پراپت : (سن. پراپت. پر = گهڻو + آپ = حاصل ڪرڻ)، حاصلات، فائدو.

پراچت : (سن. پراياشچت. پراياس = پاپ + چت = حاصل ڪرڻ)، توبهه، پڇتاءُ.

پراچين : (سن. پراچين. پر= گهڻو، اڳ ۾+آچ: آنچ = وڃڻ)، پراڻو، پهريون وقت، پوربي، مشرقي.

پراڌين : (سن. پراڌين. پر= ڌاريو+آڌين=وس ۾)، پروس، لاچار، غريب.

پراڪرت: (سن. پراڪرت. پر = کهٽو + آڪرت = خراب ڪم. کهٽو خراب ٿيل)، ٻولي، جا منسڪرت مان بگڙي ٿهي.

پرالبِ: (سن. پرالبڌ. پرا=کهٽو + آ=چوڌاري + رڀ = شروع ٿيو)، بخت، قسمت.

پِراڻ: (سن. پراڻ. پرا = کهٽو + آڻ = جيئڻ)، ساه، پساه، حياتي.

پُراڻ: (سن. پراڻ. پرا = پراڻو: پر = اڳتي وڃڻ. جي پراڻي سمي ۾ ٿهيا هجن)، هندن جا ڌرمي پستڪ، جي "وياس" گڏ ڪيا. هرهڪ پراڻ ۾ پنجن وستن جو وستار ڪيل آهي. ۱- دنيا جي پيدايش يا رچنا. ۲- دنيا جو پرلئه يا ناس ٿيڻ. ۳- ديوتائن ۽ سورمن جو ذڪر. ۴- منو بابت. ۵- سندن پوين جو ذڪر. ارڙهن پراڻ آهن، جن ۾ چار لک شلوڪ آهن. ۱- برهم ۲- پدم ۳- برهمانند ۴- آگني ۵- وشنو ۶- گرڙ ۷- برهم ويورت ۸- شو ۹- لنگ ۱۰- نارد ۱۱- سڪند ۱۲- مارڪنڊيه ۱۳- ڀوشيت ۱۴- متسيه ۱۵- وراه ۱۶- ڪورم ۱۷- وامن ۱۸- ڀگوت.

پراڻو : (پرا. پراڻ. سن. پراڻ)، جهونو.

پرائڻ : (سن. پراپ. پر= گهڻو+آپ=حاصل ڪرڻ)، حاصل ڪرڻ، سگهڻ.

پربت : (سن. پروت)، پهاڙ، جبل.

پربين : (سن. پروين)، چتر، هوشيار، سيالو.

پربات : (سن. پربات. پر= گهڻو + ڀا = چمڪڻ)، آسر، سوير صبح.

پريو : (سن. پريڀ. پر= گهڻو + ڀو= هئڻ)، ايشور، مالڪ، ڌڻي.

پرٿون : (سن. پرٿوي. پر=پيو+ڀوم=زمين، هنڌ)، پراهين زمين، پيو جهان، پرلوڪ.

نکھ وجهن تا ناٿ تي، پرٿونءِ پرپري. (سچل)

پرتال : (سن. پرتولن)، جاچ.

پرتيت : (سن. پرتيت)، وشواس، اعتبار، پت.

پرٿوي : (سن. پرٿوي؛ پرٿوي. پرٿ = تمام مشهور؛ پکڙڻ)، ڌرتي، زمين.

پرجا : (سن. پرجا. پر= گهڻو + جن=پيدا ٿيڻ)، رعيت.

جهڙو راجا، تهڙي پرجا (پهاڪو)

پَرچارُ: (سن. پَرچار. پَرَ = چوڌاري + چَرَ = وڃڻ. جو چوڌاري وڃي)، ڦهلاءُ، وستار، وعظ، اپديش.

پَرچَنُ: (سن. پَرچِنَ. پَرَ = چئني طرفن کان + چِ = ڳولڻ)، ڪاوڙ ڇڏي وري ملڻ، راضي ٿيڻ.

پَرديسُ: (سن. پَرديش. پَرَ = ڌاريو + ديشَ = ملڪ)، ڌاريو ملڪ، پر ڏيهه.

پَرڌانُ: (سن. پَرڌانَ)، مکيه وڏو، سردار، منتري، وزير.

پَرڏيهه: (سن. پرديش. پَرَ = ڌاريو + ديشَ = ملڪ)، ڌاريو ملڪ پرديس.

پُرشُ: (پراه. پُرس. سن. پُرشَ. پُرَ = بدن + شي = هيٺ رکڻ)، پرش، ماڻهو، نَرُ.

پَرسادُ: (سن. پَرساد. پَرَ = چوڌاري + سَدَ = وڃڻ)، ڳرڻ جو ديوتائن کي پيٽا ڏيڻ بعد رهيل ڪاڌو.

پَرسَنُ: (سن. پَرسَنَ)، خوش.

پَرشوتَمُ: (سن. پَرشوتَمَ)، آڏڪ، لَنبُ (مهنو)، ديوتا جو نالو.

پِرڪارُ: (سن. پرڪار. پَرَ = گهڻو + ڪَرَ = ڪرڻ)، نمونو. ڍنگ، ڍول، افعال.

پِرڪاشُ: (سن. پَرڪاش. پَرَ = گهڻو + ڪاشَ = چمڪڻ)،

روشني، جوت.

پَرَکَ: (سن. پَرِيڪشا. پَر = چوڌاري + اِيڪش = ڏسڻ)، آزمايش، جاچ.

پَرَڳَرُ: (پرا. پَڳَرَ. سن. پَرَڪَرُ)، انبوه، ميڙ.

پَرَڳڻو: (ف. پَرگَنه. سن. پَرَگڻَ)، صوبو، علائقو.

پَرَگهٽ: (سن. پَرَڪَٽَ. پَرَ = گهڻو + ڪَٽَ = پاسو)، ظاهر، پڌرو.

پَرَلوڪ: (سن. پَرلوڪ. پَرَ = پيو + لوڪ = جهان)، پيو جهان، ايندڙ جهان.

پَرَلاءُ: (سن. پَرلاپ. پَرَ = چوڌاري، گهڻو + لاپَ = ڳالهائڻ)، آواز.

پَرَلَئي: (سن. پَرَلَيہ. پَرَ = چوڌاري + لِي = ڳرڻ)، جهان جي فنائي، مهڙ.

پَرَماتما: (سن. پَرَم = آتم، اعليٰ + آتما = روح)، خدا.

پَرَمارٿ: (سن. پَرَمارَٿ)، اتم پدارٿ، ڌرم، فياضي، ڀلائي.

پَرَماڻ: (سن. پَرَماڻَ)، تمام ننڍي شيءِ، داڻو، اڻو، ذرو.

پَرَماڻ: (پرا. پَرِماڻ. سن. پَرِماڻ. پَرَ = گهڻو + ما = ماپڻ)، اندازو، مدار، تور، مثال، نمونو، ثابتي.

پرمتڙيو : (سن. پَرَ = ٻيو + مَتَ=سمجهه. ٻئي جي مت تي هلندڙ)، ڀورڙو، بيوقوف.

پَرِمَلَ: (سن. پَرِمَلَ)، خوشبوءِ.

پرميل : (پرا. پميه. سن. پْرَميهَ. پْرَ=چوڌاري، گهڻو+ مِهَ=آلو ٿيڻ)، بيماريءَ جو قسم.

پرڻ : (سن. پَڻ)، انجام، سخن، ٻول، وعدو، وچن.

پَرڻ : (سن. پالن)، گذارڻ، ٽڪڻ، رهڻ.

پرڻو : (سن. پَرڻيه. پْرَ= چوڌاري + ني = نيڻ. وٺي وڃڻ. چوڌاري نيڻ يعني ڦيرا ڏيڻ. گهوٽ ۽ ڪنواري ڪي وهانءَ ۾ ڦيرا ڏيندا آهن)، شادي، وهانءُ.

پروانو : (ف. پروانه. پرو = ڪتيءَ جو تارو + "آن" نسبت جي نشاني. ٢- پَر= ڪنبپ+"وان"نسبت جي نشاني)، پتنگ، حڪم نامو.

پرواهَ: (ف. پَروا)، غرض، خوف.

پَروردگار: (ف. پَروَردگار. "پرورد" ماضي. پروردن=پالڻ+ "گار" اسم فاعل جي نشاني. "پروردن"جو اسم فاعل)، پالڻهار، رب تعاليٰ.

پَروَسَ : (سن. پَر = پيو + وَش=وس، طاقت)، لاچار.

پروڪو : (سن. پَرَتَ)، گذريل، اڳين سال جو.

پرولي : (ھ. پھيلي. سن. پَرَھيلي: پَرَھيلڪا)، ڳجھارت جو قسم.

پَروھتَ : (سن. پَروھتَ. پَرَسَ=اڳيان+ ھتَ=مقرر ڪرڻ. جنھن کي ڌرمي ڪمن ۾ اڳ ۾ ڪيو وڃي)، ڪُل گُرو.

پرھ : (سن. پُورَ ويدِيَس)، پرڀات، سويل صبح، اسر.

پَري : (سن. پَرَ. پَرَ=اڳتي وڃڻ)، دور، پراھون.

پَري : (ف. پَري. پَر. پَريدن = اڏامڻ + "ي" نسبت جي)، ھڪ خيالي جنس جي عورت، جنھن جي ٻانھن ۾ پر ھوندا آھن، حسين عورت.

پَرِياھ : (سن. پَرِيَاھ. پَرَ=چئني طرفن کان + اِڻَ = وڃڻ)، ريت، پرڪار، دستور.

پَرياڻ : (سن. پَرياڻ. پَرَ = اڳتي + يا=وڃڻ)، مسافري، پرماڻ، ڏس، پتو، ڏانو، ھنڌ.

پِريت : (سن. پريت. پَري= پيار ڪرڻ)، محبت، پيار، سڪ.

پِريتم : (سن. پريتم. پَرِيہ=پيارو+"تر" مبالغي جي نشاني)، تمام پيارو.

پريتئو: (سن. پريتون. پريت = پيار)، محبت، پريت، عشق.

پريت: پرت (گ. پريت. م. پرت. سن. پر=چوڌاري+آت= گهمڻ. جو چوڌاري، هڪ گهر کان ٻئي گهر تائين، ڪپڙن ڳنڍ ڪرڻ لاءِ وڃي ۽ ڊوئي انهن کي ڌئي)، کٿي، ڌوٻي.

پريم: (سن. پريم. پري=پيار ڪرڻ)، پيار، سڪ.

پرين: (پراڪ. پيء. سن. پريه)، پيارو، محبوب.

پريوجن: (سن. پريوجن. پر = ڪهڙو + يج = ملائڻ)، مطلب، واسطو.

پريوڳ: (سن. پريوگ)، ميلاپ.

پڙ: (سن. پٽ)، پردو، ڪپڙو، ٻاس جو ڪپڙو.

پڙ: (سن. پٽ)، ڍڪ.

پڙاڏو: (سن. پرترو. پرت=آيتو + ر = آواز ڪرڻ)، موٽ جو آواز.

پڙچ: (سن. پتر)، لوهه جو ويڪرو ٽڪر.

پڙدو: (ف. پرده)، حجاب، برقعو، ڪپڙو، لڄ، شرم.

پڙڏاڏو: (سن. پرتات)، ڏاڏي جو پيءُ.

پڙڻ: (سن. پٽ = پوئڻ: ماڻکي قطار ۾ رکڻ)، پچي سگهڻ، پهچڻ.

پڙهڻ: (پرا. پڍڻ. سن. پٺن. پٺ = پڙهڻ)، پرائڻ، سکڻ، واچڻ.

پڙي: (سن. پنڌ. پنڌ = هڪ هنڌ رکڻ)، ونڊي، جاءِ، جتي مال خريد فروخت ٿئي.

پُڙي: (پرا. پڍيا. سن. پٽڪا)، ننڍو پڙو، ويڙهيل ڪاغذ، جنهن ۾ ڪجهه هجي.

پِس: (سن. پيوش. پيش = پش: سکي ٿيڻ)، کير.

پسارڻ: (سن. پرسارڻ)، ڦهلائڻ، ظاهر ڪرڻ، وستار ڪرڻ.

پساري: (سن. پشيشالي. پشيه = وکري جو مال+شر= پکيڙڻ)، مصالح ۽ جڙي ٻوٽي وڪڻڻ وارو.

پستڪ: (سن. پستڪ)، ڪتاب، پوٿي، گرنٿ.

پسڻ: (سن. پشيه) ڏسڻ.

پسرڻ: (سن. پرسرڻ)، وکرڻ، کنڊرڻ، چڙڻ، خفي ٿيڻ.

پسون: (پرا. پس. سن. پش. دڙش=ڏسڻ. جو سيني کي هڪجهڙو ڏسي، ۽ خيال نه ڪري)، چوپايو مال.

پسينو: (سن. پرسويد)، پگهر.

پشپ: (سن. پشپ. پشپ=ڦلڻ، ڦٽڻ)، گل.

پَڪ : (سن. پچ)، وات جي لسدار رَس.

پُڪار : (ڏ ن. پَڪائو. هيم. پوڪَ ء. سن. پرڪش)، داتهن، آواز، فرياد.

پَڪڙڻ : (سن. پرڪرشٽ. پر+ڪرش=چڪڻ، ڪڍڻ)، جهلڻ، جهلڻ، قابو ڪرڻ.

پَڪڻ : (ڏن. پَڪ. پرا. پڪ. هيم پَڪلو. سن. پَڪو. پچ= پچڻ)، ميوي جو رسڻ، پچڻ.

پڪوانُ: (سن. پُڪوانُ)، گيهه ۾ تريل شيءِ، پڙي.

پَڪوڙو : (سن. پَڪووٽي)، گيهه يا تيل ۾ بيسڻ جي تريل ٽڪي.

پَکَ : (پرا. پکَ. سن. پَکش. پکش=وڻڻ، پڪڙڻ)، مهيني جو اڌ ڀرو. گنبپ، ڏير ۽ لگل ڀرو. مهيني جا ٻه پَکَ آهن : ١- شڪل پکُ (سهائو پک). (پهريان پندرهن ڏينهن يعني پهرين کان چوڏهين تاريخ تائين). ٢- ڪرشن پک. (پويان پندرهن ڏينهن يا پندرهين تاريخ کان آماس تائين).

پکراج : (سن. پشوراگ)، هڪ قسم جو پيلو رتن.

پَکڙا : (سن. پَکش = پکو + ”ڙا“ پڇاڙي)، پکا مٿهن، جهوپڙيون.

پَکُ : (سن. پَکشَن. پَکشَ = ڪنپ)، پکي.

پَکو : (سن. پَکشَ)، وڇڙو، ڪنپ، منهن، جهوپڙي.

پَکِي : (پرا. پَکن. سن. پَکشِن)، پرندو، پکي.

پَکيڙَڻُ : (سن. پرِڪيرڻ. پرِ = چوڌاري + ڪرِ = ڪرڻ)، ڪنڊيرڻ، وانڪو ڪرڻ.

پَگ : (سن. پَٽ. پَٽ = ڍَڪڻ)، دستار، پٽڪو، ڦينٽو.

پَگ : (سن. پَدَ. پَدَ = چلڻ)، پير.

پَگَهه : (پرا. پَگَهه. سن. پرگرهه)، پيڙي جي پَڌڻ ۽ ڇڪڻ جو رسو.

پَگهار : (يور. پَگار = ڏيڻ)، تنخواه، اجورو.

پَگهرڻ : (سن. پرِ گَلن. پرِ = گهڻو، چوڌاري + گَلَن = ڳرڻ)، رڄڻ.

پَل : (سن پل)، پلڪ، گهڙي، ساعت.

پَل : (پرا. پَل. سن. پَل)، پلي، گندي، اَنَ رکڻ جو پانڊو.

پَلال : (پرا. پلال. سن. پلال)، سارين جو ڪاهه.

پَلاڻ : (ف. پالان. ڪ. پلاڻ. پرا. پلاڻ. سن. پليان = پرياڻ)، آٺ جي سنجت پاڪڙو.

پُلاءُ: (ف. پَلاوَ: پلاوُ)، گوشت، مڇي وغيره ۽ رڌل چانور، اوچو کاڌو.

پَلٽي: (سن. پرِيستَ)، لهي لڪي وڃڻ، آسان وڃڻ.

پلٽڻ: (انگ. بٽيلين Battalion)، هزار سپاهين جو جٿو.

پلٽڻ: (پرا. پلٽَ. سن. پرالتت)، اٿلائڻ، اوتڻ، وجهڻ، ڦيرائڻ.

پلٽو: (گ. پلٽو. هِن. پلٽو، پلٽو. سن. پريستت)، مرڪ، تان.

پلر: (سن. پلو)، ٽاري، پلاند، ٽانگن جو هجوم.
آدلي عنبر آنڪر اولي، پلر ڪيو پئن. (ڪنيار)

پلر: (پرا. پلل. سن. پلول)، مينهن جو صاف پاڻي.

پَلنگ: (ف. پلنگ: پلنگ. پرا. پلنڪ. سن. پلينڪ: پريَنڪ. پر=ويجهو+ آنگ= گود)، سيج، چپرکٽ.

پلو: (پرا. پلو. سن. پلو)، پلاند، دامن، ڪنار، وٽ، گوشا، وڻن جي ٽارين جا پاندر يا چوٽيون.

پليت: (ف. پليد)، ناپاڪ، مٽي ميرو.

پليتو: (ف. پليته=ڏئي جي وٽ. ع. فتيله. هن. پلتا، پلت. سن. پرديپتر. پر=گهڻو+ ديپ= چمڪڻ)،

ڏني جي وڻ، جنّات جي اثر ٽارڻ کان لکيل ڪاغذ،
جو ساڙجي، گندرف سان پرهل وٽ.

پليوري: (سن. پاراوت)، پاليهر، ڪبوتر. هن جا پير ڳاڙها ۽ نرم ٿين ٿا.

پيڪ پدمني پايوري، ٿي هيرن حال هلي. (ڪنيار)

پن: (سن. پنڊ)، پنوڙو، چاڙو، لوڙو.

پن: (سن. پرڻ)، برگ، وڻ جو پتو، پنو، ڪاغذ.

پنبڻي: (هيم. جهپڻي. سن. پڪشم)، ڇپر، اک جا وار.

پنڌ: (پرا. پنٿ. سن. پٿن. پٿ=وڃڻ)، رستو، واٽ.

پنج: (ف. پنج. پرا. پنچ. سن. پنچن)، چار ۽ هڪ.

پنجاب: (ف. پنج+آب=پاڻي، ندي. جنهن مان پنج نديون وهن:
١- ستلج ٢- بياس ٣- راوي ٤- چناب ٥- جهيلم)،
هڪ ديس جو نالو.

پنجاسي: (سن. پنچاشيت)، اسي ۽ پنج.

پنجانوي: (سن. پنچنوت)، نوي ۽ پنج.

پنجاهه: (ف. پنجاهه. پرا. پنجاسا. سن. پنچاشت)، چاليهه ۽ ڏهه.

پنجٽيهه: سن. پنچترنشت)، ٽيهه ۽ پنج.

پنجو: ڏسو، "چنبو".

پَنجونجاهہ : (سن. پَنچپنچاشَت)، پنجاهہ ۽ پنج .

پَنجويهہ : (پرا. پچِس. سن. پَنچونشَت)، چوويهہ ۽ هڪ .

پَنجهتر : (سن. پَنچسپتَت)، ستر ۽ پنج .

پَنجهٺ : (سن. پَنچشَٺ)، سٺ ۽ پنج .

پَنجيتاليهہ : (سن. پَنچچتوارِنشَت)، چاليهہ ۽ پنج .

پَنڌ : (سن. پَنٿ)، رستو، مفاصلو.

پَندرهن : (سن. پَنچدش)، چوڏهن ۽ هڪ .

پِنڊ : (سن. پِنڊ. پِنڊ = گڏ ڪرڻ)، ڳوڙهو، گولو، ڍير، جسم، ماڻهو.

پِنڊاري : (ڏ ن. پنڊلشيس. هيم. پينڊارو. سن. پنڊار. پنڊ =مکيہ حصو+هار=جيڪو ڦري. ٢- سن. پنڊ = ڪاڏي جو گرم+ف. آر=آئيندڙ)، ڦورو، رهزن.

پَنڊِت : (سن. پَنڊِت)، ودوان، عالم.

پِنڊي : (سن. پِٽ)، ڏڪي، ڇپي .

پُنرجنم : (سن. پُنرجنم. پُنر = وري+جَنم = پيدايش)، ٻيو جنم، جوڻ، تناسخ .

پنڪڙي : (سن. پڪش+"ڙي" پچاڙي)، گل جو ٻن.

پنگت : (سن. پنڪت. پچ=ڦهلائڻ)، سماج، سڀا.

پنگلو : (سن. پنگ. کج = منڊائي هلڻ)، لڱڙو، منڊ ن سڪل.

پنگو: (پرا. پنگ. سن. پنگ)، پيلو، ڳاڙهسرو رنگ.

پنو : (سن. پنڊ. جانورن جو لوڙو، جو خيرات طور ڏجي)، عرض ڪري گهرڻ.

پنو: (سن. پرڻ، ڪاغذ)، ڪاڳر.

پنو: (سن. پرڻاهه)، ڪپڙي جي وڪر.

پنوهار: (پرا. پهو. سن. پش=جانور، ڍڪرو+"آر" پچاڙي)، ڌنار، ڌراڙ.

پني : (سن. پنڊ =گولو)، ڳوڙهو، پڻي، لڙي.

پني : (سن. پنڊي)، چنگهه جي ٻڪي.

پنيگهه : (سن. پانيه = پا = پيئڻ)، ملڪ، مات، ليڙ. ڏسو "پڻ".

پڻ خاطر پنيگهه جي، وينس ڪيا وسڪارا. (ڪنيار)

پين پنيگهه، نه وسري، توڙي گهايل هوءِ. (سينگار)

ٻن ٻنيڪهت پاس، گهايل گهاري نہ هڪ گهڙي.
(سينگار)

پَنڪِي: (سن. پڻ+"ڪ" اسم تصغير جي نشاني. پڻ= واپار ڪرڻ. جنهن سان ڪنهجي)، ننڍڙو پڻ، ماڻ جو اسم، جنهن جو ملھ، آسي ڪوڏيون يا پنج آنا.
مسئي هلي مڇ ڏي، ڪري توڪل تڻ،
ٺمر نہ ڪنيائين ساڻ ڪو، توڙي پنڪي پڻ. (حمل)

پَوتَرَ: (سن پوتر. پو = صاف ڪرڻ)، پِرسل، وِمل، پاڪ.

پوتڙو: (پرا. پوتگ. سن. پوت + "ڙو" پڇاڙي)، گوڏ، هيٺان پڌڻ جو ڪپڙو.

پوتِي: (پرا. پتِي. سن. پوتِڪا)، رئو، زنانو مٿي جو ڪپڙو.

پوتيو: (پرا. پوتَ آ. سن. پوتِڪا)، گوڏ انگوچو.

پوٿِي: (ڏن. پٿو. هير. پوٿو. پرا. پٿ، پٿي. سن. پستڪ)، هندن جو ڌرمي ڪتاب.

پوٽو: (پرا. پوٽ. سن. پوتر)، پٽ جو پٽ.

پوٺِي: (گ. پوٺي. سن. پرشٺ = پٺي)، جانور، جو بار کڻڻ تي هيرايل هجي.

پَوَجَ : (سن. پنج)، ڪهٽو، جام.

پاڻي پُوَجَ ڀَڃَنِ ۽، پَڪي پاند پيِنِّ. (شاه)

پَوَجَڻَ : (پرا. پجّڻ. سن. پوجن. پوَجْ = بندگي ڪرڻ)، پوڄا ڪرڻ، عزت ڏيڻ، مڃڻ.

پُورَبُ : (سن. پُورو)، اوڀر، هڪ صوفيانہ منزل جو نالو، اوڀر جي هوا. ضد "پڇم".

پُورب پَنڌ نہ وَڃنا، ڳرلاري ڳر نامَ. (سچل)

پورَنماسي : (پرا. پُنّمسي. سن. پُورنماسي، پُورْڻَ = سارو + ماسَ = چنڊ)، چوڏهين جو چنڊ.

پُورَڻَ : (سن. پُورڻ)، هلڻ، پرڻ، بند ڪرڻ.

پورو : (ڏن. پنلييا. پرا. پولُ. سن. پولَ)، پولو، خالي، سکڻو.

پورو : (سن. پُورڻَ)، پرپل، ٺيڪ، ٺهڪندڙ.

پورڙهو : (پرا. پوڍَ. سن. پرَوڍَ. پرْ = ڪهٽو + آڍَ = ڪنيل)، ڪراڙو، پڪو.

پوسِل : (سن. پَيَہ شالا. پَيَہ = پاڻي + شالا = جاءِ)، پوسلو. اها جاءِ، جتي پاڻي هاريل هجي.

پوشِ : (ف. پوش = پري ۲- پو ايست. پو = پري + ايست = بيهہ. ايستادن = بيهڻ)، پري ٿي بيهہ.

ڦوڪڻ : (سن. ڦوش)، ڦوڪ ڪرڻ، ڇڻڻ.

ڦون : (سن. ڦوڀ)، روڳ، ڪند.

ڦونڄي : (سن. ڦنج)، جمع، سيڙي چونڊي، واپار ۾ لڳايل رقم.

ڦونچي : (سن. پرڪوشٽ)، ڪرائي ۾ پائڻ جو ڳهڻو يا زيور.

ڦوڻ : (سن. پتن. پت=ڪرڻ)، ڦٽڻ، ڦهڪڻ، ٿهڪڻ، ڪرڻ.

پوڻو : (سن. پاد=چوٿون حصو+اون=گهٽ)، چوٿون حصو گهٽ، لانجهو، ڪمزور.

پوٽي : (سن. ڀنجڪا)، ڪپهه جو ڦڻو.

ڦوهه : (سن. پوش)، هندن جي هڪ مهني جو نالو.

پهاڙ : (سن. پاشاڻ)، جبل، ڏونگر، روهه، جبل.

پهاڪو : (سن. ڀٽ + "ڪو" پچاڙي)، نصيحت آميز چوڻي، ضرب المثل.

پهچڻ : (سن. پرپوت)، رسڻ، پڄڻ، توڙ ٿيڻ.

پهر : (ڏن. پهورو. پرا. پهر. سن. پرهر)، ٽن ڪلاڪن جو وقت.

رَتناولي: (سن. رَتن + آولي = قطار)، موتين جي مالها، هيرن جو هار.

رَتن جوت: (سن. رَتن جيوت)، گل جو قسم.

رَتولَ: (پرا. رَتُ. سن. رَڪتَ)، رتل، ڳاڙهو ٿيل، ڳاڙهو بتڪلو.

رَتِي: (گ. رتِي. سن. رَڪتِڪا)، اُنن چانورن جي تور، ماسي جي اٺين پتي، تمام ٿورڙو، پوک جي بيماريءَ جو قسم.

رَتِيءَ جي رِهاڻ، جيءَ آزاءِ جَت سين (شاه)

رَتَ: (سن. رَتَ. رم = کيڏڻ : خوش ٿيڻ)، گاڏي.

رِپُ: (پرا. رِپُ. سن. رِپُ. رِپ = خراب ڳالهه چوڻ)، ويري، دشمن.

آکر رِپ نہ آکمي، ڪَنڪَن اچي نہ ڪوه.

(جلال)

رُپو: (پرا. رُپَّ. سن. رُوپيہ)، چاندي.

رَجَ: (پرا. رَہ. سن. رَجس)، مٽي يا ڌوڙ.

رَجني: (پرا. رَيڻي. سن. رَجَنِي)، رات.

زلفين نانگ ذبح ڪِتوئِي، ڪِيا هَي رَجنِي ڪالِي.

(مانجهي)

رَجهڻ: (پرا. رَجهَّ. سن. رُڌ = اٽڪڻ)، رُنڀڻ، مشغول ٿيڻ.

رَجَ: (سن. آرٺيہ)، سَچ، واري ٿي واري.

رَچِنا: (سن. رَچنا)، جوڙجڪ، قدرت.

رَچَڻ: (سن. رَچڻ. رَچ = ٺاهڻ)، ٺاهڻ بنائڻ، سينگارڻ، سنوارڻ.

رَچَڻ: (پرا. رَچ. سن. روچن. رَچ = چمڪڻ: پيار ڪرڻ)، وڻڻ، فرحت ڏيڻ.

رَڄ: (سن. رَشم)، نوڙي، ٽانڪو. "رڄ" سڀ چيز سان لڳي سگهي ٿو. جيئن: ڪنير جا "رڄ".

رِڇ: (پرا. رِڇ. سن. رڪش)، هڪ جهنگلي جانور.

رَڙ: (سن. راٽ. رَٽ = ڪوڪ ڪرڻ)، شور، آواز، واڪو، هل.

رَسُ: (پرا. رَس. سن. رَس. رَسُ = سواد وٺڻ: پيار ڪرڻ)، سَتُ، مارُ، عرق، فرحت، لطف، مزو. "رس" جا "ٻه" قسم آهن: ١- جسماني يا طبعي ذائقہ جا رس، جنهن جا ڇهہ قسم آهن: ١- مٺي رس ٢- ڪَڙي رس ٣- کاري رس ٤- ڪَوڙي: کوڙي رس ٥- تکي رس ٦- ڪساري رس. ٢- حس يا ڪلپنا وارا رس، جنهن جا نَو قسم آهن: ١- شرنگار (سينگار: عشق، پريم)، ٢- هاسيہ (کلائيندڙ)، ٣- ڪَرُڻا (رحم، قياس،

رقت آميز ) ۴- رَودر (ڏَمر، ڪاوڙ، تهر، ڪوپ)، ۵- وِير (سُورهيائي)، ۶- ڀيانڪ (دَهشت، هيبت، هراس)، ۷- وِيڀتس (ڪريه، ڪراهت، نفرت، بيچان)، ۸- آڌُبُت (حيرت، تعجب، اچرج)، ۹- شانت (سانت، آرام، فرحت)، ڪڏهن ڪڏهن ڏهون رس "واتسليه" (ڪوملتا) بہ ڳڻين ٿا. اهي "رس" شعر جو مکيہ جز آهن، پر وشوناٿ جي خيال موجب (اهي رس، شعر جي) جان آهن. (وي-آيت).

**رَستو:** (ف. راستہ)، دَڳ، واٽ، پيچرو.

**رَسڪپور:** (س. رسڪرپور. رَس = پارو + ڪرپور = ڪافور)، دوا جو قسم، وکر جو قسم.

**رسڻ:** (پرا. رُوسڻ. س. روشڻ. رُش = ناراض ٿيڻ)، ڪاوڙ ڪرڻ، رسي وڃڻ.

**رَسوئي:** (س. رَسوتيي)، ٻاجي، ڪاڏو، ٻوڙ.

**رسي:** (هم. رَسي. پراه رَس. سن رشم)، نوڙي، ڏوري.

**رَسيلو:** (س. رَسڪ)، رس ڀريو، سوادي، مزيدار.

رَشتَ پَشتَ: (سن. رِشتَ پشتَ)، مضبوط، سٺيءَ هاليءَ وارو.

رِشِي: (سن. رُشِ)، مُني، تپشيا ڪندڙ، بزرگ.

رَڪُ: (گ. رانڪ. هير. رانچہءَ. پراه رَنڪ. سن. رَنڪ. رَڪ = سواد وٺو)، غريب، ڪنگال.

رَڪَ: (پراه رَڪا. سن. رَڪشا)، حفاظت، پسر، چار، ڦيهار، پرهيز، رکيا، سنڀال.

رَکَڻُ: (پراه رَکڻ. سن. رَڪشڻ. رَڪشُ = ڏرڻ)، ڏرڻ، ٺهرائڻ، بچائڻ.

رَکو: (سن. رَڪشُ)، اڻپو، خشڪ، ڪٺور، ميل جوڙ وارو نہ.

رَکيا: (سن. رَڪشا)، سنڀال، بچاءُ، پرگهور.

رَگَ: (ف. رَگ)، نَس.

رَگهڙڻُ: (سن. گهرشڻ)، گهوڙڻ.

رِلڻُ: (سن. لَلنَ)، ملڻ، گڏجڻ.

رَلڻُ: (سن. لَلنَ)، اجايو گهمڻ.

رِلِي: (سن. پراه رِلڪ)، گودڙي، فراسيءَ جو قسم.

رَمڻُ: (پراه رَنپ. سن. ڪرم)، هلڻ، چرڻ، وڃڻ.

رَمَڻ: (سن. رمڻ. رم = ڪيڏڻ)، راند ڪرڻ، خوشي ڪرڻ.

رَنبَڻ: (سن. روپڻ)، رونبو ڪرڻ، سارين جو ٻج (سلا) پوکڻ.

رَاپَڻ: (سن. راپڻ)، ڍڪڻ، ڍاڪڻ.

رُنڀَڻ: (پرا. رنڀڻ. سن روڌڻ. رڌ = اٽڪڻ)، رُجھڻ، مشغول ٿيڻ.

رَنڊ: (سن. رنڊر. رڌ = ناس ٿيڻ: پورو ٿيڻ)، رستو، پيچرو.

رَندو: (ف. رنده. رنديدن = سڌو ڪرڻ. سن. رَدَنَ)، ڊکاڻڪو اوزار.

رَنڍَڻ: (پرا. رنڍڻ. سن. رنڌن. رڌ = ناس ڪرڻ)، پچائڻ، پاچي لائڻ.

رَنڊي: (سن. رنڊا)، ڪسٻياڻي، رنگيلي، فاحش عورت.

رَنڙ: (پرا. رنڊا. سن. رنڊا)، ٻيوه عورت، وڌوا.

رَنگ: (ف. رنگ. پرا. رنگ. سن. رنگ)، رنگ، نمونو، راڳ، تماشو.

رَڻ: (پرا. رڻ. سن. رڻ. ر = آواز ڪرڻ)، لڙائي، ويل، ظلم.

رڻ : (سن. آرڻيہ)، جهنگل، ميدان، بيابان.

رو: (پرا. رو. سن. رو)، سج.

رو، ڪينچن، ماه، ڪنگو ڪم، ناهي جوڙ جمال.

(سليمان)

روٽ : (هيم. روٽ. سن. رٽ = ٺوڪڻ، وڍڻ)، ڪڻڪ جو لولو، ڏلهي روٽي، ماني.

روپ : (پرا. روپ، سن. روپ. روپ = ڏولائڻو ٽيڻ، ڏسڻ)، صورت. شڪل.

روپيو: (پرا. رپ. سن. روپيہ)، سڪو، جنهن جو ملھ سورنهن آنا آهي.

روجھ : (گ. روجھ. هيم. روجھو. پرا. روجھ. سن. رشيہ)، هڪ جانور جو نالو.

روڄڻ : (سن. روڌن. رڌ = ڳوڙها ڳاڙڻ)، رئڻ. روج.

روڙو: (پرا. لٽ. سن. لوشٽ)، ڳنڍو، ٺڪر.

روشو: (ف. روه سياه. رو = منهن + سياه = ڪارو)، ڪارو منهن، منهن ڪارو.

روڪ : (سن. روڪ. رچ = چاهڻ)، روڪڙ، نقد.

روڪڻ : (سن، روڌن. رڌ = بند ڪرڻ)، جهلڻ، رنڊڪ وجهڻ، بندڻ.

روڳ: (پرا. روگ. سن. روگ. رُجُ = بيمار ٿيڻ، سور ٿيڻ)، بيماري، گند.

روڳي: (پرا. روگِ. سن. روگِن)، بيمار.

رولو: (هيم. رولو. سن. راوَ. رُ = آواز ڪرڻ)، ٻڪيڙو، سونجهارو.

روهہ: (سن. روهہ=مٿاهين)، جبل، ڏونگر، ڄهر، ڪوهہ.

روهڻ: (سن. روڌن. رُڌ=روڪڻ)، سوڙهو گهٽڻ، اٽڪڻ.

رهاڻ: (سن. رَهَ=ريجهائڻ)، مجلس، وندر.

روهي: (سن. روشڻ)، پٿر جي ڪوڏيءَ جو قسم، موچڪو اوزار.

رهائي: (سن. آرَهَ)، جڳائي، لائق ٿيڻ، روا هجڻ.

رهت: (سن. رهت. رَهَ=ڇڏڻ)، ڇڏيل، خالي، بنا.

رهڻ: (هيم. ريهہ. سن. راج)، ترسڻ.

رُئڻ: (پرا. رُئڻ. سن. رودن. رُدُ= رئڻ)، ڳوڙها ڳاڙڻ، لڙڪ وهائڻ، هنجون هارڻ.

رئو: (ع. رِداءُ)، بوتيي، مٿي تي ٻهرڻ جو ڪپڙو.

رئي: (پرا. رَيہ. سن. رَجس)، مٽي، ڌوڙ، دز، غبار.

رِي: (سن. رِتي)، سواءِ، بنا، بغير.

رڳڙا: (ف. ريگ=واري + "ڙا" پڇاڙي)، واريءَ سان ڀريل، ميرا، ڇونڪا، مٽيءَ سان ڀريل پاڻيءَ جا ڦڙا.

رِيت: (پرا. رِيءِ. سن. رِيت. رِي = وڃڻ)، ڍنگ، نمونو، طرز.

ريتي: (گ. ريتي. هيم. ريوالڪا. سن. ريتجا. ف. ريگ)، واري، رائو، ڀري.

رِيٺو: (سن. رَڪت)، ڳاڙهو. ڳاڙهو ڪهڙو.

رِيجهڻ: (سن. رَنجن. رَنج=خوش ٿيڻ)، ورچڻ، راضي ٿيڻ، مائل ٿيڻ.

رِيڙهه: (سن. رِيڙڪ) پٺيءَ جي ڪنڊي (ڪرنگهي) جي هڏي.

رِيس: (سن. اِيرشا. رُش=غصو ڪرڻ)، حسد، ساڙ.

رِيک: (پرا. ريها. سن. ريکا. لِک=لکڻ)، ريکا، نشان.

رَين: (ڏن. ريڻي سن. رَجَنِ)، رات.

ريٽي: (گ. رٽي. ڏن. رَيٽي. هيم. رَتَن. سن. رَتني)، سون جي ڳيٽي.

رِيوڻ: (سن. رَوڻ. رَ = آواز ڪرڻ)، ڪونج.

رَيوڻ رَهي نہ روه ري، توڙي ٿئي پَرلوه.
(سينگار)

رِيهہ : (سن. ريش)، دانهن، ڪوڪ.

# ز

زَمين : (ف. زَمين. زَم = ڌاڻ، ڌڌ + "ين" نسبت جي نشاني)، ڌرتي.

زَميندار: (ف. زَميندار. زَمين +دار=رکند ڙ. داشتن=رکڻ)، زمين جو مالڪ.

زيوَر: (ف. زيب + وَر = وارو)، ڳهڻو.

# س

سات : (گ. سات. هيم. سَتَرو. پراه سَتُ. سن. سارٿَ. سَرُ = وجهڻ)، ٽولو، ساٿاري، سنگت.

ساٿارِي : (سن. سارٿَ + "آري" پڇاڙي)، مددگار، پاڻاريدار.

ساٿِي : (هيم. سَهَتَتَا. سن. سَهِتَ. سَهَ = ساڻ + اڻ=وجهڻ : سَهُ = سهڻ)، مددگار.

ساجَن : (سن. سجَن. سَتَ = سچو + جَنَ = ماڻهو)، سڄڻ، سَتَ پُرش، پلو ماڻهو، پريَن.

ساڃاڻ: (سن. سَڃاڻَ)، سمجهه، ساڃهه.

ساڙ: (سن. ساڙو. ساڙ = پورو ڪرڻ)، سَنتَ، مهاپرش، ويراڳي.

ساڍو: (سن. سارڌ. سَ = ساڻ+اَرڌ = اڌ)، اڌ سان، پن ڪان وڏيڪ عددن کي اڌ گڏڻ.

سارَ: (پرا. سارَ. سن. سار. سَر = وڃڻ)، سچ، رس، مول، ٻل، اصل مطلب، خلاصو، فائدو، ڏن.

ساراهَڻ: (پرا. سَلاهَڻ. سن. شلاگهن)، تعريف ڪرڻ.

ساربانَ: (ف. سار = اٺ+بان = رکندڙ)، ساروان، اوٺي، سردار.

سارنگ: (پرا. سارنگ. سن. سارنگ. سَر = وڃڻ)، هڪ راڳڻيءَ جو نالو، آسماني مانداڻ.

سارنگي: (سن. سارنگي)، ستار جو قسم.

سارڻ: (پرا. سارڻ. سن. سمرڻ. سمر = ياد ڪرڻ)، سنڀالڻ، ياد ڪرڻ.

سارو: (سن. سَرو)، سڄو، پورو.

ساري: (سن. ساري. شر = ناس ڪرڻ)، شطرنج جي ڳوٽ.

ساري: (سن. شال)، اَنَ جو قسم.

ساڙهي : (پرا. ساڙي. سن. شاٽڪا)، عورتن جي پهرڻ جو ڪناريدار ڪپڙو.

ساڙيهہ : (سن. سُوديش. سُو = پنهنجو + ديش = ملڪ)، سائيهہ، وطن.

ساس : (سن. شواس)، دم، ساهہ.

ٻڪريءَ کي ماس جي، ڪاسائيءَ کي ماس جي.
(پهاڪو)

ساک : (پرا. سُک. سن. ساڪشيہ. سا = سان، سامهون + آڪش = اک)، شاهدي، قسم.

ساکي : (سن. ساڪشن)، شاهد، گواهہ.

ساگر : (پرا. ساگر. سن. ساگر-سگر. سَ = سان + گر = زهر. جو زهر سان پيدا ٿيو هجي. ايوڌيا جي هڪ راجا جو نالو، جنهن تان "ساگر" ٿيو)، سمنڊ. هندن جي عقيدي موجب "ساگر" "ست" آهن : ١- لوڻ جو ٢- ڪير جو ٣- گيهہ جو ٤- ڏهيءَ جو ٥- شراب جو ٦- ڪمند جي رس جو ٧- ماکيءَ جو.

ساڳ : (پرا. ساگ. سن. شاڪ. شڪ = ڪم ڪرڻ جي طاقت رکڻ)، سائي ڀاڄيءَ جو قسم، ڪاٺ جو قسم.

ساڳاهڻ: (سن. سنجيان)، خيال ڪرڻ.

سالو: (پرا. شئال. سن. شيال)، زال جو پاءُ.

سالور: (ف. شال)، دوشالو، ڪپڙي جو اسم.

سام: (پرا. سام. سن. سامن. سو=پاڻ جو ناس ڪرڻ)، هندن جو تيون ويد.

سام: (سن. شرام)، پناهه، اجهو.

سامهون: (پرا. سنمهه. سن. سنمک. سم=اڳيان + مک= منهن)، اڳيان.

سامي: (سن. سوامن. سو=ڏن، پاڻ)، سوامي، گرو.

سانَ: (سن. شنڊ)، جوان پاڏو، مينهن جو مذڪر.

سانيارو: (سن. سنمک. +"آرو" پڇاڙي)، سامهون، اڳيان.

سانير: (سن. سمر)، يادگيري.

سانير: (سن. سنبر. سن. شمبر)، هرڻ جو قسم.

سانيڻ: (سن. سمڊا. سم=ساڻ+ڊا=رکڻ)، سانڍڻ.

سانت: (پرا. سنت. سن. شانت. شم=ٿڌو ڪرڻ)، چپ، شانتي.

سانجهي: (سن. سنڌيا. سم=چڱي طرح مان + ڌئي = ڌيان، ڪرڻ)، شام.

سانچڻ: (سن. سنچين. سم=چڱيءَ طرح سان+چ=جمع ڪرڻ)، آڻي ڏيڻ.

سانچو: (سن. سنتانا)، فرمو، پور، ٺپو.

سانڊاڻ: (سن. سندت)، ڪٽاڻ، آچار.

سانڊو: (سن. سرندڪ)، ڪرڙي يا ڇڇيءَ جي ذات جو جانور.

سانڊڻ: (سن. سمڊا. سم=سان + ڊا = رکڻ)، سانپڻ.

سانگ: (هي. سيکهيي. سن. شنڪ)، ڀالو، برڇي.

سانگ: (سن. سوانگ)، حيلو، ڪوشش، ڊول.

سانگي: (سن. سانگتڪ)، سانگي سان ايندڙ مسافر، مهمان.

سانگهارو: (سن. سنهار. سم= چڱيءَ طرح سان + هر =ڪٺڻ)، چينارو، چڃڻ.

سانورو: (پرا. سامل. سن. شيامل)، سانولو، ڪارانجهڙو.

ساوڻ: (پرا. ساوڻ. سن. شروان)، هندن جي هڪ مهني جو نالو.

سانئون: (سن. شيامڪ)، ڏيت جو قسم.

ساٿو: (سن. شرانت)، ٿڪل، خالي، سڪٺو.

ساٿيهہ: (سن. سوديش)، وطن. ڏسو "ساڙيهہ".

ساوڙي: (سن. شياما)، گاهہ جو قسم.

ساهه: (پرا. ساس. سن. شواس)، ساس، دم.

ساهتيہ: (سن. ساهتيہ، سهت=ميل)، ميلاپ، علم ادب.

ساهڙ: (سن: سهارد)، هوت، پيارو، سهڻيءَ جو پتار.

ساهيڙي: (گ. ساهيلي. هير. ساهلي. سن. س=سان+آلي= سکيي، سنگتياڻي)، سهيلي، سجني.

ساءُ: (پرا. ساءُ. سن. سواد. ف. سواد)، لذت، مزو.

سائر: (سن. ساگر)، سمنڊ.

سائر ڏيئي لت، آوجي نيچي پوڙي. (شاه ڪريم)

سائو: (سن. ساڌو)، ڪمائيءَ وارو، ڪٿوان، شاهوڪار.

سائين: (سن. سوامن)، مالڪ، گرو، استاد.

سبڻ: (پرا. سيوڻ. سن. سيون. سو=سبڻ)، ٽوپو ڏيڻ.

سبر: (سن. سبل. س=سان+بل=بل)، طاقتور، سگھارو، مضبوط.

سبوجهه: (سن. سبوڌ. س=سان+بوڌ=سمجهه)، سمجهو، سيالو. ضد "اڀوجهه".

سڀ: (سن. سرو)، ڪل، سيئي. هرڪا.

سڀا: (سن. سڀا. س=سان+ڀا=چمڪ)، سماج، دربار، مجلس.

سَپاڪو: (سن. سُوپاڪيه. سُ=چڱو+پاڪ=بزرگي، روشني)، سدورو. ضد "نپاڪو".

سَپائي: (ع. صبح+"آئي" پچاڙي)، صبحائي، اُڀندڙ ڏينهن.

سَپاءُ: (سن. سُوڀاوَ. سُوَ=پنهنجو+ڀاوَ=نمونو)، مزاج، عادت.

سَپت: (سن. سَروَترَ. سَروَ=سڀ+ترَ=جڳهه)، هر جڳهه.

سَپير: (سن. سبَلَ. سَ=ساڻ+بَلَ=ٻَلَ)، سگهارو، مدد گار.

سَٽ: (سن. سَپتَ)، ڇهه ۽ هڪ.

سَٽ: (پرا. سَتُ. سن. سَتوَ)، سَگهه، جوهر، تَتُ.

سَت: (سن. سَتيه، سَتُ. آس=ٿيڻ)، سَچ، صِدق.

سَتاسي: (سن. سَپتاشيت)، اسي ۽ ست.

سَتانوي: (سن. سپتنوت)، نوي ۽ ست.

سَتائڻ: (سن. سَنتاپنَ. سَم=چڱيءَ طرح سان+تَپ=تپڻ)، ڏک ڏيڻ.

سَتاويهه: (سن. سپتوِنشَت)، ويهه ۽ ست.

سَتيهه: (سن. سپتترنشَت)، ٽيهه ۽ ست.

سَترهن: (سن. سپتادشَ)، سورنهن ۽ هڪ.

سَتر: (سن. سَپتَت)، سٺ ۽ ڏهه.

سَتَڙ : (سن. سَ=چڱو+تَٽَ=تڙ)، سٺاڻو تڙ، پورو.

سَتَسَنگَ: (سن. سَتسَنگَ. سَتْ = چڱي + سَنگَ= سنگت)، ڀلي سنگت، ساڌن سان اٿڻ ويهڻ.

سَتُون : (پرا. سَتْنْ. سن. سَڪْتَ)، ڀُڳَل ڏاڻيون، مُٺي يا مٺائي جو قسم.

سَتُونجاهَ : (سن. سپتپنچاشَتْ)، پنجاهہ ۽ ست.

سَتَهتَرَ : (سن. سپتسپتت)، ستر ۽ ست.

سَتِي : (پرا. سَتِي. سن. سَتِي. سَتْ = چڱي)، استري، جا مڙس جي لاش سان گڏ جلي، سَتَ يا ميلَ واري.

سَتِي : (سن. شَڪْسَت)، دوا، ڦَڪي، ڀُڪي.

سَتيا ناسَ : (سن. سَتْيَاناشَ. سَتْيَ=سچائي+ ناشَ = ناس)، بربادي.

سَتيتاليهہ : (سن. سپتچتوارنشت)، چاليهہ ۽ ست.

سَٿ: (پرا. سَٿَ. سن. سارْٿَ)، ساٿ، ٽولو.

سَٺائي : (سن. سَ=چڱو + سْٺاني = پوري وقت تي)، پوري مهل تي، سويل.

سَٿَرو: (سن. سْوَڇ. سَ = گهڻو + اَڇُ = صاف)، نرمل، اجلو، سوالو.

سَٽَ : (پرا. سَٽْ. سن. سُوتْرَ، سوْ= سبق)، ڏورو، ڌاڳو.

سَتائو: (سن. سَتّا = هستي + "آئو" پڇاڙي)، خوفائتو.

سِنُّڻ: (سن. سُرج = خلقڻ)، رڌڻ، من ۾ وهارڻ.

سَٺ: (پرا. سَٺ. سن. شَشٽِ)، پنجاه ۽ ڏهه.

سَٺڙي: (پرا. سَٺِي: سَٺِڪ. سن. شَشٽِڪ. شَشٽِ = سَٺ)، سارين جو قسم، جو سٺ ڏينهن ۾ تيار ٿئي ٿو.

سَٺو: (پرا. سن. سَٺ. سن. سَشٽ)، چڱو، وڻندڙ، پسند.

سَپ: (پرا. سَپ. سن. سَرپ، سپ. سرپ = وڃڻ)، نانگ.

سِپ: (پرا. سَتِ. سن. شَڪستِ)، سپي، ڪوڏ يا ڪرڪٽي جو قسم.

سَپ: (پرا. سَپ. سن. سَورپ)، ڇڄ.

سپجڻ: (سن. سَ + آتَ = مٿي + پَدَ = پيدا ٿيڻ)، جمڻ، نپجڻ.

سَپڪ: (پرا. سپڪ. سن. سپڪو)، چڱيءَ طرح پڪل، سٺو، سوٽ.

سپنو: (پرا. سمڻ. سن. سو پن. سوپ = سمهڻ)، خواب.

سپوت: (سن. سُپتر. سَتي = سچو + پتر = پٽ ۲. سپتر. سَ = چڱو + پُتر = پٽ)، سلڇڻو پٽ. ضد "ڪپوت".

سَڦرو: (سن. سَڦَل. سَ = ساڻ + ڦَل = ميوو)، سڦلو، سجايو.

سِج: (پرا. سِج. سن. سوريہ. سَر = هلڻ)، سورج.

سُجاڳَ : (سن. سَ=سان+جاگرَ=جاڳڻ)، بيدار، جاڳيل.

سجاوتي : (سن. سورڻ=سج+"آوتي" پڇاڙي)، مٽي جو سور، جو سج اڀرڻ سان پوي.

سَجاوَٽ (سن. سَجا = سينگارڻ + "آوَٽ" پڇاڙي)، سينگار، ٺاهه ٺوهه.

سَجلَ : (سن. سَجا=سونهن ڏيڻ)، سينگارڻ.

چٽي مانگ مَحبن، چوٽو سر ڪنڌ ۾ سَجليو. (ڪنيار)

سَجڪَڻ : (سن. سَجنَ. سَج=چنبڙڻ)، چنبڙڻ، پرچڻ، سجهائڻ.

سَجاڻ : (پرا. سَجاڻ. سن. سَجيان. سَ=سان+جيانَ=ڄاڻ)، خبردار، سياڻو.

سَجڻ : (سن. سَجنَ)، دوست. ڏسو "ساجن". ضد "ڏَڄڻ".

سَجڻ : (سن. سوٿ : شوَيَٿ). آماسجڻ، ٿوٿرجڻ.

سَجڻ : (سن. شرت. شر=پڌڻ)، ڀڄڻ. سَجهڻ.

سَجهندو : (سن. سوچس. شچ=چمڪڻ)، سوجهرو، روشني.

سِجهڻ : (پرا. سِجهه. سن. سِڌ. سِڌ = پورو ڪرڻ)، ڪرڻ.

سَج : (پرا. سَڻ. سن. شونيہ)، ويراني، پينگ.

سَجائڻ : (سن. سم=سان+جيا=ڄاڻ)، سڃاڻڻ.

سَجڻ : (سن. سنڌان. سم = چڱيءَ طرح سان+ڌا=وڪڻ)، ڇهڻ، لڳڻ.

سَڃو: (سن. شونيه)، سکڻو، خالي مسڪين.

سَچ: (هيم. ڏن. سچ. پرا. سچ. سن. ستيه)، ست، سيل، ٺيڪ، درست.

سَچَر: (سن. سَ=چڱي طرح سان+چَر=چرڻ)، ڪَهڻ ڪانڪَ. ضد "ڏچر".

سُچيت: (سن. سچيتس. سَ = چڱو + چِتَ = من)، خبردار، هوشيار.

سَدا: (پرا. سدا. سن. سَدا)، سدائين، هميشه، نت.

سُڌ: (پرا. سُڌ. سن. سُڌِي)، پتو، خبر، سمجهه.

سِڌارڻ: (سن. سِڌن. سِڌ = وڃڻ)، لڏڻ، وڃڻ، مرڻ.

سَڌر: (سن. سَ=چڱي طرح سان+ڌَر= رکڻ ۲. شڌڪر. شڌ=صاف ٿيڻ)، ٺيڪ ٿيڻ، درست ٿيڻ.

سِڌڻ: (سن. سِڌ. سِڌ=پورو ٿيڻ)، پورو ٿيڻ، اَجي وڃڻ.

سِڌو: (سن. ساڌ)، ساڻهون، ٺيڪ، سچو، سادو ساڌو، نيڪ، سڌو سنئون.

سِڌو: (سن. سُڌ)، سنئون سڌو، جنهن ۾ ور يا ڏنگ نه هجي.

سَڏ: (سن. شبد. شپ = پڪارڻ)، آواز، واڪو، پڪار.

سَر: (سن. سرس. سر = وڃڻ، وهڻ)، تلاءُ.

سَرَ: (پرا. سَرَ. سن. شَرُ. شر= مارڻ)، تير، پوڙو.

سِرَ: (پرا. سِلا. سن. شِلَ= ڪٽو ڪٽو ڪري گڏ ڪرڻ، چونڊڻ)، مٽيءَ جو ڪچو يا پڪو سڊول ٽڪر.

سِرُ: (پرا. سِرَ. سن. شِرِس. شرُ= ناس ٿيڻ. ف. سَر)، مٿو.

سُرُ: (سن. سُورَ. سُورُ=آواز ڪرڻ)، آواز، لهجو.

سِراپُ: (سن. شاپَ. شَپُ= پاراتو ڏيڻ)، بد دعا، پِٽ، پاراتو.

سِراڌ: (سن. شراڌ. شرڌا= وشواس، اعتبار)، وڏن جي نيت غريبن کي کاڌو کارائڻ.

سِراڻ: (سن. شاڻَ)، رو هي.

سَرائي: (سن. شلاڪا. شَلُ= وڃڻ)، سيخ، جنهن سان سرمو پائجي، ڪاڏيءَ جي ڦيٽن ۽ پول ڪاٺ يا لوه جي ٺهيل يا پٽي.

سَرْبُ: (سن. سَرْوَ. سَرْ= وڃڻ)، سڀ، خدا تعاليٰ.

سي آڌيت ڇڇن، جن سَرب آتيت سهي ڪيو. (سامي)

سَمْرِتْ: (سن. سمرت)، هوش، خبر.

سِرجڻ: (سن. سرجن. سرج= پيدا ڪرڻ)، اپائڻ.

سَرڌا: (سن. شرڌا. شرت= پروسو + ڌا =رکڻ)، ايمان، پڪو وشواس.

سُرخابُ: (ف. سرخاب. سرخ + آب)، پاڻيءَ جو پکي، جيهو، جنهن جا پر ڳاڙها ۽ نرم ٿيندا آهن.

سُرخرو: (ف. سرخ = ڳاڙهو + رو = منهن)، مان وارو.

سَرسامَ: (ف. سَرسام. سَر = مٿو + سام = سوڄ)، بيماريءَ جو قسم، جنهن ۾ مغز سڄي پوندو آهي.

سُرڪو: (ڏ ن. سُرٽو. سن. سُرڪ. ف. سِرڪ)، انگوري رس.

سِرشٽي: (سن. سرشٽ. سرڄ=پيدا ٿيڻ)، ڪائنات، سنسار.

سِرکنڊ: (سن. شريکنڊ. شري = سونهن + کنڊ=ٽڪرو)، چندن، صندل.

سُرڳ: (سن. سُورڳ. ١- سُور = آواز + گو = وڃڻ. جتي سٺا آواز ٿين ٿا. ٢- سُ = چڱيءَ طرح سان+رڄ= وڃڻ. جتي چڱيءَ طرح سان وڃن ٿا يا رهن ٿا)، اندر لوڪ، بهشت. ضد "نرڳ".

سُرلو: (سن. سَرَل)، چٽو، صاف، خوش.

سَرَڻ: (پرا. سرڻ. سن. شرڻ. شر = مارڻ، جو پناهه ۾ اچي، تنهن جي دشمن کي مارڻ)، سامُ، اجهو، پناهه.

سُرنائي: (ف. سورنائِي. سور = شادي + نائي = سرود جو آواز)، شرناهه.

سرنگهه: (سن. سُرنگ)، زمين جي اندران رستو.

سَرنهن: (ف. سرشف. سن. سرشپ)، تيلي ٻج جو قسم.

سِرنهن: (سن. شِريش)، وڻ جو قسم.

سَرَڻ: (سن. سَرَڻ)، حاصل ٿيڻ، ڏهڻ، گذرڻ.

سَرَڻ: (پرا. سَرڻ. سن. سرڻ. سَر = هلڻ)، هلڻ، کسڪڻ.

سَرو (پرا. سَرا. سن. سرا. سَرُ=چمڪڻ، گهڻي لياقت رکڻ)، دارو، شراب.

سَرْوانُ: (ف. ساربان: سار وان)، اوٺي، اُٺواڻ. ڏسو "ساربان".

سَرُوپ: (سن. سَروپ. سَ = برابر + روپ = شڪل)، برابر، سمان.

سَرُوپَ: (سن. سُوروپَ. سُوَ = پنهنجو + رُوپ)، سونهن، سُندرتا، سوڀيا، شڪل.

سَرُوپَ: (سن. سَرُوپ. سَ=چڱو+ رُوپَ=شڪل)، سندر، سڊول، منوهر، خدا تعاليٰ.

سَرهو: (سن. سُهَرش. سَ = چڱو، سان + هَرش=خوشي)، خوش.

سُرهو: (پرا. سُرهه. سن. سُرڀ. سُ=چڱيءَ طرح سان + رڀ=چاهڻ، آواز ڪرڻ)، خوشبودار.

سَرَڌ: (سن. شَرَد. شَرُ=ناس ڪرڻ. ڪڪرن ۽ گرميءَ کي ناس ڪندڙ)، هڪ موسم جو نالو.

سَرِيتَ: (پرا. سَرِيءِ. سن. سَرِتَ. سُ=چڱيءَ طرح سان+ رَتُ، رمُ=محبت ڪرڻ، کيڏڻ)، يار، رکيل عورت.

سَرِيرُ: (پرا. سَرِير. سن. شَرِير. شَرُ=ناس ٿيڻ)، بدن، ديهه.

سريشٽ: (سن. شريشٽ. پرَ= گهڻو + شٽش= ساراهڻ)، اتم، اعليٰ، بهترين.

سَڙَڻ: (سن. سَڙڻ)، ڳرڻ، پچڻ، خراب ٿيڻ.

سَڙهه : (سن. شَڏ=ناس ٿيڻ)، ڪمزور، ڏڏو، ڪم طاقت، سِتل.

سِڙهه : (گ. سِيَ. هير. سِيَ و. سن. سَتمبِ. ع. شراع)، ٻيڙيءَ جو باد وان.

سَسَ : (پرا. سَس. سن. سَشَن)، چند.

سَسُ : (ڏن. سامو. پرا. سَسو. سن. شوشُرو)، زال يا مڙس جي ماءُ.

سُستو : (سن. سُوسَتَ)، سهانڱو.

سَشِيل : (پرا. سَسِيل. سن. سَشِيل)، اتم سيا واري.

سَسَڻ : (پرا. سُوسَ. سن. شَش)، سوڙهو ٿيڻ، ڪومائجڻ.

سَسو : (سن. شَش)، گهٽو، گهٽو.

سِسِي : (سن. شِيرِش. شَرَ= ناس ٿيڻ. جو آخر ناس ٿئي)، سر، مٿو.

سَڪاجُ : (سن. سَڪارِيَہ. سَ = چڱو + ڪارِيَہ = ڪم)، وڙائتو، لائق.

سَڪارَڻ : (سن. سُويڪرَڻ)، هٿ ڀرڻ، مڃڻ، هَنديءَ ڪي قبول ڪرڻ. ضد "اڪارڻ".

سَڪَرُ : (سن. سَڪال. سَ= چڱو + ڪال=وقت)، سَڪارو. ضد "ڏڪر".

سَڪَڻُ: (پرا. سَڪ. سن. شُشُ = گهٽ ٿيڻ)، ئوٽ ٿيڻ، بي رس ٿيڻ.

سَڪو: ڏسو "سڳو".

سِڪَ: (سن. شِشَيَ. شاشُ = سکڻ)، چيلو، گروناڪ جي ڏرم ڪي مڇڻ وارو.

سَڪَ: (پرا. سَهَ. سن. سَڪَ. سَڪَ=سڪي ٿيڻ: سَ= چگيءَ طرح سان + ڪَنُ = ڪوڙڻ)، آرام.

سَڪَرَ: (سن. ساڪشَرَ) شريف، لائق.

سِڪَڻُ: (پرا. سِڪَڻُ. سن. شِڪشَڻُ. شڪڻُ. = سکڻ، سيکارڻ)، پرائڻ.

سَڪِي: (پرا. سَهِي. سن. سَڪِي. سَ = ساڻ + ڪِيا = چوڻ وارو)، سهيلي، سرتي.

سَڪوتَرَ: (پرا. سَڪت. سن. سَڪوتَرَ. سَ=ساڻ + گوتَرَ=برادري)، ڪُل، ڪٽنب.

سَڳِداسي: (سن. سَگَنڌَ. سَ = چگي + گَڌَ = باسَ + واس)، جانورن جو قسم.

سَڳَرُ: (ع. ثَغَر)، سوڙهو لنگهه، اوڪو پڇرو.

سَڳِنڌَ: (پرا. سَگَنڌَ. سن. سَگَنڌَ. سَ = چگي + گَڌَ = بو)، خوشبو.

سَڳَنِي: (سن. سَگَڻ. سَ = چگي + گَڻ = پلائي)، سَاچَٽي.

سَڳڻ : (پرا. سَڳڻَ. سن. شَڪُنَ. شَڪ=طاقت رکڻ. ف. شَگون)، سڳڻ، سنوڻ ساٺ.

سَڳو : (هه سَڪا. سن. سُوَڪيوَ. سُوَ = پنهنجو)، سَڪو. سڳو ڀاءُ = هڪ ماءُ پيءُ جو ڄاول. ضد "ويڳو".
لَڄان چوران ڀَت نه ڪاڻي، توڙي هوُوَن سَڳي ڀائي.
(ڀهاڪو)

سَگهہ : (پرا. سَڪ. سن. شَڪتَ. شَڪ = طاقت رکڻ)، ٻَل، طاقت.

سَگهڙ : (سن. سَگهتَ. سَ = چڱي + گهتَ = گهڙڻ، ٺاهڻ. چڱي گهڙت ڪندڙ)، سالڪ، سوڙنج، وکر وهائيءَ وارو، ہيٺن جو ڪاريگر.

سِگهو : (سن. شِيگهرَ). جلدي، ترت.

سَڱُ : (سن. سَنگَ. سَم = ساڻ + گم = وڃڻ : سَنج = ملڻ)، ڀائپ، مائٽي.

سِڱُ : (هير. شِنگ، پرا. سِنگ. سن. شرنگ. شر = ناس ڪرڻ)، جانورن جي مٿي تي نڪتل ٻه سخت شاخون، سنگهو.

سَلاهڻ : (پرا. سَلاهڻَ. سن. شلاگهڻَ. شلاگهہ = ساراهڻ)، تعريف ڪرڻ، واکاڻڻ.

سَلجهائِڻ: (سن. شوڌَنَ)، سنوارڻ، سڌو ڪرڻ، ترتيب ڏيڻ.
سَلَڻ: (سن. شَلَيَ. شَلَ = پار وڃڻ)، تنگ ڪرڻ، سوراخ ڪرڻ.
سَلَڻ: (سن. سمابن. لَپَ = چوڻ)، سچي ڪرڻ. ضد "آلَڻ".
سَلَڇڻو: (سن. سَلَکشَڻ. سَ=چگو+لَکشَڻ=لڇڻ)، ڳئوان، سٺين عادتن وارو. ضد "ڪلڇڻو".
سَلوار: ڏسو "شَلوار".
سِلوڪ: (پرا. سلوگ. سن. شلوڪ. شلوڪَ = گڏ ڪرڻ، وڏڻ)، ڇنن بدن جو سنسڪرت شبد، آواز.
سَلونو: (پرا. سَلوڻ. سن. سَلوڻ. سَ=سان+لَوڻَ=لوڻ)، نمڪين، سوادي، مزيدار. ضد "آلُونو".
سِلهه: (ع. سِلّ)، مرض جو قسم.
سَم: (پرا. سَم. سن. سَم)، سمان، برابر، سڀ، پورو.
سَماپت: (پرا. سَمَتّ. سن. سَماپت. سَمَ = سان + آپَ = حاصل ڪرڻ)، پورو، ختم.
سَماج: (پرا. سَماجَ. سن. سَماجَ. سَمَ = سان + آجَ = وڃڻ. جنهن سان آئجي وڃي)، جماعت.
سَماچار: (سن. سَماچار. سَمَ = سان + آ = چئني طرفن کان + چَرَ = چلڻ)، خبر، احوال.

سَماڌ: (سن. سَماڌِ. سَمْ = آ + ڌا = رکڻ. چئني طرفن کان خيال رکڻ)، گهرو ڌيان، ڌڻي تعاليٰ سان محويت وارو ڌيان، اها نجاه، جتي جوڳي سنياسن کي پورين.

سَمانَ: (سن. سَمانَ. سَ = برابر + ما = ماپڻ)، برابر، مٽ.

سَمانو: (سن. سَمانَ. سَ = ساڻ + مانَ = عزت)، مانائتو، عزت وارو.

سَمائڻ: (سن. سَماويش)، داخل ٿيڻ، پئجي وڃڻ.

سَمْپادَڪ: (سن. سَمْپادَڪ. سَمْ = چڱيءَ طرح سان + پَدْ = چلڻ. ڪنهن ڪم کي چلائڻ وارو يا ڪرڻ وارو)، مهتمم، اخبار نويس.

سمجهڻ: (پراڪرت. سَنبُجهه. سن. سَنْ: سَمْ = چڱيءَ طرح سان + بُڌْ = سمجهڻ)، جاڻڻ.

سَمَرَٿ: (پراڪرت. سَمَٿ. سن. سَمَرَٿ. سَمْ = ساڻ + اَرٿَ = ڌن)، پهلوان، سگهارو.

سَمَرڻي: (پراڪرت. سَمَرَڻ. سن. سْمَرَڻي. سْمَرَ = ياد، ناليو وٺڻ)، مالها، تسبيح.

سَمْڪڻ: (سن. سَمَڪَتَ)، نوازڻ، راضي ڪرڻ.

سڀڙ رات سمڪنا، داتا ڏيئي دان. (شاه ڪريم)

سَمون: (پرا. سمي. سن. سمي. سم = ساڻ، سڀ طرح سان + اڻ = وجهه)، وقت.

سَموند: (پرا. سمد ر: سمد. سن. سمدر. سم = سڀ طرح سان + آنڊ = پيچاڻو. ٢. سم = سڀ طرح سان + آڌ = مٽي، گهٽو + دا = ڏيڻ)، ساگر، سمنڊ.

سَمهڻ: (پرا. ميهه. سن. شين. شي = سموڻ)، لنڊ ڪرڻ، آرام ڪرڻ.

سَميٽ: (سن. سميت. سم = ساڻ + آ = چئني طرفن کان + اڻ = وجهه)، سان، گڏ.

سَميٽڻ: (گ. سميٽون. سن. سمت + نا)، گڏ ڪرڻ.

سَمير: (پرا. سمير. سن. سمير)، ميرو جبل، جنهن کي هندو لوڪ سون ۽ رتنن جو ٺهيل چوندا آهن ۽ جتي ديوتائون رهن ٿا. جوڌهن (عام اجوم) ۽ "آتر قطب".

آڏا ڏونگر ڏاڪڙا، سخت سڄڻ سمير. (حمل)

سَن: (سن. شنيه)، چپ، ماٺ، خاموشي.

سَنياسي: (پرا. سنٺاس. سن. سنياسي. سم=چڱيءَ طرح سان+

نہ = ويجهو + آسَ = اچلڻ. جو ڪجهہ ويجهو (مال ملڪيت وغيرہ) هجي، سو اچلي ڇڏڻ)، تياڳي. چوٿين آشرم ۾ رهڻ وارو. ڏسو "آشرم".

سَنانُ: ڏسو " اشنان ".

سَنباهڻ: (سن. سَنڀرو)، تيار ڪرڻ.

سَنَبتِ: (سن. سنڀرتِ)، سنپتِ، تياري، سانباهو.

سَنبتَ: (سن. سَنوتْ. سَمَ=ساڻ+وَتْ=وڃڻ)، وڪرماجيت جو چلايل سال، سنَ.

سَنبنڌ: (پرا. سَنبنڌ. سن سَمبنڌ. سَمْ = ساڻ + بَنڌ=ٻڌڻ)، ميل، ميلاپ، ناتو، رشتو.

سَنڀالڻ: (سن. سمڀارڻ)، نگاهہ رکڻ، پرورش ڪرڻ، احتياط ڪرڻ.

سَنتْ: (سن. سَنتَ)، سادو، مهاتما، جوڳي.

سَنتوش: (پرا. سَنتوس. سن. سَنتوش. سَمْ=چڱيءَ طرح سان+ تش = خوش ٿيڻ)، صبر، سڪ، قناعت.

سَنٿا: (سن. سَنٿا. سَمْ = چڱيءَ طرح سان+سٿا = قائم ڪرڻ، سبق)، پڙهڻ.

سنپورڻ: (سن. سنپورڻ. سم = ساڻ + پر = پرڻ)، پريل، پورو، هڪ.

سنجم : (پرا. سَنجم. سن. سَنيم. سَمْ=چگيءَ طرح سان+يمْ= روڪڻ)، نيم، پرهيزگار، ڪفايت، صرفو.

سنجڻ : (ڪ. سنچوون. هيم. سِنچِهءَ. سن. سيچن. سچ+پاڻي ڪيرڻ)، ڪوهه مان پاڻي ڪيڻ.

سَنجهو : (هيم. سَجها. پرا. سَنجها. سن. سَنڌيا. سَمْ=چگيءَ طرح سان+ڌئي=غور سان نهارڻ، جاچڻ)، سانجهي، شام.

سَنداڻ : (ف. سَندان)، سَندڻ، لوهه جو اوزار، جنهن تي لوهه ڪٽجي.

سِندرَ : (پرا. سندورَ. سن. سندور. شنيَڏْ=وهڻ)، سينڌ پرڻ جو لال رنگ.

سَندرُ : (پرا. سَندرَ. سن. سندر، سَ=چگيءَ طرح سان +ڏرْ=عزت ڏيڻ)، خوبصورت.

سَندو : (سن. سَنتْ)، جو، وارو.

سَنڌ : (سن. سَنڌ. سَمْ=ساڻ+ڌا=رکڻ)، جوڙ، هڏن جو ڳنڍ.

سَنڌڻ : (سن. سَنڌانَ)، ريهڻ، ڳنڍڻ، سلم ٺني ڪرڻ.

سِنڌو : (پرا. سِنڌ. سن. سِنڌ. شيَندْ=وهڻ. جا سدائين پئي وهي)، سنڌو ندي.

سَنڌي: (سن. سنڌ. سَم=ساڻ + ڌا=رکڻ)، ميل، ميلاپ، جوڙ، اکرن جو ميلاپ (گرامر ۾).

سنڍ: (پرا. سَنڍي. سن. شنڍي)، کدڙي عورت، جا ٻار نہ ڄڻي.

سَنڍ: (پرا. سَنڍي. سن. شَنڍ. شَنڍَ=سَکڻ)، سکل آدرک.

سَنڍو: (هہ ساڍو. سن. شياليوودَ. شيالي=سالي + وودِهہ =مڙس)، ساليءَ جو مڙس.

سنرو: (سن. سرل. سَر=وڃڻ)، خوش تازو، توانو.

سَنسار: (پرا. سنسار. سن. سنسار. سَم=ساڻ+سَر=وڃڻ)، دنيا، جهان.

سَنسڪار: (سن. سَنسڪار. سَم=پاڪ، صاف، چڱيءَ طرح سان+ڪَر=ڪرڻ)، ڪرم يا ڪريا، جنهن سان شرير ۾ آتما، شڌ ٿئي، ڌرم، آرت، ڪام ۽ موکش پراپت ڪجي، صاف ڪرڻ جي ريت.

سَنسو: (سن. سَنشيہ. سم=ساڻ + شي=سمهڻ، گمان)، ڀرم، وسوسو.

سَنسڪرت : (سن. سنسڪرتَ. سم=صاف + ڪر = ڪرڻ. صاف ڪيل)، هندن جي پاڪ ٻولي.

سَنڪَٽ : (پرا. سَنڪَٽ. سن. سَنڪَٽ. سم = ساڻ + ڪٽ = گهيرو ڪرڻ)، سنگٽ، ڏک.

ڪاٽيءَ جي ڪم ۾، سنڪٽ ۽ گهڻا. (پهاڪو)

سَنڪَلپ : (پرا. سَنڪَلپ. سن. سنڪلپ. سم = ساڻ + ڪرپ = طاقت رکڻ)، دل جي خواهش، ڪامنا.

سَنڪَڻ : (پرا. سَنڪ. سن. شَنڪ)، ڊڄڻ، ڪنبڻ.

سَنڪ : (پرا. سَنک. سن. شنک. شم = ٺڏو ڪرڻ)، ناڏي ڪوڏ.

سَنکِني : (سن. شنکني)، عورتن جي چئن قسمن مان هڪ قسم. ڏسو "پدمني".

سَنکيو : (ف. شَرنک. سن. شرنَنڪ)، هڪ زهريلي شيءِ.

سَنگ : (پرا. سَنگ. سن. سَنگ. سَنج = وچڻ)، ميلاپ، دوستي، سنٻنڌ.

سَنگ : (پرا. سَنڪ. سن. شلڪ)، ٻاڙو، محصول، چنگي، ٻنگو.

سَنگاسَن: (س. سنهاسَن. سِنهه=شينهن+آسَن=تخت. شينهن جي شڪل وارو تخت)، راڄا جو آسن، تخت.

سَنگت: (پرا. سَنگئي. س. سَنگَتَ. سَمْ=ساڻ + گَمْ=وڃڻ)، دوستي، ميلاپ.

سَنگرام: (س. سَنگرام)، جنگ، لڙائي، جُڌ.

سيني ۾ سَنگرام، سَچا سناسن ڪي. (سچل)

سَنگيت: (س. سَنگيتَ. سَمْ=ساڻ + گَي= راڳ ڳائڻ)، اهو ڪم، جنهن ۾ ڳائڻ، بڄائڻ، ۽ ناچ ٿئي.

سِنگهه: (س. سِنهه. هَنسْ=مارڻ)، شينهن، شير.

سَنگهار: (س. سَنگهه = "آر" پڇاڙي)، ڌڻ وارو، مالدار.

سَنگهَر: (پرا. سَنڪَلَ. س. شْرِنکَلَ)، ٺيرَ، زنجير، پيڙي.

سِنگهڻ: (هيم. سَنگهيئ. س. سَنگهراڻ. سَن+گهرا=سنگهڻ)، واس وٺڻ.

سَنوارڻ: (س. سَنوارْتَنَ)، سينگارڻ، ٺاهڻ، درست ڪرڻ.

سَنمک: (پرا. سَنمهَ. س. سَنمُکَ. سَمْ=اڳيان، سامهون+ مُکَ=منهن)، سامهٺي، سامهون.

سِنهه: ڏسو "شَينهن".

سَنهن: (س. شپتَ. شَپْ = قسم کڻڻ، بد دعا ڪرڻ)، قسم، سوگند.

سِنڌرا : (سن. شِيتَلا. شِيتَ=ٿڌو+لا=وٺڻ)، ماتا جا داغ.

سَنئون : (سن. سَمَ)، سڌو، برابر.

سَنَيون : (سن. سمتا)، ڪڻڪ جي اَنَ مان ٺهيل سنهيون تارون، ڪاڄ جو قسم.

سَنيهہ : (پرا. سَنِيهَ. سن. سْنيهْ، سْنهہ=پيار ڪرڻ)، پريم، عشق، نينهن.

سَنيهو: (پرا. سَنديسَ. سن. سَنديش. سَمْ = ساڻ + دِشْ = وڏڻ)، پيغام، پارانيو.

سَنَيِّ : (سن. سْنيهَ=سْنِهْ=سٿيو ڪرڻ)، چربي.

سَنْڪَ : (ع. شرڪ. سن. سَرَڪ. سَرْ = وڃڻ)، سَڙڪ، شاهي رستو.

سَنْڪَڻ : (پرا. چِڪِتَ. سن. ڪشِپْتَ)، نَڪ صاف ڪرڻ.

سَنْسَ : (پرا. سَنْسَنَتَ. سن. سَنشانتَ)، کُڙڪ، خبر.

سَنْڻَ : (پرا. سُڻڻ. سن شَرَوَڻ. شْرُ=ٻُڌڻ)، ٻُڌڻ، ڪَن ڏيڻ.

سِـٺِي : (سن. شَٺْ، شَٺَ=ڏيڻ)، پوک، جنهن مان سوٽلي ٺهي.

سَوا : (سن. سَپادَ. سَ=ساڻ+پادَ=چوٿون حصو)، هڪ ۽ چوٿون حصو.

سَوادَ : (سن. سْوادَ. ف. سَواد)، مزو، لذت.

سَواڌائي : (سن. سَ=چڱي+ وَرڌ ڪا=مبارڪ)، خوشخبري.

سَوار: (ف. سَوار<اَسْوار=اَسو= آسپ=گهوڙو + "وار" نسبت لاءِ. سن. آشْوارَ)، گهوڙي تي چڙهيل، هَسوار.

سَوامي : ڏسو "سامي"

سَواهُ : (سن. سَوابوَ. س=چڱي + وارْتا = وائي)، چڱي وائي، وڻندڙ ٻولي.

سوڀي : (سن. شوڀا. شَڀ=چمڪڻ)، سونهن واري سهڻي.

سوڀيا : (پرا. سوڀا. سن. شوڀا. شَڀ=چمڪڻ)، سونهن، سندرتا.

سَوتلي : (سن. سَوتْرَ)، سِٽيءَ مان ٺهيل ڌورو.

سَوٽي : (سن. شَلْڪَ)، سودي ٻڌڻ لاءِ اڳوات ڏنل رقم، بيعانو.

سوٽ : (سن. سَ=چڱو + وَٽَ=وَٽيل)، مضبوط، ٺاٺو، سخت.

سونو : (گ. سوٽو. هہ. سونٽا. سن. شَنڊ. شَنڊ= ٺوڙڻ)، داسو، ڏنڊو.

سوٽي : (سن. سَوْتريه. سَوتْر = سٽ)، سٽ جو.

سوهاري : (ف. مِهاري. سن. سَهرِيہ)، ناريل جي ذات جو هڪ وڻ.

سَوڄي : (سن. شَچ)، ڪڻڪ مان ٺهيل اٽي جو قسم.

سوجهرو: (سن. شوچِسْ+"رو" پڇاڙي)، سَجهندو، روشني.

سوجھڻ : (پرا. سجوڻ. سن. شوڌن. شڌ = پاڪ يا صاف ڪرڻ)، جاچڻ، صاف ڪرڻ، پرکڻ.

سوچڻ : (سن. شوچن. شچ = جلڻ، غم ڪرڻ)، خيال ڪرڻ، جاچڻ، غور ڪرڻ.

سوڌر : (پرا. سڌر. سن. شوڌر. شچ = صاف ڪرڻ)، آرين جي چئن ذاتين مان پوئين ذات، ہنگي. ڏسو "ورڻ".

سودو : (ف. سودا)، واپار، بدل سدل، مٽا سٽا، وکر.

سوڌا : (سن. شڌ. شڌ = صاف ڪرڻ)، سڌا، صاف پاڪ. سروقد سوڌا ہرين، حورن ڪان ہ حسين. (سينگار)

سوڌڻ : (پرا. سوهڻ. سن. شوڌن. شڌ = صاف ڪرڻ)، ڌاتن کي صاف ڪرڻ، سڌارڻ.

سور : (سن. شول. شول = بيمار ٿيڻ)، درد، دک، پيڙا.

سوراج : (سن. سوراجيہ. سو = پنهنجو + راجيہ = حڪومت)، پنهنجي حڪومت.

سورٺ : (پرا. سورٺ. سن. سوراشٽر)، گجرات ۾ ڏکڻ ڪاٺياواڙ جو اڳيون نالو، راڳڻيءَ جو نالو.

سورج : (سن. سوريہ)، سج.

سورجمکي : (سن. سوريہ مکي)، گل جو قسم.

سُورداسُ: (سن. سُورَداسَ=هڪ هندي شاعر ۽ ڪَوِي، جو انڌو هو. انهيءَ ڪري هندو، انڌي کي سُورداسَ چون)، انڌو، اکين کان جڏو.

سُوڙَڪَ: ڏسو "سرڪ".

سُورمو: (سن. شُورَمانِي. شُورَ= بهادر. شُورْ= بهادري ڪرڻ)، پهلوان، وِيرَ.

سورَنهن: (پرا. سولَه. سن. شوڊَشَ)، پندرهن ۽ هڪ.

سُورهُ: (پرا. سُورَ. سن. شُورَ. شُورْ= بهادري ڪرڻ)، راوت، بالڪو، جوڌو.

سُوري: (پرا. سُولا. سن. شُولا. شُولْ=بيمار ٿيڻ)، سولِي، ڦاسِي.

سُورَيه: (پرا. سُورَ. سن. سُورَيَهْ)، سج.

سُوسَمارَ: (ف. سُوسمار. پرا. سَنسَمارَ. سن. شِشُمارَ، شِشُومارَ)، گوهه.

سُوڪَمُ: (پرا. سُهَمُ. سن. سُوڪشَمُ، سُوچْ = چتائڻ)، باريڪ، مهين، ٿورو.

سَوگ: (ف. سَوگ. سن. شوڪ. شَچْ = چنتا ڪرڻ)، ڏک، درد، ماتم.

سَوگَندَ: (ف. سَوگَند. سن. سَوگَندَ)، قسم.

سائين* جو سَوگَنڌ، ساجَنَ سَپَنَان سهڻو. (سينگار)

سومَ: (پرا. سومَ. سن. سومَ سُو = پيدا ٿيڻ، ڪران جو چڊڻ)، چنڊ.

سَومَرُ: (سن. سَومَوارَ. سومَ = چنڊ + وارَ = ڏينهن)، چنڊروار، آچر بعد ايندڙ ڏينهن.

سومَنَاتَ: (سن. سومَنَاتَ. سومَ = چنڊ + ناتَ = ڌڻي. مندر ۾ جو بُت رکيل آهي، سو چنڊ جي ڊول آهي)، بتخانو، جو گجرات ۾ آهي.

سونُ. (پرا. سَونْ. سن. سُوَرْڻُ: سُوَرْڻُ. سُ = چڱو + وَرْڻُ = رنگ. سهڻي رنگ وارو)، ڪنچن، طلا، زر.

سونارو: (سن. سُوَرْنَڪَارَ)، سونَ جو ڪم ڪندڙ.

سَولَهڻُ: (سن. سَمَرْپَڻَ. سَمْ = سان + آرَ پَڻَ = پيئا)، نذر، حوالي ڪرڻ.

سَولچو: (سن. شَوچَنَ = ارمان)، سعيو، سانباهو، گهٽي، انتظار.

سَولڊ: (سن. شنڊ. شَنْ + وچن)، هاليءَ جو لڪ.

سَونف: (سن. شتيشپا. شَتَ = سَوُ + پشپا = گل)، وَڏَ ف.

سَونڪِي: (پرا. سَنڪَ. سن. شُلڪَ = محصول، پتو)، سنڪ ونڻ وارو، محصول اُگاڙيندڙ.

سَونهاري: (سن. شوڀنَ + ڪارَ = وارو. سَونهن واري)، ڏاهي.

سَونهَن: (پرا. سوهَم. سن. شوڀَن. شُڀ = چمڪڻ)، خوبصورتي، جهلڪ.

سَوڻ: (پرا. سَوَڻ. سن. شَڪَن)، مڱڻ ساٽ، فال.

سُوڱ: (سن. شوڪَ. سُچْ = چنتا ڪرڻ)، سوڪ، مڙس جي مرڻ بعد زال جو غم.

سَوَتَر: (پرا. مڱَر. سن. شُوڪَر. شُو = آواز)، مرون، خنذير.

سَوِيڪار: (سن. سُوِيڪار. سُوَ = پاڻ + ڪارَ ڪَرْ = ڪرڻ)، قبول ڪرڻ، مڃڻ.

سوڌِڻ: (پرا. سوهڻ. سن. شوڌَن. شُڌْ = صاف ڪرڻ)، صاف ڪرڻ.

سَوير: (سن. سَوِيلَ. سُ = چڱو + وِيلَ = وقت)، سويل، ماڃهر. ضد ”آوير“.

سويمبر: (سن. سويمور. سويم = پنهنجو پاڻ + ور = پسند ڪرڻ ور ڪي)، استري جو پنهنجي مرضيءَ تي ور چوندڻ.

سهارو: (پرا. ساهار. سن. سهڪار)، مدد، سهايتا.

سهاڳ: (پرا. سوهڳ. سن. سوڀاڳيہ. س = چڱو + ڀاڳيہ = ڀاڳ، ڀاڳو)، مڙس جو پيار. ضد "ڏهاڳ".

سهاڳڻ: (سن. سوڀاڳني)، ور سهاڳڻ، ور واري عورت.

سهانجڙو: (پرا. سوهنجڻ. سن. شوڀانجن)، وڻ جو قسم، جنهن جي ڦرين ۽ ٻور جي ڀاڄي ٿيندي آهي.

سهانگو: (سن. سوارگهہ. سو = پنهنجو + آرگهہ = اگهہ)، سستو. ضد "مهانگو".

سهائتا: (سن. سهايتا. سهہ = ساڻ + اِڻ = وڃڻ)، مدد.

سهائڻ: (سن. شوڀن. شڀ = چمڪڻ)، سهڻو لڳڻ، وڻڻ، جڳائڻ.

سهائي: (سن. سڀاس. س = چڱي + ڀاس = روشني)، شعاع، سوجهرو.

سهڪ: (پرا. سهہ. سن. سپرهہ = چاهڻ)، سڪ، اڪير، چاهنا.

سهج: (سن. سهج. سهہ = ساڻ + جن = پيدا ٿيڻ)، سهنج، آسان، سولو.

سهچ: (پرا. سهہ. سن. سڪت)، سهج، سهنج، خوشي.

سهرا : (پرا. سيهر. سن. شيکر. شک = وڃڻ)، ٿڪ، موڙ.

سهرو : (سن. شوشر. ش=جلدي + آش=حاصل ڪرڻ. جو جلد عزت حاصل ڪري)، زال يا مڙس جو ميءُ.

سهس : (پرا. سهس. سن. سهسر)، هزار.

سهم : (پرا. سهم. سن. سوڪشم=ڏکو)، چڙپ، دڙڪو، طعنو.

سهنج : (سن. سهج. سه=سان+جن=پيدا ٿيڻ)، سهج، سک.

سهڻ : (سن. سهن. سه=برداشت ڪرڻ)، برداشت ڪرڻ.

سهڻو : (پرا. سوهڻ. سن. شوڀن)، سندر، وڻندڙ.

سهو : (ڏن. سيڻو. سن. شش. شش=آڇل ڪري هلڻ)، سيهڙ.

سهو : (پرا. سهه. سن. سپرهه)، لاڳاپو، واسطو.

سهي : (سن. سڌ)، سڌو، پورو.

سهيو : (پرا. سهه. سن. سڪت)، سکيو.

سهيلي : ڏسو "ساهيڙي".

سئي : (ک. سوي. هم. سوي. سن. سوچي. سچ=چنتا ڪرڻ، سو=سبڻ)، رڪ جو سنهي منهن سان ڏنگو اوزار، جنهن سان ڪپڙا سبجن.

سيارو: (سن. شيتَ ڪالَ. شيتَ = سَردي + ڪالَ = وقت)، هڪ موسم جو نالو.

سيالو: (سن. سَجَوان)، عقلمند، ڏاهو. ضد "ايالو".

سياءُ: (پرا. سَمَا. سن. سَجات)، سڳو، شريڪ، مائٽ، برابر، مَٽ.

سيباڻ: (سن. شوڀن. شُڀ = چمڪڻ)، سهاڻو، وڻندڙ، جڳائتو.

سيتَل: (سن. شيتَل. شيتَ = ٿڌو)، ٿڌو.

سيتلا: (سن. شيتلا. شيت = ٿڌو + لا = وٺڻ)، ماتا، بيماريءَ جو قسم.

سيٿ: (پرا. سيٿ. سن. سيٿر)، رسي، نوڙ.

سيٿي: (سن. شيٿر. شيٿ = اوزار، جو خوشي پيدا ڪري)، نديڙو باجو، سينڌ.

سيٺ: (هيم. سيٺي. پرا. سيٺ. شريشٺن = پراشسيه + اشٺن. پر = گهڻو + ٺنش = ساراهڻ)، وڏو شاهوڪار.

سيڄ: (پرا. سيڄا. سن. شَيّا. شي = سمهڻ)، پلنگ، کوچ.

سيڄام: (ف. سَزا)، مار، سيکت.

سيچالو: (گ. سنچالو. سَنچان. شينَ)، باز پکيءَ جو قسم.

سيڏو: (سن. آسڌ)، ڪچو ڪاڌو، ڪاڌي لاءِ اڻ پڪل سامان.

سير: (سن. سيڙڪ)، من جو چاليهون حصو.

سير: (سن. شيل. شِلْ=چڱيءَ طرح سوچڻ، اپياس ڪرڻ)، ميل. مَتَ، سڌو ڳڻ.

سيرو: (ف. شير)، حلوو، حلوي جو قسم.

سيڙهه: (سن. شَلْيَہ. شَلْ = وڃڻ)، هڪ قسم جو جانور، جنهن جي پٺيءَ تي تڪلا ٿيندا آهن.

سيڙهي: (سن. شريڻي. شِر= شيوا ڪرڻ)، ڏاڪڻ.

سيس: (پرا. سيس. سن. شيرش. شْرْ= ناس ٿيڻ)، سر، مٿو.

سيڪارا: (سن. شيتڪار. شيتْ = آواز، جو درد پيدا ڪري + ڪْرْ = ڪرڻ)، شوڪارا، ٿڌا ساهه، سڏڪا.

سيڪڙو: (سن. شتڪ. شَتَ = سؤ)، سؤ.

سيڪڻ: (سن. شريشڻ)، تئو ڏيڻ، گرم ڪرڻ، پچڻ.

سيڪو: (ملا. سيڪو)، جانورن جو قسم.

سيڱ: (سن. شارنْگ = سڱ جي ٺهيل. شرنگ=سڱ شْرْ= ناس ڪرڻ)، ڪمان.

سيل: ڏسو ”سير“.

سياو: (سن. شلي. شَلْ = وڃڻ)، تير، ڀالو، ارڙي.

ٿر جو سجهو سجڻين، ميگ منجهان ميلو. (شاهه)

سيلو: (هه. ميلا. سن. شلڪ. ف. شال)، نوڙ، سينهو، ريشمي چادر، ڏهُو.

سيله: (پرا. سيل. سن. شلي. شَلْ=وڃڻ)، ڀاڙو ڪنڊو، تير.

سيم: (سن. شنبي)، ول جو قسم.

اهڙن عجبين، ساهه، سوگهو ڪيو سيم جان. (وسو)

سين: (سن. سنجڃا. سم=چڱيءَ طرح سان + ڄڃا = ڄاڻو. اشارو)، صدا، سوال.

سينا: (سن. سينا. س = گڏ ٿيڻ)، لشڪر، فوج، ڪٽڪ.

سيناپتي: (سن. سناپت. سينا + پت = مالڪ)، لشڪر جو عملدار.

سينڌ: (پرا. سيمنت. سن. سيمنت. س=ڀڃڻ)، مانگ، مٿي جي سنواريل ليڪ.

سينڌو: (پرا. سنڌو. سن. سينڌو)، لوڻ جو قسم.

سينگار: (پرا. سنگار. سن. شرنگار. شرنگ=پيار جو وڌڻ + ر= وڃڻ. جنهن جي ڪرڻ سان من ۾ پيار وڌي ٿو)، شوڀا، سونهن، سجاوٽ. سينگار "سورنهن" آهن: ١- ڏندڻ. ٢- چورڻ (Tooth Powder). ٣- آڻن.

بدن صاف ڪرڻ جو مصالح. ۴- سندر. سينڌ پُرڻ لاءِ.
۵- ڪيسر. نرڙ تي تلڪ ڪيڻ لاءِ. ۶- سرمو،
ڪجل. ۷- بندي. آلي يا ٽڪڙو. ۸- تيل. وارن لاءِ.
۹- آرگجاه. سگنڌ شيءِ بدن کي لائڻ لاءِ. ۱۰- پانُ.
۱۱- ڦلي. ۱۲- مسي. ۱۳- نيرو رنگ. ڪاڏيءَ تي
تل بنائڻ لاءِ. ۱۴- ڳلن جي ڪنڊي. ستي ۽ پائڻ لاءِ.
۱۵- آلتا. ڳاڙها رنگ، پيرن جي ترين کي لائڻ لاءِ.
۱۶- ميندي.

ڪن وري هي "سورنهن سينگار" لکيا آهن:
۱- بدن صاف ڪرڻ. ۲- وهنجڻ. ۳- صاف پوشاڪ
پورڻ. ۴- ڪجل لڳائڻ. ۵- آلتا (ڳاڙهي رنگ)
سان هٿ پير رڱڻ. ۶- وار سنوارڻ. ۷- سينڌ ۽
سندر پرڻ. ۸- نرڙ تي تلڪ ڪيڻ. ۹- ڪاڏيءَ
تي تل (تر) ڪيڻ. ۱۰- ميندي لڳائڻ. ۱۱- بدن
کي سگنڌ شيءِ لڳائڻ. ۱۲- زيور پائڻ. ۱۳- ڳلن جي
ڪنڊي وارن ۾ پائڻ. ۱۴- پانُ کائڻ. ۱۵- ڏندن کي
مسي هڻڻ. ۱۶- لبن کي لال بنائڻ.

سِيَنَ: (سن. سَجَنَ)، سڄڻ. ڏسو "سڄڻ".

سِيهو: ڏسو "شيهو".

سِيهي جو سَيَّد چئي، وَکر وهايوم. (شاه)

سِيءَ: (پرا. سِيءَ. سن. شِيتَ)، پارو، ٿڌ.

# ش

**شاباس:** (ف. شاد = خوش + باش = هج)، آفرين، جس.

**شاستر:** (سن. شاسْتَرَ. شاسْ = سيکارڻ)، ڪنهن ديوتا يا مني (رشي) جو بنايل ڪتاب، پستڪ، پوٿي. شاستر "ڇهه" آهن: ويدانت ٢- نيايہ ٣- سانکيہ ٤- ميمانسا ٥- پاتنجل ٦- ويشيشڪ. هنن ڇهن شاسترن کي "شَڊْ دَرْشَنَ" (ڇهہ درشن، ديدار) پڻ چون ٿا. ڪاوِيہ (ڪوتا، شعر)، قانون ۽ علمي ڪتابن کي به "شاستر" چون ٿا. جيئن ته:- ڪاويہ شاستر، ڌرم شاستر، شلپ (هنر، ڪاريگري، ڪلا) شاستر، آلنڪار (رنگين ڪلامي، تجنيس، صنعت Figure of Speech: Ornate composition) شاستر وغيره.

**شاگرد:** (ف. شاه + گرد = چوڌاري. ماڻهو، جو بادشاه جي چوڌاري حڪم لاءِ بيهي. شاگرد به استاد لاءِ ائين آهي)، ختابي، وديارٿي.

**شاميانو:** (ف. شاميانه)، پال، جو لڪڙن تي بيهي، تنبوءَ جو قسم.

**شانتي:** (سن. سانت. شم = اڌ و ڪرڻ)، آرام.

شاهوڪار: (پرا. ساهار. سن. ساڌڪار. ساڌ=واپاري. ساڌ=پورو ڪرڻ+ڪار=ڪندڙ)، ڪوٺيءَ وارو، دولتمند.

شاهي: (ف. سياهي)، مس، ڪاراڻ.

افلاطون عقل جا، تا شاهي لاهن شاه. (جلال)

شَبدَ: (سن. شَبدَ. شَبدَ=آواز ڪرڻ: شَپ=ڪارڻ)، آواز، لفظ، حرف، پَدَ، ٻولَ، انجام، گيت، ٻچن.

شَبنَم: (ف. شَب=رات+نَم=آلاڻ. رات جي آلاڻ)،تريل ماڪ، ماٽ، ڪهڙي جو قسم.

شَپ: (سن. شپ. شَپ=چمڪڻ)،سدورو،سياڳو،ليڪ،ڀلو.

شَڌ: (پرا. سڌ. سن. شڌ. شڌ=صاف ڪرڻ)، پاڪ، صاف، اوجل، نرمل.

شَڊنگ: (سن. شَٽ آنگ. شَٽ=ڇهه+آنگ=عضوا)، بدن جا ڇهه عضوا: ١- ٻانهون يا هٿ (٢)، ٢- ڄنگهون (٢)، ٣- مٿو ٤- ڇيلهه.

لوڌ ڪنجل، ڪٽ ڪيسري، پرون پونر پونگ،
سروقد سوڌا پرين، آهن نيڪ شڊنگ. (سينگار)

٢- "شڊنگ" ويدن جي ڇهن ضميمي طور ڳڌ پاڻن (Six supplementaery Parts of the vedas) کي اڻ
چوندا آهن: ١- شڪشا (لفظ-اُچار- Pronunciation)

٢- ڪلپ (هندو مذهب جي ڪريا ڪرم يا ريت رسم- The ritual of the Hindu religion)، ٣- ويا ڪرڻ (علم صرف ونحو- Grammar) ٤- ڇند (علم عروض- Prosody)، ٥- جيوتش (علم نجوم، علم هئيت، آڪاسي نروار- Astronomy)، ٦- نرڪت (جنهن ۾ ويدن جي ڪٺن ۽ ڳوڙهن لفظن جي معنيٰ آهي- The meaning of the unusual terms).

**شرمسار:** (ف. شرمسار. شرم=لڄ + سار= صاحب. لڄ جو صاحب)، لڄي، ڦڪو.

**شرمندو:** (ف. شرمنده. "شرميدن" جو اسم فاعل. ٢- شرم= لڄ + "مند" فاعليت جو لفظ + "ه" جهڙائي جي نشاني. ٣- شرم + مانده)، لڄي.

**ششدر:** (ف. ششدر. شش=ڇهه + در=دروازا)، عاجز، مونجهل. هي لفظ در اصل "نرد" راند تان ورتل آهي. هن راند ۾ ٢، تختا، هرهڪ تي ٻارنهن خانا آهن، ليڪن وچ ۾ وڇوٽي ڇڏيل آهي. هرهڪ تختي تي سڄي ۽ کٻي ڇهه ڇهه دروازا آهن. جڏهن ڳوٽ، تختي جي ڇيڙي تي پهچندي آهي، تڏهن (ڳوٽ جو) وڌيڪ

هلڻ محال ٿي پوندو آهي، جنهنڪري ڪيڏندڙ نهايت حيران ٿي پوندو آهي. ۲- عالم شش جهات: ۱- اتر ۲- ڏکڻ ۳- اوڀر ۴- اولهه ۵- زمين ۶- آسمان.

شَطَرَنج: (ع <ف. ستَرنگ يعني ماڻهوءَ جي شڪل جهڙو، چاڪاڻ ته شطرنج جي مهرن ۽ سارين کي به ماڻهن جا نالا ڏنل آهن، تنهنڪري هن راند کي "سترنگ" يا "مَردم گيا" پڻ چون ٿا. ۲- سن. چتُرنگ. چتُر= چار+انگ= عضوا. هن راند ۾ بادشاه ۽ وزير ڌاران چار عضوا يا رُڪن آهن: ۱- هاٿي ۲- اٺ ۳- گهوڙا ۴- پيادا. ۳- ف. شَد رنج يعني ويئي هلاڪي ۴- ف. صد رَنگ. صد=سَؤ+رنگ= ٺُڪيءَ. ۵- ف. صد رنج. سَؤ سورن ۽ هلاڪين جا)، راند جو قسم.

شَڪر: (ف. شَڪر. ع. سَڪَر. انگ. شُگر Sugar. سن شرڪرا. شر=ناس ڪرڻ، ڳنڍي کي ڀڃڻ)، کنڊ.

شَڪَر: (سن. شَڪر. سَچ=پوتر ٿيڻ، سوچڻ)، ڇهون گرهه، زهره جمعو.

شَڪَروار: (سن. شَڪر. سَچ = پاڪ ٿيڻ، سوچڻ + وار = ڏينهن)، جمعي جو ڏينهن.

شَڪتِي: (سن. شَڪتِ. شَڪ = طاقت رکڻ)، طاقت، سگهه.

شَلوارَ: (ف. شَل=ران، سَتر+ "وار" نسبت جي نشاني)، سٿڻ.

شلوڪ: ڏسو "سلوڪ".

شَمشيرَ: (ف. شَم = ننهن، پڇ + شير = شينهن. تراربہ شينهن جي ننهن يا پڇ جهڙي آهي)، تلوار.

شِنگهہ: (سن. سِنهہ. هَنْ = مارڻ)، شينهن، آنامرو.

شِوالو: (سن. شِوالِيہ. شِوْ=مهاديو+ آلِيہ = جاءِ)، شِو جو مندر.

شَودَرَ: (سن. شودَرَ. سُچْ=صاف ڪرڻ)، ڏسو "سودر".

شُوڪارَ: (سن. شِيتَڪارَ. شِيتَ=آواز، جو درد پيدا ڪري + ڪَرْ = ڪرڻ)، سيڪارا، ٺڏا ساهہ، سڏڪا.

شَهَنشاهَ: (ف. شاهانِ شاهہ <شاهِ شاهان)، بادشاهن جو بادشاهہ.

شِيشَمَ: (سن. شَنشَپا)، وڻ يا ان جي ڪاٺ جو قسم.

شَيلَ: (ع. سَير)، چڪر، گهمڻ.

شِينهن: (پرا. سِنهہ. سن. سِنهہ. هِنْس = مارڻ)، شير.

شِيوا: (سن. سيوا. سيوْ = خدمت ڪرڻ)، خدمت، ٽهل، چاڪري.

شِيهو: (سن. سِيسَڪَ)، ڌاتوءَ جو قسم.

## ص

صابڻ: (ع. صابون)، مشهور سڀني مصالحن واري شيء، جنهن سان ڪپڙا ڌوپن ٿا.

صوفي: (ع. صوف= پشم + "ي" نسبت جي. ٢- "صوف" قوم جو نالو، جنهن جا ماڻهو ڪعبہ جي خدمت ۾ رهندا هئا ۽ ماڻهن سان چڱائي ڪندا هئا)، ڪٺيوال، اهو، جو دماغ کي غير جي مشغوليء کان پاڪ رکي.

صاحب: (ع. صاحِب. "صحبت" جو اسم فاعل)، خداوند، مالڪ.

## ڪ

ڪابنو: (ف. ڪابين)، مهر، استري ڌن.

ڪاپارو: (سن. ڪپال= مٿان ڍڪيندڙ)، ڪاپر، ڪجيء يا ناريل جي ٽاندورن مان ٺهيل نوڙي، مڄ جو قسم، رسو، نوڙي.

ڪاپارو: (ع. قباله)، قبالو، بيعنامو، دستاويز.

ڪاتي: (سن. ڪرتري. ڪرت = وڍڻ)، ننڍو ڪات، وڏو چاقو.

ڪاٽڻ: (سن. ڪرتن. ڪرت=وڍڻ)، ڪٽڻ، ڇيڻ.

ڪاٺ: (پرا. ڪاٺ. سن. ڪاشٽ)، عمارتي ڪاٺي، اڪڙ.

ڪاٺڪٽو: (سن. ڪاشٽ ڪوٽ. ڪاشٽ = ڪاٺ + ڪرت = ڪٽڻ)، پکيءَ جو قسم.

ڪاٺير: (سن. ڪاشٽ ڪار)، ڪاٺيون ڪندڙ، ڪاٺيون وڪڻندڙ، هڪ ذات.

ڪاپار: (سن. ڪپال. ڪپ+ڪالَ = هڏن جو جوڙ)، ڪپار، کوپري.

ڪاپڙي: (هيم. ڪَپَڙي. پرا. ڪپڙ. سن. ڪارپٽڪ)، فقير جو قسم، زاهد، جوڳي، تپشي.

ڪاج: (پرا. ڪج. سن. ڪاريہ)، ڪم، ڄڃ، مجلس، دعوت.

ڪاچ: ڏسو "ڪانچ".

ڪاڇو: (سن. ڪڇ)، جبل جي پير واري زمين.

ڪاڍو: (سن. ڪرش)، ڇڪ، ڪشش.

ڪار: (ف. ڪار. سن. ڪاريہ. ڪر = ڪرڻ)، ڪم، ڌنڌو، مشغولي.

ڪارب: (ع. قالب)، سانچو.

ڪارتوس: (يور. ڪارٽوش)، بندوق جي ٽوپي، گولي.

ڪارِج: (س. ڪارِيہ. ڪَرْ=ڪرڻ)، ڪم، ڪاج.

ڪارَنهن: (س. ڪالمَنْ. ڪال = ڪارو)، ڪاراڻ، داغ، چٽو، عيب.

ڪارَڻ: (پرا. ڪارڻ. س. ڪارَڻَ. ڪْرْ=ڪرڻ)، سبب، وَجهه.

ڪارَڻي: (س. ڪارَڻڪَ. ڪْرْ+ڪرڻ)، ڪارڻ يا سبب بڻجڻ وارو.

مَيَ محمّد ڪارڻي، اِرتون منجهان اينهن. (شاه)

ڪارو: (س. ڪالَ)، سياه. ضد "اڇو".

ڪارون: (س. ڪالَ=ڪَرڪن)، دانهون، پڪارون.

ڪارِيهَر: (س. ڪالَ هَرَ. ڪالَ=سوت+هَرَ=ڪندڙ.

۲. ڪالَ=ڪارو+هَرَ=ڪندڙ)، ڪارو نانگ، نانگ جو قسم.

ڪارونيارَ: (س. ڪالَ يارَ. ڪالَ = ڪارو + يارَ = ڏڪ. ڪارنهن جو ڏڪ)، ڪارنهن، اونداهي، ڪُوڙهو.

ڪاڙهن: (س. ڪْرْتَ)، ٺهڪاڻ.

ڪاسائي: (ع. قصّاب)، ڪاسائي، گوشت پائيندڙ هڪ ذات.

ڪافُور: (ع. ڪافور. پرا. ڪپور. <س. ڪَرْپُورَ)، ڪپور، مرهي وَڪر جو قسم.

ڪاڪَتَ (ع. طاقَت)، زور، ٻَل، سَگهه.

ڪَرهي ڪاڪَتَ ڇڏيي، وَريس نَ وائي. (شاه)

ڪاڪَلَ: (ف. ڪاڪل. سن. ڪَرڪرالَ)، وار، زلف.

ڪاڳَرَ: (ف. ڪاغذ)، پنو، خط، حساب ڪتاب.

ڪالَ: (پرا. ڪالَ. سن. ڪالَ)، موت، وقت.

ڪالهه: (ز ن. ڪَلَ. پرا. ڪَلَ. سن. ڪَلَيہ)، گذريل ڏينهن.

ڪامَ: (پرا. ڪامَ. سن. ڪام. ڪَمُ = خواهش ڪرڻ)، شهوت، دنيوي خيال.

ڪامَڻَ: (هيم. ڪَمڻَ. سن. ڪارمڻَ. ڪَرُ = ڪم + مَنَ = خيال ڪرڻ)، جادو، اندر جال.

ڪامڻي: (سن. ڪامني. ڪَمُ = خواهش ڪرڻ)، سهڻي عورت، ڪامول.

ڪامودَ: (سن. ڪامودَ، ڪَمُ = خواهش ڪرڻ)، هڪ راڳڻي جو نالو.

ڪامولَ: ڏسو "ڪامني".

ڪانَ: (سن. ڪانڊَ. ڪَڻُ + آواز ڪرڻ)، تير.

ڪانتَ: (پرا. ڪَنتَ. سن. ڪانتَ. ڪَمُ = پيار ڪرڻ)، مڙس، عاشق.

ڪانٺو: (سن. ڪنٺڪ)، تارازي، ساهمي، ڪھڙيال جي ڪني.

ڪانجھي: (سن. ڪانجڪ)، چانورن جي رب.

ڪانچ: (پرا. ڪنچو. سن. ڪنچڪ. ڪنچ = ٻڌڻ)، سٺو ملوار.

ڪانچ: (سن. ڪاچ. ڪچ = چمڪڻ)، ڪاچ شيشو، ڪچ.

ڪانچن: (پرا. ڪانچڻ. سن. ڪانچن)، سون.

ڪانڌ: (پرا. ڪنت. سن. ڪانت. ڪم = پيار ڪرڻ)، مڙس، ھتيو، ڀتار.

ڪانڊ: (سن. ڪانڊ)، باب، فصل، حصو، ٽڪر، تير.

ڪانڊارجڻ: (سن. ڪنٽڪ. ڪنٽ = وجڻ)، لنوءِ لنوءِ ڪڙي ٿيڻ.

ڪانڪي: (سن. ڪانڪشا. ڪانڪش = پيار ڪرڻ)، خواھش مند، اڇاوان.

ڪانگ: (پرا. ڪاگ. سن. ڪاڪ. ڪڪو = آواز ڪرڻ)، ڪانءُ

ڪانو: (سن. ڪانڊ. ڪڻ = آواز ڪرڻ). ٽر جي ٻري، جوئر جو ڳنو، ڪلڪ.

ڪانھ: (سن. ڪاس)، ٻوڙي يا ٽر جو قسم.

ڪانھار: (ع. ڪاھل. سن. ڪاھل = ڏڀرو)، سست، ڪمزور.

ڪانءُ ڏسو "ڪانگ".

ڪاتر: (هير. ڪاهلو. پرا. ڪاير. سن. ڪاتر)، ڊڄڻو، گيدي، بزدل.

ڪاني: (سن. ڪانڊ = تير)، ڪانو، تيلي (سَر يا پوڙي جي)، ڪاٺ يا سارين جي پوک جي ڪاني، پٽ پاراتو، جنهن ڪان مصيبت نازل ٿئي.

جنهن جي ماني، تنهن جي ڪاني. (پهاڪو)

ڪاڻو: (سن. ڪاڻ. ڪڻ=بند ڪرڻ)، يڪ چشم، هڪ اک وارو.

ڪاڇو: (پرا. ڪاڇ. سن. ڪاچ. ڪچ = چمڪڻ)، شيشو.

ڪايا: (پرا. ڪايا. سن. ڪايا. ڪ = ديوتا جو نالو)، جسم، سرير، ديهه.

ڪبت: (سن. ڪوتا)، هندي شعر جو قسم، جو ڇهن سٽن جو ٿئي، دوهي جو قسم.

ڪبوتر: (ف. ڪبوتر. سن. ڪپوت)، پاليهر. جهنگلي "ڪبوتر" کي "پاليهر" چوندا آهن.

ڪباڙي: (سن. ڪرپٽ + "ڙي" پڇاڙي)، پراڻو سامان وڪڻندڙ.

ڪپڻ: (سن. ڪلپن. ڪلپ = ڪپڻ)، ڪپڻ، ڌڄڻ.

ڪُپِلي: (سن. ڪُ = خراب + گ. ڌ ن. پِلي = سنگتي)، نالائق سنگياتي، پليءَ يا سنگتيءَ کانسواءِ، اڪيلي. ضد "سپلي".

ڪُپو: (سن. ڪُبج)، گُڪو، پٺيءَ لوبل.

ڪَترڻ: (پرا. ڪَتّر. سن. ڪَرتَن)، قينچيءَ سان ڪپڻ.

ڪَترڻ: (سن. ڪَرتَن. ڪَرت = وڍڻ)، ڏندن سان ڪاٽڻ يا ٽُڪڻ.

ڪَترڻي: (سن. ڪَرتَني)، اها قينچي، جنهن سان جانور جا وارَ لاهجن.

ڪَتڻ: (سن. ڪَرتَن. ڪَرت = ڪپڻ)، وَٽڻ، ٽَڪ ڏيڻ.

ڪَتو: (پرا. ڪُڪُر. سن. ڪُڪُر)، سَگ، جانور جو قسم.

ڪَتي: (پرا. ڪَتيا. سن. ڪَرتِڪا)، ثريا، پروڻ، ستن تارن جو سيڙ.

ڪَٿا: (سن. ڪَٿا. ڪَٿ = چوڻ)، ڌرمي ڳالهه، بات.

ڪَٿڻ: (سن. ڪَٿن. ڪَٿ = چوڻ)، ماپڻ، اندازو لڳائڻ.

ڪَٽ: (پرا. ڪَڊ. سن. ڪَٽ: ڪَٽي)، ڪمر، لڪ، چيلهه، ٽَڪي.

کهو نکهت اوت در راه چلي، شب شام گهٽي ترنا ترنيي،
کت پيل جدع، ڪتِ ڪيسر ڪيِ، دو نيبان هرنا هرني.
(صابر)

ڪَٽ : (سن. ڪِٽّ. ڪِٽ=وڃڻ)، زنگ، موريان، ٽڙچو.

ڪُٽَ : (پرا. ڪُٽّ. سن. ڪَٽَ. ڪُٽَ = ڪپڻ ٽڪ)، دلو، گهڙو.

ڪٽاري : (هيم. ڪٽاري. پرا. ڪٽار. سن. ڪٽار)، ڪٽار، خنجر.

ڪَٽڪَ : (سن. ڪٽڪ. ڪَٽ=وڃڻ)، لشڪر، فوج، سينا.

ڪِٽلي : (انگ. ڪيٽل Kettle)، چانهه دان، ديگڙي.

ڪَٽنب : (سن. ڪٽنب)، ڪڙم، آکهه، ڪل، گهراڻو، خاندان.

ڪَٽڻ : (سن. ڪرتن. ڪرت = ودڻ)، ڪپڻ، ٽڪر ٽڪر ڪرڻ.

ڪَٽڻ : (پرا. ڪٽڻ. ڪٽ = پچڻ)، سٽڻ، مارڻ، ڌڙڻ، گڏڻ، چلهڻ.

ڪَٽورو: (پرا. ڪٽورگ. سن. ڪٽور)، وٽو.

ڪَٽهڙو: (ه. ڪاٺ + گهر. سن. ڪاشٽ + گرهه)، جهنگلو.

ڪَٽي : (سن. ڪَٽ، ڪٽي)، ڪمر، چيلهه. ڏسو "ڪَٽ".

ڪَنِيا : (پرا. ڪَڻِي. سن. ڪَڻِي)، ڪَڻِي، جهوپڙي، ڦيرائو آستان.

ڪَنمالَ : (سن. ڪنٺ مالا. ڪَنٺَ + مالا = هارَ)، ڳچيءَ جو ڳهڻو، ڪَنٺلو، ڪَنڍي.

ڪَٺِن : (پرا. ڪَڍِڻ. سن. ڪَٺِن. ڪَٺْ = پريشانيءَ ۾ رهڻ)، ڏکيو، سخت، ڪَٺائو.

ڪَٺورَ : (پرا. ڪَڍورَ. سن. ڪَٺورَ)، بي رحم، اِردني، سنگدل.

ڪَپاٽَ : (پرا. ڪوالَ. سن. ڪَپاٽَ)، دَرَ.

ڪَپَتِ : (سن. ڪُ = خراب + پتْر تيٽيس)، لڳي، دولاب. ضد "سپَتِ".

ڪَپتانَ : (انگ. ڪيپْٽِن Captain)، مکيہ عملدار، ناڪئو.

ڪَپَٽَ : (پرا. ڪَوَڍَ. سن. ڪَپَٽَ)، لڳي، دولاب، چَلَ تَرْڪَٽَ.

ڪَپَچ : (سن. ڪُ = خراب + پَٿْيہ. پَٿْ = وڃڻ. خراب رستي تي وڃڻ)، نالائقي، ناموزون هلت، بدپرهيزي.

ڪَپرَ : (سن. ڪَمالَ)، ڪنارو، پَڪَ.

ڪُپَرَ : (سن. ڪُ = خراب + پْرَڪارَ)، ڪُريت، بڇڙي هلت.

ڪپڙو: (پرا. ڪپڙ. سن. ڪرپٽ. ڪر= ڪرڻ+ پٽ= ڪپڙو)، لٽو، چيرو.

ڪپل: (پرا. ڪول. سن. ڪپل)، ڳاڙهو رنگ، ڀورو رنگ.

ڪپو: (پرا. ڪتو. سن. ڪتپ: ڪوهڪ. ڪوپ= ڪوه. ڪپي جي شڪل ۾ ڪوه جهڙي آهي)، وڏي ڪپڙي، چمڙي جو ٿانءُ.

ڪپوٽ: (سن. ڪ= خراب+ پتر= پٽ)، ڪپٽ، اڻسڌر يل پٽ. ضد "سپٽ: سپٽ".

ڪپول: (پرا. ڪوول. سن. ڪپول)، ڳل، رخسار.

ڪپور: (ڌ ن. ڪپورو. پرا. ڪپور. سن. ڪرپور. ع. ڪافور)، ڪافور.

ڪپه: (سن. ڪرپاس)، ڪپاس، ڪپاه.

ڪجاوو: (ف. ڪجاوه)، آٺ تي وجهڻ جي پالڪي، ڏولي، جنهن ۾ خاص طرح عورتون سفر ڪن.

ڪجل: (پرا. ڪجل. سن. ڪجل. ڪت= خراب+ جل= پاڻي)، ڏئي جو ڦلو، جو سرمي جو ڪم ڏئي.

ڪنيا: (سن. ڪنيا. ڪن= خوش ٿيڻ)، ڇوڪري، جا ١٤ سالن کان گهٽ هجي، دوشيزه، ڪنواري.

ڪڇري : (هہ. ڪنڇني. سن. ڪانڇن=سون. سونن گهڻن واري)، ڪسٻياڻي، رنڊي، ڇڪلي جي رن، فاحش عورت.

ڪڇه : (سن. ڪنڇت. ڪم=ڇا+"ڇت" سنسڪرت پڇاڙي Suffix حرف تنڪير جي علامت)، ڪجهه ٿورو.

ڪڇ : (سن. ڪڇ. ڪڇ=ڇمڪڻ)، وار، ڪيس، ڇتا. سي ڪي ڪڇ قريب جا، وڏ تليهر تجلن. (وسو)

ڪڇالو : (سن. ڪشن+"آلو" پڇاڙي)، ٻاجهي جو قسم.

ڪڇرو : (ڏن. ڪڇرو. سن. ڪڇر)، گند، پهر.

ڪڇڪول : (ف. ڪڇڪول)، ڪشتو. فقيرن جي هٿ جو ٺانءُ.

ڪڇار : (سن. ڪانچنار)، وڻ جو قسم، جنهن جا گل ٻاجهيءَ جي ڪم ايندا آهن.

ڪڇو : (سن. ڪڇ)، دريا جي پر واري زمين.

ڪڇو : (سن. ڪشن)، اڻ پڪل، اڻ رسيل. ضد "پڪو".

ڪڇو : (سن. ڪتسا. ڪتس=گار ڏيڻ)، گار، عيب، مهڻو، طعنو.

ڪچور : (ڏن. ڪچري. پرا. ڪچور. سن. ڪرچور)، هڪ قسم جو ٻوٽو يا ان جو ڦل.

ڪچوري : (ڏن. ڪچرة. سن ڪچورڪا=ڇمڪندڙ پوڙي)، بيسڻ جي ٽڪي، جنهن ۾ دال هجي.

ڪچوڻ : (سن. ڪنچن)، سسائڻ، گھٽائڻ.

ڪچهري : (سن. ڪشتهري. ڪشت = خراب + هري= ڪٽي
وڃڻ. جتي انصاف جي ذريعي خرابي دور ٿي وڃي.
عدالت خانو، نياءُ سڀا، دربار، دفتر، سڪھڙن ۽
شاعرن جو ميل، جتي خيالن جي ڏي وٺ ٿئي.

ڪڇ : (پرا. ڪڇ سن. ڪڪش)، بغل.

ڪڇ : ڏسو "ڪجھ".

ڪڇو : (ڏن. ڪڇا. پرا. ڪڇا. سن. ڪڪشا)، جانگھي، لانگوٽي.

ڪڇون : (سن. ڪڇپ)، سيسر جي ذات جو جانور.

ڪڌاتورو: (سن. ڪ = خراب + ڌاتو = بنياد + "رو"
بچاءُ)، خراب بنياد وارو. ضد "سڌاتورو".

ڪڏڻ : (سن. ڪورڌن. ڪورد=ٽپو)، ڪِڏڻ، خوشي ڪرڻ.

ڪڏهن: (پرا. ڪيا. سن. ڪدا)، ڪھڙي وقت.

ڪڍڻ : (گ. ڪاڍوڻ. ڏن. ڪڍڻ. پرا. ڪڏڻ. سن.
ڪرشڻ. ڪرش=چڪڻ)، ٻاهر ڪرڻ.

ڪر: (سن. ڪلا. ڪل = ڳڻڻ)، خبر، معلوم.

ڪَرَ : (پرا. ڪر. سن. ڪر. ڪر = ڪرڻ )، هٿ.

ڪر : (سن. ڪرتي)، لاءِ، ڪاڻ، واسطي.

ڪَرَ: (سن. ڪَلِ. ڪَلِ = ميل ڪرڻ)، ڪَٽنب، گهراڻو، آڪهه.

ڪِرِ: (پرا. ڪِير. سن. ڪِير)، چتول، طوطو.

ڪِرانَ: (سن. ڪِرڻ. ڪِرُ=چڙڻ)، روشنائي، ترورو.

تَڳي تهائي تاس رِپ، واڙ و ڪونتَ ڪرانَ. (سينگار)

ڪَرائي: (سن. ڪَلاچي)، هٿ ۽ ٻانهن جو جوڙ.

ڪَرَبلا: (ع. ڪَرب=ڏک+بلا=ڏاڍائي، ايذاءَ)، عراق ۾ هڪ شهر، جتي حضرت علي رض جو فرزند امام حسين رض شهيد ٿيو هو.

ڪِرتِ: (سن. ڪِرتِ. ڪِرُ=ڪرڻ)، ڪم، ڌنڌو، مشغولي.

ڪَرتارَ: (سن. ڪرتار. ڪرتا=پيدا ڪندڙ. ڪِرُ=ڪرڻ)، پرميسر، ايشور، ڀڳوان، رَبّ، خدا.

ڪَرتَبَ: (سن. ڪرتوي. ڪِرُ=ڪرڻ)، ڪم، هنر، ڪرامات.

ڪَرتَري: (سن. ڪرتر. ڪِرُ=ڪرڻ)، ڪرڻ وارو، ڀرپوڪ جو ٻهرئون قسم. قسم: ڪرتري، ڪرمڻي، ڀاوي.

ڪَرتوتَ: (سن. ڪرتوتا. ڪِرُ= ڪرڻ)، ڪَم، اعمال.

ڪِرپا: (سن. ڪِرپا. ڪِرپ=رحم ڪرڻ)، دَيا، رحم، ٻاجهه.

ڪِرپانَ: (سن. ڪِرپاڻ)، ننڍي تلوار.

ڪِرِچ : (سن. ڪرتِ. ڪرتَ=وڍڻ)، تلوار جو قسم.

۱- ڪِرچين ڪند ڪلال، ڪنهن پر سمجهي ڪين ڪي.
(جلال)

۲- ڪرچين ڪند ڪلال، سڦلو سخت سمير ڪان.
(جلال)

ڪرڙ : (پرا. ڪرير. سن. ڪرير)، وڻ جو قسم.

ڪَرڙو، (سن. ڪرالَ=ڀيانڪ)، ڀوائتو، خوفناڪ، سخت.

ڪَرَڙ وڍ: (سن. ڪَربر)، جنهن (ماڻهوءَ) کي ڪجھ ڪارا ۽ ڪجھ اڇا وار هجن، آڌيڙ، آڌوٺ.

ڪَرَفَ : (ع. قفل)، ڪلف تالو.

ڪَرَڪَ : (ف. ڪلڪ=ڪانو)، تير، ٻاڻ.

هنيم هوت ڪرڪ، اوڏيان او هر نه نڪري. (شاه)

ڪَرڪَل : (سن. ڪلڪل. ڪلَ=آواز ڪرڻ)، گوڙ، هل.

ڪَرلاهو: (سن. ڪلا=خبر+لڀ=لڀڻ. لهڻ)، خبر لهندڙ.

ڪَرم : (سن. ڪرم. ڪر= ڪرڻ)، ڪريا ڪرم، ڪم، ڪار.

ڪَرنِش : (ف. ڪورنش)، آداب، نياز، سلام.

آهو عينن کي ڏسي، ٿيا ڪرنش سنجھ ڪنگال.
(سليمان)

ڪَرمَنُ : (سن. ڪَرمَنُ)، ڪرِيا ڪرم، ڪم، قسمت، نصيب.

ڪَرمَنڊَل (سن. ڪَمنڊَل)، فقيرن جي ڀِڪَ (خيرات) ڀرڻ جو ڏول.

ڪَرَنگَ : (پرا. ڪَرَنگَ. سن. ڪَرَنگَ. ڪَ = ڌرتي + رَنگَ=خوشي)، هرڻ.

ڪَيئي لَڱَ ڀِسي نرگس جان، ڪويا نَيڻَ ڪرنگ.
(جلال)

ڪِرنگهه : (سن. ڪَنگَ) اناج جو قسم.

ڪَرَنگهر: (سن. ڪَنڪالَ)، هڏن جو پڃرو، پڏَر، ڍُولکرو، پٺيءَ جو ڪنڊو.

ڪَرُاو: (سن. ڪَرُڻَ)، گل جو قسم.

ڪَرَنِي: (سن. گُرَنٿَ گُرَنٿ=پڏڻ)، ڪِنڊ ڪوڙها.

ڪَرَڻَ : (پرا. ڪَرَڻَ. سن. ڪَرَڻَ. ڪَرَ=ڪرڻ)، ڪرڻ، ڪرتوت، ڪم.

ڪِرَڻَ : (سن. گَلَنَ. گَلْ=چِڪَڻ)، ڏڪو ڪائڻ، ڏهڻ.

ڪِرڙ: (پرا. ڪرڻ. سن. ڪِرَڻ)، تِرورو، روشنائيءَ جو ليڪو.

ڪَرو: (سن. ڪَنيَ+"آوارا" پڇاڙي)، ڪونرو، بدنو.

ڪرڏ: (سن. ڪروڌ. ڪرڌ = غصو ڪرڻ)، غصو، ناراضپو.

ڪروڙ: (پرا. ڪوڊ. سن. ڪوٽ)، سو لک.

ڪَرَهَ: (پرا. ڪلهه. سن. ڪلهه ڪل= آواز ڪرڻ)، جهيڙو.
جيسين الو ڪٿي لڪ، تيسين ڪَرَهَ وجي آجهامي.
(پهاڪو)

ڪَرهو: (پرا. ڪَرَهَ. سن. ڪَرڀ)، جوان آٺ، آٺ.

ڪِري: (سن. ڪريا، ڪر = ڪرڻ)، رَک، پرهيز.

ڪِريا: (پرا. ڪريا. سن. ڪريا. ڪر = ڪرڻ)، ڪم، مذهبي رسم يا فرض، ريت رسم.

ڪُريت: (سن ڪ = خراب + ريت = چال، رسم)، ڪَبِر، خراب ريت.

ڪَريڙ: (پراه ڪَرير. سن. ڪَرير)، ڪرڙ جو وڻ.

ڪريلو: (سن. ڪاروِيل)، ڀاڄيءَ جو قسم.

ڪَڙاهَ: (پرا. ڪڍاهَ. سن. ڪٿاهَ)، ڪٿاهَ، وڏي تئي، تئي.

ڪَڙَب: (سن. ڪانڊا)، جوئر جا سڪا ڪانا.

ڪَڙڪَڙ: (پرا. ڪَڊيڊ. سن. ڪَڊ ڪَڊ)، ڪڙ ڪڙ جو آواز، ڪڙڪاٽ، ڪڙڪو.

ڪُڙمُ: (سن. ڪُٽنبَ)، ڪُٽنب، ڪُلُ، خاندان.
ڪنو ٻہ پنهنجي ڪڙم سان سو نهين. (ڀاڪو)

ڪُڙمي: (سن. ڪُٽنبڪ: ڪُٽنبن=ڪٽنب پاليندڙ)، هاري، کيتي ڪندڙ.

ڪَڙو: (پرا. ڪَڏگ. سن. ڪَٽَڪَ)، دَرَ جي ڪنڊي ۽ وجهڻ واري زنجير، ڪُٽُ، زاجير.

ڪَڙو: ڏسو "ڪوڙو."

ڪَڙهہ: (سن. ڪَٽِ)، طنبيلو، گهوڙن جي بيهڻ جي جاء.

ڪَڙهَڻُ: (سن. ڪَوَٿُ)، ٽهڪڻ، جوش کائڻ.

ڪَڙهي: (سن. ڪَرَاڪِ)، بصرن جو ٻوڙ، ڀاڄيءَ جو قسم.

ڪَڙي: (پرا. ڪَڏگ. سن. ڪَٽَڪَ)، پيرن جو زيور، پيرن جو زنجير.

ڪَڙِي: (سن. ڪَڏِ. ڪَڏِ=ڪَلَ لاهڻ)، ڦَٽَ جو سَڪَلَ چلڙ.

ڪَڙيو: (ع. قَرْيَہ=ڳوٺ)، واهہ.

ڪَسَ: (سن. ڪَشاءِ)، ڌاتوءَ جي ڪَٽَ، زَنگَ، ميل.

ڪِسانُ: (پرا. ڪسانَ. سن. ڪَرْشاڻَ. ڪَرْشَ=هَرْ ڪاهڻ)، ڪڙمي، هاري.

ڪَسْبِياڻي: (ع. ڪَسْب=ڌنڌو) ڪچري، ويسَا، رَنڊي، ڇڪلي جي رَنَ، پيشه ور عورت.

ڪَسَنگَ: (سن. ڪَ=خراب+ سَنگَ=سنگت)، خراب سنگت. سَنگَ، تاري، ڪَسنگ ٻوڙي. (پهاڪو)

ڪَسَوٽِي: (پرا. ڪَسْوٽِي. سن. ڪَشپَٽِي. ڪَشْ=آزمائڻ)، سونَ پرکڻ جو پٿر، آزمايش.

ڪَشْتو: (ف. ڪَشْتَه=ڪُٺل، ماريل. ڪشتن = ڪُهڻ)، ماريل دوائون.

ڪَشْٽَ: (پرا. ڪَسَٽَ. سن. ڪَشْٽَ. ڪَشْ=مارڻ)، درد، تڪليف.

ڪَڪَرُ: (سن. ڪَ = پاڻي=ڪَرَ=ڪندڙ)، بادل، جَهڙ، اَڪر.

ڪُڪَرْمَ: (سن. ڪُ=خراب+ ڪَرْمَ=ڪم)، خراب ڪم، بدڪاري.

ڪَڪِرو: (پرا. ڪَڪْڪَر. سن. ڪَرْڪَرَ)، پٿرن جي پورن، ساڪرو.

ڪُڪَڙَ: (ڏن. ڪُڪوڙو. پرا. ڪُڪْڪُڊ. سن. ڪُڪُٽَ. ڪُ= آواز ڪرڻ)، ڪُهرو پکيءَ جو قسم، مرغ.

ڪَڪُڙو: (سن ڪَڊَرَ)، ٻير ۽ ٻڪرنڊڙ سخت داڻو، وڻنَ (ڪپهه) جو ٻج.

ڪَڪورَڻَ: (سن. ڪَنڪَرَ)، ڪاڙهو ڪرڻ، رڱڻ.

ڪَڪومَ: (سن. ڪَڪَپَ)، شراب جو قسم.

ڪَڪِيلو: } (سن. ڪَنڪِراٽ)، چتون، طوطو، اڳوڻن شاعرن،
ڪَڪِيهَلَ } محبوب جي ڪَنڌي اڪ ڪي، ڪڪيلي جي ڇهنب
سان تشبيه، ڏني آهي.

جَرچِيهَلَ، اَلاَتَ ڪَڪِيهَلَ، هنڊوي هُو نٽ رَتان. (ڪوري)

ڪَکَ: (سن. ڪَکَشَ)، گاهه جو تيلو.

ڪَکِ: (پرا. ڪَڇَ. سن. ڪَکَشِ)، پيٽ جو پاسو.

ڪَلَ: (پرا. ڪَلَ. سن. ڪَلَ. ڪَلَ = آواز ڪرڻ)، ڪوئل جي ڪوڪ.

ڪَلَ: (سن. ڪلا. ڪَلَ = ڪٽڻ)، خبر، ڪَر.

ڪَلَ: (پرا. ڪَلَ. سن. ڪَلَ)، ڪَر، ڪٽنب، خاندان.

ڪَلا: (سن. ڪَلا)، هنر، جوت، روشني، ڏيا.

ڪَلا رو: (سن. ڪَلا + "رو" آ پڇاڙي)، رنگ روپ وارو، سينگاريل، سهڻو.

ڪَلاَل: (سن. ڪَلْيَہ = شراب + پال = رکندڙ)، گَني وارو.

ڪَلاَل: (سن. ڪَلاَل. ڪَلْ = پڌ ڪ. ف. ڪلال)، ڪنير.

ڪَلْپت: (سن. ڪَلپت. ڪَرپْ = ويچارڻ)، نقلي، ڪوڙو، ڦرتو، خيال.

ٽڙو مَنَ آمنَ، اوديا ڪلپت نہ رهي. (سامي)

ڪَلپنا: (سن. ڪَلپنا. ڪرپ=وبچار ڪرڻ)، من گهڙت بات.

ڪَلجُگ: (سن. ڪَلِ = جهيڙو + جُگ = زمانو)، چوٿون جُگ. ڏسو "جُگ".

ڪِلڪِلِ: (پرا. ڪَلَڪَلَ. سن. ڪَلَڪَلَ. ڪَلْ=آواز ڪرڻ)، ڪِر ڪِر، رِنج ڪِنجهه.

ڪَلَسَ: (پرا. ڪَلَسَ. سن. ڪَلَشَ. ڪَلْ = آواز ڪرڻ)، دلو، گهڙو.

ڪَلَفَ: (سن. ڪَلپَ)، آهار يا پَنو. جو ڪپڙي (ڌوٻي) ڪپڙن کي ڏيندا آهن.

ڪَلفي: (ع. قفل=تالو، ڪرف)، ٽين جي ٿهيل شيءِ، جنهن ۾ کير ڄمي.

ڪَلنڪ: (پرا. ڪَلَنڪَ. سن. ڪَلَنڪَ)، داغ، ٽِڪو.

ڪَلولَ: (سن. ڪَلولَ)، موج، خوشي.

ڪَلوَاتَ: (سن. ڪَلاوَتَ)، مُطربَ، گَويو.

ڪَلي: (سن. ڪَلڪا)، مکڙي.

ڪِلي: (سن. ڪِيلَ)، ميخ.

ڪَلياڻ: (سن. ڪَلياڻَ. ڪَليَہ = تندرست + اڻْ = جيئڻ)، خير، سک، آنند، هڪ راڳڻي جو نالو.

ڪُرُ: (پرا. ڪَرُ. سن. ڪَرِمَنُ. ڪُرُ=ڪرڻ)، ڏنڊو، ڪاج.

ڪَمُ: (سن. ڪَمَدَ)، گاهه جو قسم، جنهن جي ڦُل کي "ڪم" چئبو آهي.

ڪَمارِي: (پرا. ڪَمارِي. سن. ڪُمارِي)، ڪنواري، ٻارنهن سالن جي ٻالڪي.

ڪَمالَ پٽ: (سن. تَمالَ پتر. تمر=انڌارو ٿيڻ، ڇاهڻ+پتر=پن)، مصالحدار وڻ جا پن.

ڪَمانَ: (ف. ڪمان <ع. خمان. خم=ڏنگو، وريل+ "آن" نسبت جي نشاني)، سينگ، وَنگ.

ڪَمائڻ: (پرا. ڪَمُ. سن. ڪَرمُ=ڪم)، اپائڻ، ڪَٺڻ.

ڪَمبَلَ: (سن. ڪَمبَلَ)، لوئيءَ جو قسم.

ڪَمبرڪ: (انگ. ڪَيمبرڪ، Cambric)، هڪڙو، لٽي جو قسم.

ڪَمرو: (پرا. ڪَبرو. سن. ڪَربر)، چٽڪمرو، رنگا رنگي.

ڪَمَلَ: (سن. ڪَمَلَ)، ڪنول جو گل. ڏسو "ڪنول".

ليَن ڪمل هن ڪيف ڪئي، وچ عشق غضب آغام. (لَنبر)

ڪَمي: (پرا. ڪَمُ. سن. ڪُورمَ)، ڪڇوئي جي ذات جو هڪ جانور.

ڪميڻو: (ف. ڪمينہ)، نيچ، کهٽ.

ڪَنُ: (پرا. ڪَنُ، سن. ڪَرڻ. ڪَرْ = سمجهڻ)، ٻڌڻ جو حواس.

ڪَنُ: (سن. ڪَندَ)، گرداب، چڪر هڻندڙ پاڻي.

ڪَنبَڻُ: (پرا. ڪنبڻ. سن. ڪَنپَنَ. ڪَنپْ = ڏڪڻ)، لرزڻ، ڌڄڻ.

ڪَنيارُ: (پرا. ڪَنيارَ. سن. ڪَنڪارَ. ڪَنپَ = ٿانءُ + ڪارَ = ڪندڙ)، ڪنڀر، گلال.

ڪَنْٺُ: (سن. ڪَنٺُ. ڪَڻْ=آواز ڪرڻ)، ڳلو، ڳچي.

ڪَنٺيرو: (سن. ڪنٺيرَوَ. ڪَنٺيا + رَوَ=آواز. جنهن جي ڳلي ۾ حشمت جو آواز آهي)، شينهن، شير. هن جي ڪمر لڪدار ۽ سهڻي ٿئي ٿي، جنهنڪري اڪثر شاعرن محبوب جي پتلي ڪمر کي، شينهن جي ڪمر سان تشبيه پئي ڏني آهي.

ديهه، سمو، ڪنٺيرو ڪٽي، لبي لاڪ وارن. (سينگار)

ڪَنجرو: (سن. ڪَنچڪَ. ڪَنچْ=ٻڌڻ)، چولي، ڳجَ.

ڪَنجَرَ-ڪَنجَلَ: (پرا. ڪنجرَ. سن. ڪَنجرَ)، هاٿي.

لوڏ ڪنجل جي ڪر ٿي، چال پسي چينچل. (ڪنيار)

ڪَنجُوسَ: (سن. ڪَڻَ = ڪڻو، باريڪ ذرو + هه. چُوسَ < سن. چُوشَنَ=چوسڻ)، مکي چُوس، بخيل.

ڪَنجِي: (سن. ڪُنچِڪا)، چابي.

ڪَنجهَڻ: (سن. ڪَنج + ہَنِ ہَنِ ڪرڻ)، درد ڪان منهي دانهن ڪرڻ، ڪرڪڻ.

ڪَنجهو: (سن. ڪالشيَ)، ڪَٽ جو قسم.

ڪَنچَرَ: ڏسو "ڪنجر".

ڪَندَ: (سن. ڪُنتَ)، نيزا، ڀالا.

ڪَندَرو: (سن. ڪَندَرَ)، دوا جو قسم.

ڪَندَنَ: (سن. ڪُندَنَ)، صاف سونَ.

ڪندن رنگ قريب جو، پارس پنهن جو پارَ. (جلال)

ڪَنڌَ: (پرا. ڪَنڌَ. سن. سُڪَنڌَ. سُڪَنڌَ =مٿي ڪرڻ)، گردن، ڳاٽو.

ڪُنڍَ: (ڪوڻَ. سن. ڪوڻَ)، گوشو، پاسو، سوڙَ (رستي جو).

ڪَنڊو: (پرا. ڪَنٽَڪ. سن. ڪَنٽَڪَ)، وڻ يا ٻوٽي جي تيز چهنبدار ڏانڊي، خار، ڪنڊيءَ جو وڻ، هڏي.

ڪَنڊَلَ: (پرا. ڪَنڊَلَ. سن. ڪَنڊَلَ)، والي، مُرڪڻي، فقيرن جي ڪَنَ جو والو.

ڪَنڊو: (سن. ڪَنڊَل)، جنهن ۾ ڏَرَ جو ڪَڙو هوي.

ڪَنڊي: (سن. ڪَنٺِي = ڳچي)، ڳلن جو هار، ڳچيءَ جو ڳهڻو.

ڪَنڊي: (سن. ڪَنڊَل = ڪنڊو)، سنهن جو قسم، جنهن جا مگ وريل هجن، مڇي ڦاسائڻ جو اوزار.

ڪَنَرَ: (سن. ڪَنڊَل)، والو، جو جوڳي ڪَنَ ۾ پائين.

ڪَنَڪَ: (پرا. ڪَڻَڪَ. سن. ڪَنَڪَ. ڪَنْ = خوش ٿيڻ)، سونَ.

ڪَنڪَنْ: (سن. ڪانچن)، سونْ.

آگر رپ نہ آگمي، ڪَنڪن اچي نہ ڪوءِ. (جلال)

ڪَنڪُ: (پرا. ڪَنڪَ. سن. ڪَنڪَ)، پاڻيءَ جو هڪ پکي.

ڪَنگالَ: (پرا. ڪَنَڪالَ. سن. ڪَنڪال = هڏن جو پڃرو)، غريب، مِسڪين.

ڪَنَگُڻ: (پرا. ڪَنڪڻ. سن. ڪَنڪَڻ)، پانهن جو زيور.

ڪَنگِئي: (سن. ڪَنگُ)، سارين جو قسم.

ڪَنگَو: (پرا. ڪَنڪَمَ. سن. ڪَنڪَمَ)، ڳاڙهو رنگ، لَئي وڻ جو ڳاڙهو بُورَ.

ڪَنگو وَنَ ڪرايون، پُرون پُونَرَ پُوَنگَ. (سليمان)

ڪَنگو: (سن. ڪَنڪَتَ)، ڦَڻِي.

ڪَنورَ: (گ. ڪَنوَرَ. سن. ڪُمارَ)، شهزادو.

ڪهڙي مَدح ڪَنور جي، جو سينې سينگارا. (ڳروهڙي)

ڪَنوَل: (پرا. ڪمل. سن. ڪَمَلَ. ڪَمُ=خواهش ڪرڻ)، ڪنول جو گل يا ٻوٽو.

ڪنئاري: (سن. ڪماري)، اڻ پرڻيل، دوشيزه.

ڪَنئِچَلَ: (پرا. ڪَنچڻ. سن. ڪانچن. ڪانچ=چمڪڻ)، سون.

ڪَنڊُرو: (پرا. ڪومَنُ. سن. ڪومل)، نرم.

ڪَنيا: ڏسو "ڪَڃا".

ڪَنياءُ: (سن. ڪَ = خراب + نيايه = نياءُ، انصاف، انياءُ، بي انصافي.

ڪَنير: (سن. ڪاچَ = شيشو + "رَ" پڇاڙي)، عينڪ.

ڪَنيرَ: (سن. ڪنئيرو)، شينهن.

ڪَٿا: (سن. ڪَٿُ)، ٿورا داڻا، تمام ٿورو.

ڪَٿِڇي: (سن. ڪَرُ=هٿ+ رَڪشا=رکيا، سنڀال)، وَڏِڦي، وڏي چمچي جو قسم.

ڪَنڪَڻَ: (سن. ڪُوڻَ. ڪَڻُ=آواز ڪرڻ)، ڪنجهڻ.

ڪَٿي: (ڳ. ڪَٿي. سن. ڪَڻَ)، ذري، هيري جي ٽِڪي، مينهن جي ڦڙي يا ٻوندَ، هڪ داڻو.

ڪَوارُ: (سن. ڪوارِتا. ڪَ=خراب + وارْتا =وائي)، خراب وائي، ڪلا، هَجْو، ننڌا.

ڪَوِتا: (سن. ڪَوِتا)، شعر.

ڪوِٽ: (پرا. ڪوڊِ. سن. ڪوِٽ)، ڪروڙ.

سِپني ۾ سامي چئي، ڪوٽ جنم پائي. (سامي)

ڪوٽَ: (سن. ڪوٽ)، قلعو، ڳڙهه.

ڪوٽَوالَ: (ف. ڪوٽوال. سن. ڪوٽ=قلعو + پالَ=محافظ)، قلعيدار، ڪوٽ جو محافظ، تپيدار جو نوڪر.

ڪوٽارِي: (هه. ڪٿالِي. سن. ڪَ + سٿالِي)، سونَ ڳارڻ جو ڏانءُ.

ڪوٺو: (سن. ڪوشٺَ)، سِرنَ ۽ پٿرن جي ٺهيل جاءِ، گهر جو مٿيون حصو.

ڪوپَ: (سن. ڪوپ. ڪُپ=ڪرو ڌ ڪرڻ)، قهر، غضب.

ڪوپري: (پرا. ڪَوپر. سن. ڪرپَر. ڪَرپْ = ويچار ڪرڻ)، ڪوپري.

ڪوپو: (سن. ڪوپِي. ڪوپَ=ڪاوڙ، غصو)، جوشيلو، پهلوان، بهادر.

ڪوجهو: (سن. ڪُبْجَ = ڪُبو)، بدشڪل.

ڪوچ : (سن. ڪروش. ڪرش=دانهن ڪرڻ)، آواز، هل.

ڪوڏ : (پرا. ڪوڏ. سن. ڪهرڙ)، وڏي ڪوڏي، ڪرڪٿو.

ڪوڏر : (سن. ڪدّال)، ڪڙمين جي ڪانيءَ ڪٽڻ جو اوزار.

ڪوڏر : (سن. ڪوڏرو)، جهنگلي ڏٿ.

ڪورو : (سن. ڪيول. ڪيو=شيوا ڪرڻ)، نئون، تازو.

ڪوري : (سن. ڪولڪ)، هڪ ذات.

ڪوڙ : (سن. ڪوٽ)، ڪروڙ.

ڪوڙ : (سن. ڪوٽ. ڪوٽ=افسوس ڪرڻ)، ڪوٽ. ضد "سچ".

ڪوڙ : (سن. ڪور. ڪ=خراب + ور=بهتر)، بجڙو وڙ، نالائقي.

ڪوڙڪي (سن. ڪوٽ)، ڪوڙڪو، شڪار ڦاسائڻ جو اوزار، جو مينهن جي سڱ جو ٺهيل ٿيندو آهي.

ڪوڙو : (سن. ڪٽ)، ڪڙو. ضد "مٺو".

ڪوڙو : (سن. ڪوٽ)، دوکيباز. ضد "سچو".

ڪوڙهه : (سن. ڪشٺ. ڪش=چڪڻ)، مرض جو قسم.

ڪوڙي : (سن. ڪروڏ. ڪروڏ=جمع ڪرڻ)، ڇاتي، سينو، آرهه.

ڪوڙي : (پر. ڪوڊي. سن. ڪٽ=ميڙ. الڱ. سڪور Score) وغيره.

ڪوش: (سن. ڪوش)، لغت، پردو، ڪوپو.

ڪوڪڻ: (پرا. ڪوڻ. سن. ڪرجن. ڪڄ = لات لنوڻ)، ڪوڪو ڪرڻ، لنوڻ، ٻولڻ، دانهون ڪرڻ.

ڪومائجڻ: (سن. ڪ + ملان)، مرجهائڻ، ڪومائجڻ.

ڪومل: (پرا. ڪومل. سن. ڪومل)، نرم.

ڪونج: (پرا. ڪونچ. سن. ڪرؤنچ)، سه، رائل، پکيءَ جو قسم، جو اڪثر جبل ۾ رهي ٿو. هن جي ڳچي سنهي ۽ ڊگهي ٿيندي آهي. اڪثر شاعرن محبوب جي ڳچيءَ سان تشبيه ڏني آهي.

ڪونڌڻ: (سن. ڪنن=چمڪڻ+آنڌ)، بجليءَ جو چمڪڻ.

ڪونڊو: (پرا. ڪنڊ. سن. ڪنڊ)، ڀنگ يا مصالح گهوٽڻ جو ٿانءُ.

ڪونر: ڏسو "ڪنور".

ڪوه: (سن. ڪروش)، ٻه ميل.

ڪوهِ نور: (ف. ڪوه = جبل. ع. نور = روشني)، وڏو چمڪندڙ هيرو.

ڪوهيارو: (ف. ڪوه + "آر" پچاڙي)، جبل جو رهاڪو.

ڪوئل: (پرا. ڪوئل. سن. ڪوڪل)، هڪ پکي، جنهن جي لات دل سيبائيندڙ آهي.

ڪوئلو: (هير. ڪوئلا. سن. ڪوڪلا)، آڱر.

ڪوئن: (سن. ڪنچن. ڪنچ=سوڙهو ٿيڻ)، سنڪرچڻ، سسڻ،
ڪيفي لين اسي نرگس ڀاڻ، ڪويا لين ڪرالگ.
(جلال)

ڪويج: (سن. ڪ = خراب + ويديه = طبيب)، نيم طبيب.

ڪويسر: (سن. ڪوايشور. ڪو=ڪوي=شاعر+ايشور=
مالڪ)، راڄ ڪوي، شاعر شاهي.

ڪهاڙو: (پرا. ڪهاڙ. سن. ڪٺار)، وڏي ڪهاڙي.

ڪهاڻي: (سن. ڪٿانڪا. ڪٿ = ٻڌائڻ)، آکاڻي،
ڳالھ، حڪايت.

ڪهاوت: (سن. ڪهاوت)، ڳالھ، پهاڪو، چوڻي.

ڪهڻ: (پرا. ڪهڻ سن. ڪٿن، ڪٿ=چوڻ)، ٻڌائڻ، چوڻ.

ڪيتڪي: (پرا. ڪيتڪ. سن. ڪيتڪ. ڪٽ = گهر ڪرڻ)،
گل جو قسم.

ڪيٽ: (پرا. ڪيٽ. سن. ڪيٽ)، ڪيڙو، جيت.

ڪيڌارو: (گ. ڪيدارو. سن. ڪيدار)، راڳڻيءَ جو نالو، جنگ.

ڪيل: (سن. ڪيل. ڪيل = ٻڌڻ)، ڪلو، جنھ جي
لوهي ميخ، ٻرچي.

ڪِيرَتَ : (پرا. ڪتِ. سن. ڪِيرتِ. ڪِرَتِ=سارا هڻ)، ساراهه، ناموس، هاڪ.

اهڙا ڏر عجيب مون، ڪيرت وارا ڪَل. (جلال)

ڪِيرَتِ : (سن. ڪيرتن. ڪِرَتَ=ساراهڻ. ساز تي ڏڻي صاحب جو نالو وٺڻ)، آواز، آلاپ، راڳ.

ڪَنجهي ڪِيرتِ ڪِينرو، واڄو وِلاتِي. (شاه)

ڪِيڙو : (پرا. ڪِيڊَ. سن. ڪِيٽَ)، ماڪوڙي جيت.

ڪَس : (پرا. ڪِيس. سن. ڪيش)، وار.

جڏن آيَ ۾ آبر بهار، تڏن ڪَنول ڪيس قريب جا.
(جلال)

ڪيسَرِ : (پرا. ڪيسَر. سن. ڪيسَرَ. ڪيشَ = وار)، هڪ سڳنڌ وکر.

ڪيسَرَ : (پرا. ڪيسر. سن. ڪيسَرنْ. ڪيشَ=وار. وارن وارو)، شينهن. ڏسو "ڪَنڌيرو".

اَڪ ڪَيسر، اوڏ ڪَنجل، ماري مور مَلنگ. (جلال)

ڪَيڪانَ : (سن. ڪيڪانَ)، گهوڙو. "ڪيڪان" شهر گهوڙن ڪان مشهور آهي.

ڪيڪڙو: (سن • ڪَرڪَٽ)، آلن ٽَنگن ۽ ٻن چنبن وارو پاڻيءَ جو جيت •

ڪيلاس: (پرا • ڪيلاس سن• ڪيلاسَ)، هماليہ جبل جي چوٽي•

ڪيلڪي: (سن • ڪيلڪا • ڪلِ = راند)، سن موجي، خوش مزاجي •

ڪيت: (گ• ڪيت• سن• ڪَٽ: ڪَٽي)، ڪمر، چيلهه•

ڪَينرچلت غلام الله چئي،ڪينٽ سنڌي ڪيهر •(غلام الله)

ڪَينچن (سن• ڪانچن• ڪانچ =چمڪڻ)، سونَ •

روِ، ڪينچن، ماهہ، ڪنڪور ڪَر، ناهي جوڙ جمال•
(سليمان)

ڪِينرو: (سن• ڪِنَر• ڪِم = ڪهڙو+نَر= ماڻهو• ڪهڙي قسم جو ماڻهو؟ هندن جي عقدي موجب ديوتائن جو گَويو، جنهن کي منڍي گهوڙي جهڙي ۽ باقي بدن انسان جهڙو هو)، هڪ قسم جو ساز، رنج ڪنجهہ، رودَن •

ڪِينو: (ف• ڪينہ)، بغض، حسد، ساڙ•

ڪيوڙو: (پرا• ڪيلَ• سن• ڪدَل• ڪَ = هوا + دَلَ = ڏاڙهي• جو هوا ۾ ڏاڙهي پوي)، ڪيلو•

ڪيهر: (پرا. ڪيسر. سن. ڪيسرن)، شينهن.

ڪيئون: (پرا. ڪيم. سن. ڪرم)، جيت جو قسم.

## ڪ

ڪار: (پرا. ڪار. سن. ڪشار. ڪشر=ناس ٿيڻ)، ڪوڙن ڌوئڻ لاءِ سفيد شيءِ، جا چوني وانگر ٿيندي آهي.

ڪارڪ: (سن. ڪشارڪ)، ڪتل.

ڪارڻ: (سن. ڪَرَ. ڪن=ڦاڙڻ)، خراب ڪرڻ، بگاڙڻ.

ڪارو: (سن. ڪشارڪ)، نوڪر.

ڪاري: (سن. ڪات)، خليج، نار.

ڪامڙيو: (سن. ڪنڪ. ڪن=ڪوٽڻ)، ڪاني ڪٽيندڙ، ڪرڙاريو.

ڪامڻ: (سن. ڪشام. ڪشم=سهڻ)، سڙڻ، بجڻ.

ڪانياٺي: (سن. ڪشپي. ڪشپ = اڇلڻ)، غليل جو قسم.

ڪانڌ: (سن. ڪشانت. ڪشم=سهڻ)، صبر، تحمل.

ڪانو: (سن. ڪاڌ = ڪائڻ)، ماني، ڪاڌو.

ڪاڻ: (ف. ڪان. سن. ڪان. ڪن=ڪوٽڻ)، ڪاٺي.

ڪاهي: (سن. ڪات)، خندق، قلعي جي چوڌاري بچاءَ لاءِ کنيل کڏ.

ڪائِڻ : (پرا. ڪاڻ. سن. ڪادن. ڪادْ=ڪائڻ)، پڇوڇڻ ڪرڻ، چپاڙڻ، خوراڪ.

ڪَتِري : (پرا. ڪَتَّ. سن. ڪشتري. ڪشت=گهاءُ+تري = بچائڻ)، آرين جي ڇهن ذاتين مان ٻي ذات.

ڪَنُو : (سن. ڪنان. ڪَمْ=چاهڻ)، ڏوڙو، لوڻيءَ جو قسم.

ڪَنُورِي : (پرا. ڪَنُوري. سن. ڪستوري. ڪسْ=تيز ڪرڻ)، مشڪ، ناف آهو.

ڪارا ڪيس ڪنوريءَ جهڙا، آرمائين عنبر ڪي. (چاڪر)

ڪَتَ : (پرا. ڪَتّا. سن. ڪنوا. ڪَتْ = چاهڻ)، ڪنولو، چار پائي.

ڪَنَراڳ : (گ=ڪَنَراگ. سن. شَنَراگ. شَتْ=ڇهه + راگ = راڳ)، ٻکيڙو، جهنجهٽ. ڏسو "راڳ".

ڪَتَڻ : (گ. ڪَتَوَن. هيم. ڪَنت، ڪَتَه، ڪَبَه. سن. ڪَبْ)، ختم ٿيڻ، پورو ٿيڻ، ڪُٽي وڃڻ.

ڪَنُو : (سن. ڪَتَ)، ترش، ڪَنَاڻ، آچار.

ڪَپڻ : (سن. ڪشپڻ. ڪشپ = آڇاڻ)، خرچ ٿيڻ، هلاڪ ٿيڻ.

ڪَڄڻَ : (پرا. ڪيڄڻ. سن. ڪيدَنَ. ڪِڊْ = دک ڏيڻ)، وجهلو، بي حال ٿيڻ، چڙڻ، خفي ٿيڻ.

ڪَڄلي : (سن. ڪَرْجو. ڪَرْجَ = تڪليف ڏيڻ)، خارش.

ڪَجي : (پرا. ڪَجوَر. سن. ڪَرْجورَ)، ڪجور، ڪتل.

ڪِچِي : (سن. ڪَرْسرا)، دال سان رڌل چانور.

ڪَدَڙَ : (سن. ڪَشَدْرَ. ڪَشَدْ = پيسڻ)، ڪلون، ڦِڪ پور، نڪمو ياگو.

ڪَڏَ : (سن. ڪاتڪَ. ڪَنَ = ڪوڙڻ)، ڪاهي، ڍوري.

ڪَڏَ : (سن. ڪَتَنڪَ)، ڪوٺو.

ڪَرَ : (ف. خَر. پرا. ڪَرَ. سن. ڪَرْ)، گڏھ، ڪرِيل.

ڪَرِڙ : (سن. ڪَرْ)، پڪل (رڌل) چانورن جو تَرو.

ڪَرَ : (پرا. ڪَرَ. سن. ڪَرَ. ڪَرْ = چيري ٻه ٽڪر ڪرڻ)، مينهن يا ڳئون جيئن ٻن حصن ۾ چيريل هجي.

ڪَرَنڊَ : (سن. ڪَشَرَ+آنڊَ)، ڦَٽَ جا چلڙ، ڪِرِيون.

ڪَرو : (سن. ڪَرَ = ٽڪو)، سچو، بنا ملاوٽ. ضد "کوٽو".

ڪَرو : (سن. ڪَلَ. ڪَسلَ = گڏ ڪرڻ)، ڪَرِي، پانڌو، گدام، ڏڻ.

کڙ: (سن. ڪَٽڪا)، تيلي ٻج جو ڦوڪ، ڪڻون، ميٿن وغيره جو ويامڻ کان پوءِ ڀرين ٻن يا ٽن ڏينهن جو کير، کير، جو رڌڻ يا گرم ڪرڻ کان پوءِ ڏونري مثل ٿي پوي.

کڙدو: (ف. خورده)، ريزو، روپئي جو کلو، مٽا.

کڙڻ: (سن. ڪرَ)، ٻکڙڻ، کلڻ.

کڙو: (سن. کنڊ)، ڀتر، ونڊو، ڦوڙ، ڀِنڊ.

کشکش: (ف. خشخاش. سن. کشکس)، پست جي داڻا.

ککمار: (پرا. کک. سن. کڏگ = ترار + مار = هڻندڙ)، جوڌو.

کل: (سن. کلّ)، چمڙي، ڇل.

کِلڻ: (سن. ککڪ)، خوش ٿيڻ، مرڪڻ.

کُلڻ: (سن. کڏ: کُل)، ظاهر ٿيڻ.

کلو: (سن. کلّ)، جوتو، پادر، موچڙو.

کلواڙو: (سن. کَل واٽ. کَل = ڳاهه جو پِڙ + واٽ = جاءِ، هنڌ)، کليل ميدان.

کلول: (سن. ڪولاهل. ڪل = سٺو. ڀري وڃڻ وارو آواز)، وڏو آواز، ڪڙڪو.

بهادر گڏنا بهادرين، کڙک کلول ڪن. (ڪيڏارو)

کَمِيا: (پرا. کَما. سن. ڪشما. ڪشَمُ=سهڻ)، صبر، تحمل.

کَمَڻ: (سن. ڪشَمُ=برداشت ڪرڻ)، صبر ڪرڻ.

کَنُ: (سن. کَڻُ=پچڻ)، اٽڪل، اندازا.

کَنُ: (پرا. کَڻ. سن. ڪشڻ. ڪشڻ = ناس ڪرڻ)، سيڪنڊ جو ⅗، تمام جلدي. ڏسو "چِن".

کَنبُ: (سن. ڪنبَ)، ڪنبيءَ جو مين ڪپڙن کي ڪونر يا ديگ ۽ وجھيءَ باهہ تي چاڙهڻ.

کَنجري: (سن. کنجرِيتَ=ناڙي)، باجي جو قسم.

کَنڍو: (سن. کاڏڪ=کائيندڙ)، قرض.

کَنڊُ: (پرا. کَنڊَ. سن. کَنڊَ. کَڊُ=پچڻ)، ڀاڱو، ملڪ.

کَنڊُ: (هہ. کانڊ. سن. کَنڊ)، شڪر.

کَنڊو: (سن. کَنڊ)، ڏندن پڪل.

کَنڊو: (سن. ڪنڊَل)، کَنڊو، دل جو خراب.

کَنڊهر: (سن. کَنڊَ = ٽڪر + هہ: گهر = مڪان)، ڪريل مڪان جو بچيل ٽڪرو، دڙو، ڍڳ.

کَنگهہ: (پرا. ڪاس. سن. ڪاش، ڪاس)، کنگهہ جو مرض.

کَنو: (سن. کَنڊ ک. ڪشَدُ=ڪهڻ)، ترار.

وڍي عضوا وڍيءَ جا، پئو کني سان خانَ. (جلال پڻو)

کِنوڻ: (سن. ڪَشَنَدا)، بجلي، برق، وِڄ.

کَنُ: (سن. کَنڊ)، ٽوپو، بخيو.

کَنُ: (سن. ڪشَنَ)، مدو، مقرر وقت، انجام.

کوپو: (سن. ڪوپڪ)، ننيڙي کَڏ، چيڊو.

کوٽَن: (سن. کَنُ)، ڪاٺي ڪٺن، کوٽهڙو ڏين.

کوٽو: (سن. ڪوٽڪ. ڪوٽ = ڪوڙ)، ڪوڙو. ضد "کرو".

کوپري: (پرا. ڪپر. سن. کَرپر)، ڪوپري.

کوجنا: (سن. کَج=چورائڻ)، تلاش، باريڪ جاچ.

کوڙَڻ: (سن. ڪيلَ=پَڌڻ، بند ڪرڻ)، کَپائڻ.

کوڙ: (سن. ڪوٽ. ڪوٽ = ڏين ڪان ٽنائڻ)، ڍِڪ، ڍير.

کوکڙو: (سن. شَشڪ: تَڄ)، ميوي جو ٻج، خالي، سکٿو، سَکَل، خشڪ.

کَونگهرو: (ف. خَرخَره)، گوگهرو، ننڍ ۾ خَرخَر جو آواز.

کُوهَ: (پرا. کوو. سن. کرپ)، وڏي کوهي.

کَوهو: (سن. ڪوپڪ)، مکانَ.

کوهِڻ: (سن. ڪهِ = گهنجڻ)، ڪهڙن وغيره جو پرائو ڪرڻ، پٽڻ، هلاڪ ڪيڻ.

کَهَ : (سن. کشار)، ڏوڙ، مٽي، پٽي، دَز، رَڻي.

کَهرو: (سن. کَر)، سخت، تکو.

کَهنبو : (سن. کسنپ. کس=ڪلي لڳائڻ)، ريٽي ڪپڙي جو قسم.

جٿي کهنبو رنگ کُلي ٿوي، تهڙي لالائي ٿي لبن.
(ملهار)

کِئو: (سن. کشيو. کشيو= خمار ۾ اچڻ)، مست، مد هوش، خمار يل.

کِيانئو: (سن. کشير. کش= وڃڻ، هڪ ڪرڻ)، رهبارو، قاصد.

کيٽ : (پرا. کيٽ. سن. کشيتر. کش= آباد ڪرڻ، رهڻ)، زمين. کوٽ، جاءِ.

کيٽو: (سن. کيٽ=راند)، مچلائي، چنچلائي، ڪروڌ.

کيڏڻ : (سن. کيلن. کيل : ڪيل= کيڏڻ)، راند ڪرڻ.

کِير: (ف. شير. پرا. کير. سن. کشير)، کير، ڏڌ.

کيڙڻ : (سن. کرش. کرش= هر ڪاهڻ)، اوڙڻ، هر ڪاهڻ.

کيڙو: (پرا. کيڊ. سن. کيٽ)، کوٽ، هڪ ذات.

ڪيلَ: (پرا. ڪيڏ. سن. ڪيل)، تماشو.

ڪِين*: (سن. ڪشيم=سک. ڪش=رهڻ)، خير سلامتي.

## گ

گاڏِي: (هي. گڏِي. پرا. گنتِي. سن. گنتري. گمڙ=وڃڻ)، ٻيل گاڏي، ٻڪي.

گاج: (سن. گَرجَ. گرجَ=گجڻ)، گجگوڙ.

گاجِي: (ع. غازي)، ڪافرن کي قتل ڪرڻ وارو، پهلوان.

گارِ: (پرا. گارِ. سن. گالِ. گلِ=کائڻ)، ڪچو ڳالهائڻ.

گارو: (سن. ڪرْدمَ)، گپ، راڙو.

گاروڙِي: (سن. گارودِڪ. گارود=منتر، جو نانگ جي زهر لاهڻ لاءِ پڙهجي)، مانڊي، مانڊو، جوڳي، ڪاريگر.

گاشو: (ع. غاشيہ)، آٽ جو سرپوش.

گامَ: (پرا. گامَ. سن. گرامَ. گرُهُ=گڏ ٿيڻ)، ڳوٺ.

گانجو: (سن. گنجڪا)، ڀنگ جو قسم.

گانو: (پرا. گاڻَ. سن. گانَ. گئُ=ڳائڻ)، گيت، راڳ.

گانءِ: (ف. گاوَ. پرا. گائِي. سن. گَو)، ڳئون.

گاهُ : (پرا. گهاسَ. سن. گهاسَ. گهسْ=کائڻ)، چارو، گاهه پلو.

گاءِ : (سن. گَئوَ. گئوْ = وڏائي ڪرڻ)، آيمانَ، وڏائي.

گَبرَ : (سن. گَروَ: گَبّ)، مغرور، متڪبر، شاهوڪار.

گتِ : (سن. گتِ. گمُ = وڃڻ)، ريت، نمونو، چال، ڪام، وک.

گَتِ گوهر ڪي ڪَنجَل ڪيري، ماري مورَ ملنگ.
(ـ ۸ ل)

گتو : (ک. گَتو. هير. گتو. سن. گَپتَ. گپْ= بچائڻ)، اها جاءِ، جتي نشيدار شيون و ڪامن.

گپوڙو : (سن. ڪَلپَ. ڪَاپْ= ناس ڪرڻ)، گپ شَپ، افواهه.

گَڦ : (پرا. ڪهه. سن. ڪڦ)، وات جي ڪچي، بلغم.

گڦا : (پرا. گَها. سن. گها. گُهه=لڪائڻ)، چر، زمين يا جبل اندر جاءِ.

کَجَ : (سن، ڪَنچڪ، ڪَنچْ=ٻڌڻ)، چولي.

گَجَ : (پرا. گَيه. سن. گَجَ. گَجْ = مستيءَ وچان رڙ ڪرڻ)، هاٿي.

گجپتي : (سن. گَج + هاٿي = پت=مالڪ)، بادشاه.

گَجَرَ : (سن. گَرجر. گَرَ= هاٿي ڏيڻ)، هڪ قسم جي ٻاڙ، جا کائڻ جي ڪم اچي.

گَجرِ: (پرا. گَجَرَ. سن. گُرجرَ)، گجر قوم جي، حسين عورت.

گجَرات: (سن. گُرجَرَ + راشٽرَ = ملڪ)، هندستان جي ڏکڻ ۾ هڪ ديس، جتي ڀرياڻين "گوجر" قوم ويٺل هئي، جتان گجرات نالو پيو.

گَنجمير: (سن. گَنگَ+ مِلْ=ملڻ. جتي ڪڪر ملي، وَس ڪن. ۲- گَنگَ+ ميرَ= جبل؟) هندستان ۾ هڪ شهر، جو ڪنهن وقت ڪهاڙين ڪان مشهور هو.

گَجر کي گجمير جون، تارن ۾ تبرون. (شاه)

گجميرَ: (سن. گَجَارِ. گَجَ =هاٿي + آرِ= دشمن. هاٿيءَ جو دشمن)، شينهن.

گجي ڀيو گجمير جان، جوکيو جَنگ جوان.

گَجَڻ: (گ. گاجوَن. ڏن. گاجّ آن. سن. گرجَنَ. گَرجْ = وڏو آواز ڪرڻ)، شينهن جي رڙ ڪرڻ، ڪڪرن جو آواز ٿيڻ.

گدامَ: (انگ. گوڊائونْ Godown) ڀالدو، جاءِ، جتي وکري جو مال رکجي.

گدڙ: (سن. گرْڏرَ)، جانور جو قسم.

گدلو: (ف. گندَه+"لو" پڇاڙي. سن. ڪَرْدَلَ)، ميرو، گندو، چڪرو.

گ-ي : (سن. گاڏ)، گڊيلو، سسند، گهوڙي تي وجهڻ جو ڪپڙو.

گَڏو : (سن. گَڏِڪَ)، رانديڪو، پتلو.

گَڏون : (سن. گَڏِ. گڏ=ٻاهر ڪرڻ)، لوڏو.

گَڏَهه : (پرا. گَدَهه. سن. گَرِدَڀَ. گَرِدَ = آواز ڪرڻ)، هڪ جانور، خر.

گَر : (پرا. گَر. سن. گَر)، مَر، زهر.

گُر : (سن. گُرو. گُرِ= اپديش يا وعظ ڪرڻ)، استاد، مرشد.

گِرام : (سن. گرام)، ڳوٺ، راڳ جو وزن، سرگم.

گِراهَڪ : (پرا. گاهڪ. سن. گراهڪ. گرهه = وٺڻ)، ڳڪي، آسامي، خريدار.

گَرڀ : (سن. گَرڀ. گرڀ= ڇٽڻ)، ڳڀ، حمل، پيٽ.

گَرٿ : (ڪ. گَرٿ. سن. گرنٿ. گَرنٿ= ڳنڍ ڏيڻ)، ڳنڍ، ناڻي جي ڳنڍ، دولت، پيسا، ناڻو.

ٻڏي گوڏ گرٿ، سالو هئجي سور جو. (شاه)

گَرڙ : (پرا. گَرل. سن. گروڙ. گَروٽ=کنڀ+ ڊي = اڏامڻ)، پکين جو راجا، وڏو پکي.

گِڙڙي : (ع. غرغره. سن. گَڊِيرَ)، وات ڌوئڻ لاءِ پاڻيءَ ڍڪ.

گِرِنارَ: (سن. گِرِنارَ. گِرِ = جبل + نارَ = نَگَرَ = شهر)، جهونا ڳڙهه ۾ هڪ جبل تي قلعو.

گِرَوَلَ : (سن. گِرَوانْ = پٿر. گِرِوَرَ = وڏو جبل)، پٿر. گوهر ڪري گرول تي، ڦاڪون ٿئي في الحال. (جلال)

گِرَهَ : (سن. گِراسَ)، ڪائي وقت پيري سان ڪمائڻ جو وزن، لقمو.

گِرَهَ : (سن. گَرَهَ. گِرَهْ = وٺڻ)، سيارُ (تارو). هندن جي خيال موجب گرهه ”نَو“ آهن: ۱- سورِيَه (سج *Sun*)، ۲- چَنْدَرَ (چنڊ *Moon*)، ۳- مَنگَلَ (مريخ *Mars*)، ۴- ٻڌ (عطارد *Mercury*)، ۵- وِرْهَسپت (مشتري *Jupiter*)، ۶- شُڪَرَ (زهره *Venus*)، ۷- شَنِ (زحل *Saturn*)، ۸- راهو (*Rahu*)، ۹- ڪيتُ (*Ketu*).

گِرَهَسْتَ : (سن. گَرَهَسْتَ. گَرَهْ = گهر)، گهر ٻار وارو. ڏسو ”آشرم“.

گِرَهَڻَ: (سن. گَرَهَڻَ. گِرَهْ = وٺڻ)، چنڊ يا سج تي ڇانوَ پوڻ.

گَرْدو: (ف. گرده. سن. گورْدَ)، بِڪ.

گَسَڻ: ڏسو "گهڻ".

گَگَرُ: (سن. گَلَلَ)، ڪونر جهڙي شيءِ.

گَگَنُ: (سن. گَگَنَ)، آسمان، جهڙ.

گَلو: (سن. گَلَ. گَلُ=کائڻ)، نڙي، ڪِچي.

گَليلُ: (ف. غليل)، گليلي اڇلائڻ واري، نشانڪي.

گَماشتو: (ف. گماشته. گماشتن=رکڻ، مقرر ڪرڻ)، پلاوڻو.

گَنڀيرُ: (پرا. گَنڀيرَ. سن. گَنڀيرَ. گَمْ=وڃڻ)، ڳورو ڀارو، متحمل، سنجيدو، مانائتو، اٿاهه، گهرو، اونهو.

گَنجارُ: (پرا. گَنجَ. سن. گَنجَ="آر" پڪارڻ)، ڀونرن جو (گلن مٿان ڦرڻ وقت) آواز.

گَنجو: (سن. ڪَنجَ: ڪَنجَ)، جنهن جي مٿي تي وار نه جمي.

گَندَ: (سن. ڪَندَ)، لوڙهه جو قسم، ٻن جون پاڙون.

گَندَ جَن جي گوڏ ۾ پاپوڙا پوشاڪ. (شاه)

گَندرَف: (سن. گَندَڪَ)، گندڪ، جهٽ جلندڙ پيلي شيءِ.

گَندو: (سن. گَندَڪَ)، بد معاش، لچو.

گنوارُ: (سن. گْرامِيَ=ڳوٺاڻو)، گنوار، مورک، بيوقوف.

گَنوائڻ: (سن. گَمَنَ. گَمْ=ورتل شيءِ کي ڇڏي ڏيڻ)، گم ڪرڻ، ناس ڪرڻ.

ڳڻ: (پرا. ڳڻ. سن. ڳڻ. ڳڻ=صلاح ڪرڻ)، خاصيت، ڀلائي، هنر، سياڻپ.

ڳنير: (هه. ڳير. سن. ڳجور)، هالي.

ڳنير پريُن لاءِ ڳيري، مِل مجرا مور ڳجرڪي. (جلال)

ڳوهر: (هه. ڳووَر. پرا. ڳووَر. سن. ڳومَيہ. ڳو= ڳانءِ، ڳئون + ميہ= لهيل)، ڇيڻو.

ڳوبي: (ڪ. ڪبي. سن. ڳوجهوا. انگ. ڪئبيج Cabbage)، ڀاڄيءَ جو قسم.

ڳوچر: (سن. ڳوچر. ڳو= حواس+چر= هلڻ)، جو حواسن سان محسوس ڪجي.

ڳوڌ: (سن. ڪروڌ. ڪرڌ=جمع ٿيڻ)، جهولي، ڇاتي.

ڳودڙي: (پرا. ڪنٿا. سن. ڪنٿا)، ڌاڪ، رلي، فقيرائي پوشاڪ.

ڳودو: (سن. ڳردَ)، ٻري، مک، مغز.

ڳوڏ: (سن. ڪروڌ)، پوتڙو، منجهلو.

ڳوڏو: (سن. ڪورڙ. ڪر= آواز ڪرڻ)، سٿر ۽ ٽنگ جو سنڌ، جانو، زانو.

ڳورب: (سن. ڳربَ= پيٽ جو ٻچو)، ڳورم، ڦرڙا، وچڙا.

ڳورب وجهندي ڳونڌ، ڪريا ڪيس ڪلاه تان. (جلال)

گوڙڪناٿ: (سن. گورڪشناٿ. گو=حواس، اندري +رڪشا= سنڀال + ناٿ = مالڪ، ڌڻي. جنهن حواسن کي پوريءَ طرح ضابطي ۾ رکيو هجي)، جوڳين جو قسم.

گورو: (سن. گور)، نئون چاول اٽ، مغز، پورو.

گوري: (پرا. گور. سن. گور. گر = ڪوشش ڪرڻ)، پوري سهڻي.

جب گوري گهنا ڪري، سو لهن هار حسين. (راجن‌شاه)

گوسالو: (سن. گوشالا. گو = ڳئون + شالا = جاء)، ڳئن (ڳاين) جي بيهڻ جي جاء.

گوسائين: (سن. گوسوامي. گو+سوامي=مالڪ)، سنياسي، ساڌو.

گول: (پرا. گول. گڊ=ليٽڻ، ڍڪڻ)، ڇوڏاري، گهيري جي اندر حد.

گونجڻ: (سن. گنجن. گڃ=آواز ڪرڻ)، آواز ٿيڻ.

گوندو: (سن. ڪروڊ=جهولي)، گولڊ، جهوليءَ واڙ، واڙو.

گورب وجهندي گوند، ڪريا ڪيس ڪلاهه تان.(جلال)

گوهڻ: (سن. ڪش)، اندر ڪرڻ، گهوسڻ.

گوبو: (سن. گوبه. گي=ڳائڻ)، هڪي راڳ جو ڪاريگر.

کِهہ : (پرا. کِهِئَ. سن. کُهرَتَ. کُهرَ=سٽيو ڪرڻ، چمڪڻ)، رڃيل مکڻ.

کَهرو : (پرا. کَهرَ. سن. کَنڀيرَ. کَرَ=وڃڻ)، کوڙهو، کهاٽو.

کَهڻ : (پرا. کَهرشڻَ. سن. کُهرشَ = رڳڙڻ، کمڻ)، کسائڻ، مهڻ.

کِيارَسَ : (پرا. ايکارسَ. سن. ايڪادَشَ. ايڪَ = هڪ + دَشَ = ڏهہ)، چنڊ جي يارهين تاريخ، جنهن تي هندو ورت (روزو) رکندا آهن.

کِيتَ : (پرا. کِيئَ. سن. کِيتَ. کَي = ڳائڻ)، ڳانو، بيت.

کِيدِي : (ف. کِيدِي. سن. کُرڌرَ = گدڙ)، ڊڄڻو، ڪانئر، بزدل.

کَيرب : (سن. کَرِوَ)، وڏائي، هَٽ، آڀمان.

کيڙو : (پرا. گورَٿ. سن. گَورِڪَ)، ڳاڙهي مٽي، ڳاڙهي رنگ جو قسم.

کينڊو : (سن. کَنڊَ)، جانور جو قسم.

کينڊو : (سن. کينڊَڪَ)، گولٽو کل.

## ڳ

ڳاٽَ : (سن. کهاٽَ)، ڪَرَ، ڳاٽو.

ڳاڇَ : (سن. گاڇہ)، ڳيچ، ڳيت.

ڳارڻُ : (سن. گالَن. گلَ=وهڻ، ڇڪڻ)، رڃائڻ، پگھارڻ.

ڳانو: (سن. گنڊَ)، آنَ جو لهيل ڌاڳو، ڦندڻ، ڳٽَ، طوق.

ڳائڻَ : (سن. گَي)، راڳ ڪرڻ.

ڳاهَ : (سن. گراسَ)، ڪاڏو، ڳجهارت، پرولي.

ڳاڻو: (سن. گو=گانءِ)، ڳئونءِ جو، گانءِ جو.

ڳَپَ : (پرا. گَپّ. سن. گَرْپَ = پيٽ جو ٻچو)، ڍيڍو، ڦَرو.

ڳَپرو: (سن. گَرْپَ رُوپَ. رُوپَ=شڪل)، اڻرندڙ جوانيءَ وارو، ٻڙو.

ڳَپوراڙي : (سن. گَرْپَ + "آرَ" ۽ پچاڙي)، اها عورت، جنهن کي ڏٺن تي پار هجي.

ڳترو: (ع. قطره. سن. ڪرتن=ڪپڻ)، ڪترو، ٽڪرو.

ڳتَڻَ : (سن. گَتسنَ)، پوئڻ، جَڙڻ، سنوارڻ.

ڳٽَ : (ڪ. گَٽَ. سن. گرنٿ)، طوق، ڦاهي.

ڳِٽڪو: (سن. گٽڪا)، گولي، گوري، ٽڪي.

ڳنڍڙي: (سن. گرنٿ. گرنٿ=ٻڌڻ)، ڳڙ، ٻڌ.

ڳجهہ : (پرا. ڳجهہ. سن. گهيہ. گهہ = ڍڪڻ، لڪائڻ)، راز، مخفي ڳالهہ.

ڳجهہ : (گرڌر. گرڌ = لالچ ڪرڻ)، هڪ پکي.

ڳجهارت : (سن. گهيہ = ڳجهو + آرٿ = مطلب)، پجهارت، پرولي جو قسم.

ڳجهاندر : (سن. گهيہ = ڳجهو + تر)، ڳجهہ، راز.

ڳچي : (پرا. گيوا. سن. گريوا. گر = ڀت ۾ اندر نيڻ)، گردن، سسي.

ڳر : (سن. گل)، ڳلو، گردن، ڳچي.

ڳر : (سن. گرهہ)، گهر، مڪان، پرسان.

ڳر : (هہ. گر. سن. گر، منتر)، اهو آپاءُ، جنهن سان ڪم پورو ٿئي، سنڌ.

ڳرڻ : (سن. گلن. گل = وهڻ، ڪرڻ)، پگهرڻ، جهرڻ.

ڳرڻ : (سن. گلن)، ڪاٽڻ.

ڳرهڻ : (سن. گرڻ)، چوڻ، بيان ڪرڻ.

ڳرڪي : (سن. گواڪش. گو = ڳئون + اڪش = اک)، گرڪو، ڪرڪي، ٽنڪرو.

ڳَڙَڻُ : (سن. گَڊْ)، ٽمڪ ڇڪڻ.

ڳَڙَڻُ : (سن. گْرَهَڻ، گْرَه = پڪڙڻ)، ولڻ، ڳنهڻ، چونڀ.
سيخن ماهه ڳاهه، جي نالو ڳيڙه نينهن جو. (شاه)

ڳَڙَهه : (هيم. ڳڍو. پرا. ڳڊْ. سن. گَرْتَ)، ڪوٽ، قلعو.

ڳَلُ : (پرا. ڳَلْ. سن. ڳَلْ)، رخسار، ڳٽا.

ڳَلو : (ف. گُلُو. پرا. گَلَ. سن. گَلَ. گَلْ = کائڻ)، ڳچي، گردن.

ڳِلِي : (سن. گَلَ)، جتي جي پاسن کي ڳنڍيندڙ چم جي سنهي ٽَني، کهڻي.

ڳَمَڻُ : (سن. گَمَنَ. گَمْ = وڃڻ)، آهستي آهستي هلڻ، ڳهڻ.

ڳَنُ : (سن. ڪَرْڻَ)، هٿيو، سٽيو، زنانو ڪن جو زيور.

ڳَنڍَڻُ : (سن. گْرنٿنَ)، ڳٽون ڪرڻ، وار سينگارڻ، پوڙ، پاڇي.

ڳَنڍِ : (پرا. ڳَنٺِ. سن. گْرنٿِ)، هڙ، ٻڌ.

ڳَنڍِ : (پرا. ڳنٺ. سن. گْرَانٿِ)، هڏن جو جوڙ، سنڌ، ميلاپ، جوڙ.

ڳَنڍِ ڇوڙ : (هيم. ڳنٺِ ڇيٺو. سن. گْرنٿِ ڇيدڪ. ڇِدْ = ڪپڻ)، لڳيچو، کيسا ڪتريندڙ.

ڳنڍيري: (سن. گنڊ)، ڪمند جا ننڍا ننڍا ٽڪرا، ورا.

ڳنو: (سن. ڪانڊ)، جوئر جو ڪانو، ڪمند.

ڳنوار: (سن. گراميہ. ڳوٺائو)، ڳوٺون چارپندڙ، ڏنار، مورک، بيوقوف.

ڳنهڻ: (سن. گرهڻ. گرهه=وٺڻ)، خريد ڪرڻ.

ڳڻ: (سن. گڻ)، گڻ، ڀلائي، چڱائي، نيڪي، احسان.

ڳڻڻ: (پرا. ڳڻڻ. سن. گڻڻ. گڻ=ڳڻڻ)، شمار ڪرڻ، خيال ڪرڻ، ويچارڻ، پڙهڻ.

ڳوڏري: (سن. ڪوش)، ٿيلهي جو قسم.

ڳوٽ: (سن. گٽڪا)، ساري، چوپڙ کيڏڻ جو مهرو.

ڳوڏو: (سن. ڪوٽڪ)، ڏاڳڻ جو وڏو، ڏيري.

ڳوٺ: (پرا. گوٺ. سن. گوشٺ < گوسٿا. گو= ڳئون+ سٿا=جاءِ. ڳئن جي بيهڻ جي جاءِ. آرين جي وقت ۾، جتي ڳائيون چرنديون هيون، اتي ئي گهر اڏيندا هوا)، بستي، واهڻ، ديهه.

ڳور: (ف. گور)، قبر.

ڳوڙهو: (سن. گول، گڊ= بال. گڊ=لپيٽڻ)، لڙڪ، سڻيءَ جو ڪليلو.

ڳوڙهو: (پرا. ڳوڊَ. سن. ڳوڊَ. ڳهَ = ڍڪڻ)، لڪل، ڳجهو ڳهاٽو، ڳهرو ٻوٽن جو قسم.

ڳولڻ: (سن. ڳليش)، تلاش ڪرڻ، ڍونڍڻ.

ڳوهہ: (سن. ڳوڌا)، گلوئيءَ جي ذات جو جانور.

ڳئون: (ف. گاو. سن. ڳو)، ڳانءِ.

ڳهرڻ: (پرا. ڳهڻ. سن ڳرهڻ)، ننداڪرڻ ٿيڻ.

ڳهيلو: (سن. ڳرهڻ + "ايلا" پڇاڙي)، ٻاڳل، مورک.

ڳهڻ: (سن. ڳمڻ. ڳم=هلڻ)، ڳمڻ، وڃڻ، هلاڪ ٿيڻ.

ڳهڻ: (سن. ڳرهڻ. ڳر=ڳهڻ)، ڳيت ڏيڻ، ڳرڪائڻ.

ڳهڻو: (سن. ڳرهڻ. ڳرهہ = ٻانڌ)، زيور، پوشڻ. زنانا (عورتن جا) "ٻارهن" ڳهڻا آهن: ١- پيرن جون ٻيون ٢- ڇلهڪي ٣- چوڙيون ٤- منڊيون ٥- ڪنگڻ ٦- ٻازوبند ٧- هار ٨- ڪنمال ٩- ٻنسر ١٠- ڳن (ڪن جو زيور) ١١- ٽڪڙو ١٢- چوٽي ڦل.

ڳهير: (سن. ڳنڀير. ڳم=وڃڻ)، ڳورو ڀارو، ٻرد ٻار، سياڻو.

ڳهيلو: (سن. ڳرهڻ + "ايلا" پڇاڙي)، ٻاڳل، مورک.

ڳيچ: (سن. ڳيت. ڳي = آواز ڪرڻ)، سهرا، لاڏا، بيت.

ڳيرو: (سن. ڳوير)، پاليهر (ڪبوتر) جو قسم.

## گھ

گھاتَ : (پرا. گھايہ. سن. گھاتَ. هَنْ=مارڻ)، زخم، ڦٽ.

گھاٽَ : (سن. گھٽّ)، پاڻيءَ جو تڙ، رستو، لنگھ.

گھاڙو : (سن. گاڍَ. گاهْ = ولوڙڻ)، گھرو، ڳوڙهو، ڏھرو.

گھاگھائِڻَ : (سن. گَگھہ=کِلڻ)، خوشي ڪرڻ، کِلڻ.

گھاگھِر : (پرا. گَگّري. سن. گَرْگَري)، چَونري، ساڙهو. مَنگھہَ جو قسم.

گھاڻو : (سن. گَھنَ. گھنْ = جمع ڪرڻ)، چيچڙو، جنھن ۾ تيلي ٻج پيڙجي.

گَھتَ : (سن. گَپْتَ)، گھورَ، پاڻيءَ ۾ ٽٻي.

گَھٽَ : (سن. گَھرْشَ = مَسڻ)، هَٻَسَ، آٻس، آڪرسَ، هوا بند.

گَھٽا : (سن. گھٽا. گَھٽْ = گڏ ٿيڻ)، ڪڪر، بادل.

گھٽڪا: (پرا. گَھڊَگَ. سن. گھٽڪَ)، لنڊو گھڙو، دلو.

گَھٽڻَ : (گ. گَھٽوَن. سن. گَھٽْ)، گھٽجڻ، ٿورو ٿيڻ.

گَھٽِڻَ : (سن. گَھورَ. گَھورْ = مارڻ)، سوڙهو ڪرڻ، تنگ ڪرڻ.

گِھٽِي : (سن. گَھٽّ)، ڳَلي، رستو.

گَهچا : (سن. گَهنَ. هَنْ = مارڻ)، گهنڊ، ڇڄ، خوشي، مجلس.

گَهرُ : (پرا. گَهر. سن. گَرَهَ. گَرَهَ = گڏ ٿيڻ)، مڪان، جاءِ.

گَهرگَهر : (پرا. گَهگهَرَ. سن. گَهرگَهرَ)، آواز، گهرڪو.

گَهڙَڻُ : (پرا. گَهڊَڻ. سن. گَهٽَنَ. گَهٽْ = گهٽائڻ)، چلڻ، سڊول بنائڻ.

گَهڙو : (پرا. گَهڊَ. سن. گَهٽَ. گَهٽْ = بنائڻ)، دلو.

گَهڙِي : (پرا. گَهڊي. سن. گَهٽِي)، وقت ڏيکارڻ جو اوزار، چوويهہ منٽن جو وقت، ساعت، دلي، ننڍو دلو.

گَهڙِيالُ : (پرا. گَهڊِآ. سن. گَهٽِڪا)، وقت ڏيکارڻ جي ڪلَ.

گَهگهہ : (سن. گَهوڪَ. گَهہ = آواز ڪرڻ)، الو پکي.

گَهگهرو : (هِير. گَهگَّهرَ. سن. گَهرگهرَ)، چڪدار، گهيريدار چولو.

گَهگهلَڻ : (هہ. گَهگِي)، پکيري يا پاپيهي جو آواز.

تون چو نہ گهگهلين پاپيها، توکي ٿيئي تَول سَريا.

گَهلَڻ : (سن. دولَن. دَلْ = جَهولڻ)، هوا جو لڳڻ.

گَهمائجَڻ : (سن. گَهورٽمانَ)، پريشان ٿيڻ، گهمري کائي ڪرڻ.

گھمائِڻ: (پرا. گھلڻ. سن. گھورڻن)، آگر گھمائڻ، هلائڻ، ڏورڻ.

گھمسانَ: (سن. گھورشمشانَ. گھورَ= خوفناڪ. شمشانَ= مسانَ)، وگوڙ، خرابي.

گھمڻ: (پرا. گھمڻ. سن. گھورڻن. گھورڻ=هيڏي هوڏي گھمڻ)، ڦرڻ، چڪر هڻڻ.

گھمنڊ: (سن. گرو)، آيمان، وڏائي، شوخي، زور.

گھڻ: (پرا. گھڻ. سن. گھن. هن=مارڻ)، جھڙ.

گھنٽا گھر: (سن. گھنٽا= گھنڊ+ گرھ= گھر)، برج (ڏل)، جنهن تي وڏو گھڙيال رکيل هجي.

گھنٽو: (سن. گھنٽا. هن= مارڻ)، گھنڊ، گھڙيال، هڪ ڪلاڪ.

گھنج: (سن. ڪنچ)، وڪڙ، ويچ.

گھنڊ: (سن. گھنٽا)، ڌاتوءَ جي ٺهيل شيءِ، جا وڄي.

گھنگھر: (پرا. گھنگھل. سن. جھڪٽ)، مونجھارو، ڪاڪل، گھٻراهٽ.

گھنگھرو: (گ. گھگھرو. سن. گھرگھرا)، ننڍڙون ٽليون، چڙين جو هڪ قسم.

گھڻَ: (سرا. گھڻَ. سن. گرھڻَ. گرھَ = وٺڻ)، گھڻ، خريد ڪرڻ.

گھاتو: (سن. گھنَ. ھنْ = مارڻ)، ڳيل، وڌيڪ، زيادہ.

گھنو: (ع. غننہ)، مٺو، نڪ مان آواز ڪيندڙ.

گھاتو: (پرا. گھڻ. سن. گھڻ. گھڻْ = گھڻ، وٺو)، جيت جو قسم.

گھوتو: (سن. گھٽ. ع. غوطہ)، ٽٻي.

گھوٽڻ: (سن. گھٽ آورتن)، رڳڙڻ.

گھور: (پرا. گھور. سن. گھور، ڀيانڪ، خوفناڪ.

گھورڻ: (سن. گھورڻ)، جاچڻ، تلاش ڪرڻ، مثال گھمائڻ يا ڦيرائڻ.

گھورڻ: (سن. گھورڻن)، تڪڻ، گھور ڪري نھارڻ، جوھ سان ڏسڻ.

گھوڙو: (پرا. گھوڏ ڪ. سن. گھوٽڪ)، ھڪ گھرو جانور.

گھوسو: (سن. گھرشڻ. گھرش = ڏوڙڻ)، مڪ، ھرمڻي.

گھونگھٽ: (سن. او گنٺن. گنٺ = ڍڪڻ)، نقاب، پردو.

گھيرو: (گ. گھيراو. سن. گرھڻ. گرھ = وٺڻ)، گول جي ٻاھرين حد، چئني طرفن کان ڦيرو.

# ل

لاڀَ: (سن. لاڀَ. لڀ = حاصل ڪرڻ)، پراپت، حاصلات، فائدو.

لاٻيرو: (سن. لگھ)، ٿورو ننڍو.

لاڄَ: (سن. لڄا. لسڄ = شرمائڻ)، لڄ، حيا، شرم.

لاڇو: (پرا. لڇ. سن. رڄ)، رساٽ، نوڙيون.

لاچارَ: (ف. ناچاره. نا = نه + چاره = رستو)، بي وس، محتاج.

لاڏ: (سن. لڊ = کيڏڻ)، پيار، انگل، آرو.

لاڏلو: (سن. لالن: لاڊنيہ)، انگلي، پيارو.

لاڏو: (سن. لڊ = کيڏڻ)، سهرو، ڳيچ، گيت.

لارَ: (پرا. لالا. سن. لالا. لِي = پڌرو ڪرڻ)، ڳارڻ، ڏارَ، ڏارا، لاٽَ.

لاڙي: (سن. لاٽ)، ڪپڙو، اگڙي، پراڻو يا ڦاٽل ڪپڙو.

ڍولي ڍَڪي آهيان، هَيس آکاڙي،

ڏيئي لِڪَ لاڙي، ڪَڪَرَ ڪيائم ڪاڪِ جو. (شاه)

لاکَ: (پرا. لکا. سن. لاڪشا. لَڪش = نشان ڪرڻ)، جو، هڪ قسم جو ڳاڙهو رنگ.

لاڪڙو: (سن. لَڪشَ+"ڙو" پچاڙي. لَڪْشَ=نشان ڪرڻ)، ماتا جو قسم.

لاڪيڻو: (سن. لاڪشا+ورنا=رنگ)، لَڪَن جهڙو، خوبصورت.

لاڳ: (ک. لاگو. هير. لَگو. سن. لَگنَڪَ. لَگْ=ملڻ)، شاديءَ جو انعام، جو ڪمين (ڪم ڪندڙ) کي ملي، شاديءَ ۾ گهوٽ ڪنوار کي ڪجهه ڏيڻ.

لالَ: (سن. لالَڪَ. لَلْ = چاهڻ)، پيارو، ونت.

لالائڻ: (سن. لالَنَ. لَلْ = چاهڻ، پياوٗ ڪرڻ)، ليلائڻ، آزيون نيزاريون ڪرڻ.

لالَچ: (پرا. لا لَس. سن. لالَس. لَسْ=چاهڻ). هبچ، لوڀ.

لالو: (پرا. لا لَيَ. سن. لا لَڪَ. لَلْ=چاهڻ)، مهاشي، بابو، صاحب.

لانبڙَ: (سن. لَنپَٽ. رَمْ=کيڏڻ. جو پراين عورتن سان کيڏي)، بد چال، ويچاري.

لانڍَ: (سن. لَنبَ. لَنبْ=هيٺ لَٽڪائڻ)، قطار، لنبائي.

لانگَ: (سن. لانگولَ. لَگْ=ملڻ، لڳو رهڻ)، ڌوتيءَ جو اهو پاڳو، جو پويان ورائي، ڪمر سان ٻڌجي.

لانگوٽي: (سن. لِنگَ=اندري+هه. اوٽي=پردو)، لنگوٽو، ڪڇو، چوتو.

لَبڻ: ڏسو "لڀڻ".

لَپاڙ: (سن. لَپن. لَپَ = ڳالهائڻ)، بڪواد، گپ شپ، ڊاڙ.

لِبس: (ع. لباس)، پوشاڪ، ويس، هار سينگار.

لَڀَڻ: (پرا. لَڀَ. سن. لَڀُ=حاصل ڪرڻ)، لهڻ.

لَتَ: (سن. لتا)، ٽنڊو، پير.

لَٽڪڻ: (سن. لٽن=جهولڻ)، اٽڪڻ.

لَٽَڻ: (پرا. لٽڻ. سن. لُنٽن. لٽ=ڦرڻ)، برباد ڪرڻ.

لٽو: (سن. لڪتڪ)، ڪپڙو.

لَٿ: (پرا. لٿ. سن. يشٽ)، عطا، لڪڙي.

لَپُري: (سن. لپسڪا)، گيهه يا تيل مان بنايل ليٽي، جا مرهم جو ڪم ڏئي.

لِبي: (سن. لپي. لپ=لبڻ)، لڪڻ الف بي، آئيو ينا.

لِوڙڻ: (سن. لپتن. لپ=لبڻ)، وڙهڻ، تهه ڪرڻ.

لَجَ: ڏسو "لاڄ".

لَڇمي: (سن. لڪشمي. لَڪش=ڏسڻ، نشان ڪرڻ)، لوڪ ماتا (هندن جي عقيدي موجب)، سهڻن لڇڻن واري، سڌوري.

لَڇڻ: (پرا. لڇڻ. سن. لَڪشن. لڪش=نشان ڪرڻ)،

لڪڻ، ڳڻ، عادت، سڀاءُ. ڳڻ. دراصل "لڪڻ" جي معنيٰ آهي "نشان". "ڄڃيه لڪڻو" (ڄڃيه لڇڻ وارو) عام محاورو آهي، جو پڻ انهن ڄڃيهن نشانن سان تعلق ٿو رکي. اهي نشان بدن تي ٿين ٿا، جي سڀاڳ جي نشاني سمجهيا وڃن ٿا. مثلاً: جيڪڏهن پير جي آڱرين ۾ آڱر جي وچ مان ليڪو نڪري، سڌو ننڍڙيءَ طرف وڃي ته سڀاڳ جو نشان سمجهيو ويندو آهي. اهڙي ليڪي کي "پدم" چئبو آهي. ڏسو "پدم".

**لِڌِ:** (ڪ. لِيدَ. پرا. لِدّي. سن. لَڊّه)، گڏهه يا گهوڙي جو گند.

**لَڏَڻ:** (سن. لَنشَنَ. لَڊ = لَڏڻ)، جهولڻ، هِنگهه لڏڻ.

ڀڏڻ ويو وسري، لڏڻ آيو ياد. (پهاڪو)

**لَڏون:** (پرا. لَڊُءَ. سن. لَڊّڪ. لَڊ = چاهڻ، خوشي ڪرڻ)، مٺائيءَ جو قسم.

**لَرَ:** (سن. لَلَ)، ٽڪڙو، ٽڪو.

**لَرجهڻ:** (سن. لَلَنَ. لَل = لڏڻ)، جهلڻ، جهولڻ، مرڪڻ.

لُرجهائي لَبَ لالن سين، چهه چمڪائي چاسينگ.
(لوننگ)

**لَڙ:** (سن. لوڊَنَ = جوش ۾ اچڻ)، گوڙ، هَلَ، پاڻيءَ جي تيزي.

لَڙڪ: هہ. لورَ. سن. لولَ)، اکين جو ڳوڙهو.

لَڙڻ: (سن. لَڊْ=چپ هلائڻ)، وڙهڻ، مقابلو ڪرڻ.

لَڙهہ: (سن. يشْٽِ)، موتين جي مالها، هار، قطار، مدد، آسرو.

لَس: (سن. لَسْ=چمڪڻ)، لسو، مِکَ ڪرو، ڪَڪرن جي هڪجهڙي ڪارڻ.

لَغدو: (ف. لَڪد)، لَتَ، ٺوڪَرِ، ضرب، ٺونشو.

لَغورَ: (بلو <ف. لاغر)، ڪمزور، هيٺو. "ڏڪار" جو لفظ.

لَڪ: (سن. لَنگهہ=پار پوڻ)، جبل جو رستو.

لَڪ: (هہ. لَنڪ)، ڪمر، چيلهہ، ٺَيِي.

لڪ ڪيشر، لوڏ ڪَنجل، ماري مورَ ملنگَ. (جلال)

لِڪڻ: (سن. لَڪ)، چپڻ، آڙ ۾ ٿيڻ.

لَڪڙو: (پرا. لَکُڊ. سن. لَڪُٽَ)، ڪاٺ جي ڇڙهَہ، لڙهہ.

لَکَ: (سن. اَکش. لَڪْش=نشان ڪرڻ)، سَو هزار.

لِکَ: (سن. لِڪْشا)، ذرو ٿورو، حصو.

لَکَ: (پرا. آڪا. سن. آلْڪا)، لَکَ، ڪوسي هوا.

لَکڻ: ڏسو "لڇڻ".

لَکَڻُ: (سن. لَکشَ)، محسوس ڪرڻ.

آئي ڀَهَر آنڌرَ ۾، لَکَنِ لَک آلَکَ. (سچل)

لِکَڻُ: (سن. لِکَنَ. لِکُ=لکڻ)، تحرير ڪرڻ، قلم هلائڻ.

لَڳَڻُ: (سن. لَگَنَ. لَگُ=ملڻ)، چھُهَڻ، وَهَرَ يا لَڳُ جهلڻ.

لَڱُوٽ: (ف. لَنگ)، منڊو.

لِڱُ: (سن. لِنگَ)، عضوا.

لِلاٽُ: (سن. لَلاٽَ)، نرڙ، پيشاني، ڀاڳ.

لَلڪار: (سن. لَلَ = کيڏڻ + ڪَرُ = ڪرڻ)، ڀَڪار، ڌمڪي، آواز.

لِنبَڻُ: (سن. لِمپَنَ. لِپُ = بند ڪرڻ)، لنباوت ڪرڻ، بند ڪرڻ.

لَنبو: (پرا. لَنبَ. سن. لَنبَ. لَنبُ=هيٺ لٽڪائڻ)، ڊگهو.

لَنڊو: (پرا. لَنڊ. سن. لَنڊَ)، سڪل، لوسيل، ٻڇي.

لَنڊو: (سن. رَنڊ. رَنڊُ=مارڻ)، پچ ڪانسواءِ ڪميڻو.

لَنگَرُ: (ف. لَنگر)، ڪلو، جنهن سان ٻيڙي يا جهاز بيهجي.

لَنگُورُ: (پرا. لَنگولَ. سن. لانگولِ. لَگُ=ماڻ، لڳو رهڻ. ڏسو پڇ وارو)، باندر جي ذات جو جانور.

لَنگهڻ: (پرا. لنگهڻ. سن. لنگهن. لنگهه = پار پوڻ، ٽپ ڪڍڻ)، پار پوڻ، ٽپ.

لنگهو: (سن. لنگن)، مگنهار.

لنوڻ: (پرا. لو. سن لپن. لپ = ڳائڻ)، ٻولڻ، آواز ڪرڻ.

لوء: (پرا. لوم. سن. لوم. لو = وڍڻ)، وار.

لنئن: (سن. ليه. لي = ملڻ)، پيار، الفت.

لڻڻ: (سن. لونن. لو = ڪاٽڻ)، ڪپڻ، ڪاٽڻ، لاپارو ڪرڻ.

لوڀ: (پرا. لوڀ. سن. لوڀ. لڀ = خواهش ڪرڻ)، لالچ، هيچ.

لوٽو: (سن. لٽ = ڦرڻ)، ڳڙون، وڏي لوٽي.

لوڻ: (سن. لوڻ) ڦرڻ، ڳسڻ، لٽڻ.

لوچڻ: (سن. لوچن. لوچ = ڏسڻ)، نهارڻ، ڳولڻ.

لوڌي: (پرا. لڌ. سن. لبڌ. لڀ = لوڀ ڪرڻ)، لوڌ وارو، شڪاري.

لورو: (پرا. لولا. سن. لولي)، ڪمينو، هڪ ذات.

لوڙي: (سن. لولا. لل = لڏڻ)، تير، ٻاڻ، ڪاڙو، چڪ.
لوڙي جت لڳوم، آت آيوئي آهيان. (شاھ)

لوڙ: (سن. لول)، تمنا، ڳهرج، ضرورت.

لوڙهہ: (سن. لوشٽ)، ٻاجهه جو قسم، ڪيرولي اوڙهہ.

لوڪ: (پرا. لوگ. سن. لوڪ. لوڪ = ڏسڻ)، جهان، سنسار، ماڻهو. هندن جي عقيدي موجب ”ٽي“ لوڪ آهن: ١- سورگ لوڪ يعني ديولوڪ: ديوتائن جي رهڻ جي جاءِ. ٢- مرتيہ لوڪ يعني پرٿوي: هي جهان، جتي ماڻهو رهن ٿا. ٣- پاتال لوڪ: هيٺاهون ملڪ. جملي ”چوڏهن لوڪ“ آهن، جن مان ست، ڌرتيءَ جي (هيٺ پٽي) مٿان ۽ ست ڌرتيءَ جي (هيٺ پٽي) هيٺان. ڌرتيءَ کان مٿان ست لوڪ: ١- ڀور لوڪ ٢- ڀو لوڪ ٣- سور لوڪ ٤- مهر لوڪ ٥- جن لوڪ ٦- تپ لوڪ ٧- ستيہ لوڪ. ڌرتيءَ کان (هيٺ پٽي) هيٺان ست لوڪ: ١- اَتل ٢- وِتل ٣- سُتل ٤- رَساتل ٥- تَلاتَل ٦- مَهاتَل ٧- پاتال. انهن چوڏهن لوڪن کي ”چوڏهن طبق“ پڻ چوندا آهن:

سهسين پڙهي سبق، حافظ ڄاڻن پاڻکي،
سمجهن ڪين سلوڪ جو، اشارو احمق،
ورلو ڪو واقف ٿيو، ويڙهي سڀ ورق،
ڏٺا جنهن طبق، چوڏهن پنهنجي چت ۾. (سامي)

لولو: (سن. لونَ=وِڍيل)، ٽنڊو، لنگڙو، پنگلو.

لولي: (سن. لول. لَلْ=کيڏڻ)، پيار جو گيت، لوراڻو.

لومڙي: (سن. لومَش. لومَ=وار، جنهن جي بُتَ تي گهڻا وار هجن)، گدڙ جي ذات جو هڪ جانور.

لون: (سن. لومَ=وار)، وار، تند، تار.

لونگ: (پرا. لَوَنگ. سن. لَوَنگَ)، گرم مصالح جو قسم، نڪ جو زيور.

لوڻ: (پرا. لَوَڻَ. سن. لَوَڻَ)، لُڻ.

لوئي: (سن. لومِيه. لومَ=وار. وارن واري يا وارن جي ٺهيل)، اوني ڪپڙي جو قسم.

لوهه: (پرا. لوهَ. سن. لوهَ. لو=ڪاٽڻ)، ڌاتوءَ جو قسم.

لوهار: (پرا. لوهار. سن. لوهَڪار. لوهَ+ڪار=ڪندڙ)، لهر، لوهر، هڪ ذات.

لوهو: (پرا. لوهِئَ. سن. لوهِتَ)، رَتُ، خُونُ.

لوءِ: (پرا. لوءَ. سن. لوڪَ)، جهان.

لئي: (سن. لَيَ=گم)، ٻرلڻ، ناس، گم.

لهر: (پرا. لَهَر. سن. لَهَر)، ڇولي، ترنگ.

لهرو: (سن. لَهَر=موج)، مرليءَ يا بينَ جو لوڏو.

لَهڻ : (پرا. لهَڻ. سن لَڀن. لَڀ=حاصل ڪرڻ)، ڳولڻ.

ليٽڻ : (سن. لنٺن. لَٺ=گهمڻ، سمهڻ)، ليٽڻ.

ليٽڻ : (سن. لنٺن. لَٺ=گهمڻ)، سنهورُ، ڪاٺ جو ٽڪر، جو ڪيڙيل يا هَرڪاهيل زمين کي سنئون ڪري، ترِ ڪَڻ.

ليپڻ : (پرا. لِيپڻ. سن. ليپن. لِپ=چنبڙڻ)، پوچي ڏيڻ.

ليڙ : (سن. لَڪُتَڪ)، ريڙ، ڦاٽل ڪپڙو، اڳڙي.

لِڪ : (سن. ريکا : ليکا لِکَ=لکڻ)، ليڪو، سٽ.

ليکَ : (سن. ليکَ. لِکَ=لکڻ)، مضمون.

ليکڻ : (سن. ليکني. لِکَ=لکڻ)، قلم.

ليکو: (پرا. ليکَ. سن. ليکيَ)، حساب ڪتاب.

لِينگهو: (سن. ريکا. لِکَ=لکڻ)، ليڪو، چٽو، داغ.

ليٺي: (سن. ليهي : ليهَي. لِهَ=چٽڻ. چٽڻ جهڙي)، ڪڻڪ جي اٽي کي پچائي، ڪونئر جهڙو ڪرڻ.

لهَ : (پرا. لِهَ. سن. لِپ=چنبڙڻ)، مڇيءَ جي لڪلڪدار رس، گندي بانس.

م

ماتا: (ڌ ن. مايا. سن. ماتر. ماڻ=پوڄڻ: مَنُ=عزت ڏيڻ)، ماءُ، مائي، سيتلا.

ماتِر: (سن. ماتر. ما=ماپڻ)، ذرو، ٿورو.

ماترا: (سن. ماترا. ما=ماپڻ)، پرماڻ، ماپ، ايترو وقت جيترو (علم عروض ۾) حرف علت اچارڻ ۾ لڳي.

ماتنگ: (سن. ماتنگ. مَدُ=مست ٿيڻ)، هاٿي.

مٽي: (پرا. مٽي. سن. مرتڪا)، مٽ، چاڏي، وڏو دلو.

ماٺو: (سن. منٿر=آهستي)، جهڪو.

رنگ رِڱِن جو روپ سان، ڪيو ماٺو منڊ ملي. (ڪنيار)

ماڻ: (سن. ماڻ. ما=ماڻ)، ڪچ، سمائڻ.

ماڄڻ: (پرا. مڄڻ. سن. مارجن. مرج=صاف ڪرڻ)، مانجڻ، صاف ڪرڻ.

مارَگ: (سن. مارگ)، رستو. ڏسو "ماڳ".

مازران: (ع. ماجرا)، حالت، واقعو.

ماڙهو: (پرا. ماڻس. سن. مانشيہ)، ماڻهو.

ماڙي: (سن. منڊ=سينگارڻ)، جاءِ، بنگلو.

ماڙيچي : (سن. مَرُويشِي. مرُ=ڙَر+ويشِي=رهندڙ)، ڙَريلي، ڙَر جو.

ماسَ : (پرا. مَنسَ. سن. مانسَ)، گوشت.

ماسَ : (پرا. ماسَ سن. ماسَ)، چنڊ، مهينو.

ماسو : (پرا. ماسَ. سن. ماشَ. مَشُ = انداز ڪرڻ)، اَنن رتين جي تور.

ماسِي : (ڏن. ماسِيا. سن. ماتِرشوسا. ماتِرُ + شوسا = ڀيڻ)، ماءُ جي ڀيڻ.

ماڪ : (سن. مِهِڪا. مِهُ=ڇڻڪارڻ)، مات، ٽيڙ.

ماڪوڙو : (سن. مَهاڪِيٽَ. مَها=وڏو + ڪِيٽَ=ڪيڙو)، وڏي ماڪوڙي.

ماکِي : (پرا. مَکَ. سن. ماڪشِڪَ. مَڪشِڪا = مک. مکين جي ميڙيل، مکين جي گڏ ڪيل رس، مَڌُ، شَهد.

ماڳَ : (پرا. مُڳَ. سن. مارڳَ. مرجُ = صاف ڪرڻ : مرڳَ=ڳولڻ)، جاءِ، مڪان، رستو.

ماڳِهين : (سن. مارڳَ=رستو)، مُور، اصلي.

مالا : (پرا. مالا. سن. مالا. ما = سونهن + لا = وٺڻ)، مالها، گلن جو هار يا ڪنڍي، تسبيح.

مالڪوس: (سن. مالڪوش)، هڪ راڳ جو قسم.

مالهہ: (سن. مالا)، کوھ جي ڏينگي تي (لوٽين سان ٻڌل) ٻولڙ رسو.

مالهي: (سن. مالڪ. مالا = گلن جو هار. گل گڏ ڪندڙ)، باغبان.

ماليخوليا: (يو. مالنخوليا. مالن = ڪارو + خوليا = ڦرڙي)، مرض جو قسم، جنهن ۾ دماغ ۾ اجايو سودائي خيال پيدا ٿيندو آهي.

مام: (سن. مرم. مر = مرڻ)، لڪل بات، راز، اشارو، مطلب، حيا، شرم.

مامرو: (ع. معامله)، ڪاروبار.

مامو: (پرا. ماٺل. سن. ماتل)، ماءُ جو ڀاءُ.

ماموري: (سن. مهاماري = مهتي ماري. ماري = موت)، بيماريءَ جو قسم.

مان: (پرا. ماڻ. سن. مان. من = سمجهڻ. پاڻ کي ڪجهہ سمجهڻ)، هٺ، اهنڪار.

مانَ: (سن. ماڻ. ما = ماپڻ)، عزت، آدر.

مانجڻ: (سن. مارجن. مرج = صفا ڪرڻ)، ماجڻ، صفا ڪرڻ.

مانجهو: (سن. مرج = ملڻ)، ڪٽيل شيشو، جو لغڙ يا پتنگ جي ڏور يا ڌاڳي کي لائجي.

مانجهي: (هہ. مانجهي. سن. ماڌيہ. مَڌيہ=وچ)، ناخدا، ناکئو، ٻهادر، آڏي مانجهي، اڌ رات.

ماندو: (ف. مانده)، ٿڪل، اداس.

ماڻاٺي: (پرا. منٿي. سن. منٿي. منٿ=ولوڙڻ)، ڪاٺ جي ٿهيل شيءِ، جنهن سان ڏڌ ولوڙجي.

ماڻاڻو: (پرا. منڊڻ. سن. منڊن)، سينگار، سجاوٽ.

مانڊي: (سن. منتري. منتر=منڊ)، منڊ هڻندڙ، جادوگر.

مانڪ: (گ. مانڪ. م. ماگ. پرا. مڪ. سن. مارڪ)، سينڌ.

ٻني مانڪ ٻناو سان، مَڪ سر محبوبن. (وسو)

مانگر: (پرا. مڪر. سن. مَڪر)، مانگر مڇ.

مانگهہ: (سن. ماگهہ)، هندن جي هڪ مهيني جو نالو.

مانهن: (ف. ماش. سن. ماش)، انُ يا دال جو قسم.

ماڻ: (پرا. ماڻ. سن. مان. ما=ماپڻ) ماپو، تورو.

ماڻڪ: (گ. ماڻوڪ. سن. ماڻڪيہ)، رتن.

ماڻو: (سن. مان، ما = سمجهڻ. پماڻ ڪجهہ سمجهڻ)، انگل.

ماڻهو: (پرا. ماڻس. سن. منشيہ)، آدمي.

ماهَ: (ف. ماه. سن ماس)، چنڊ، مهينو.

ماهَ: (سن. مانسَ)، گوشت.

ماءُ: (سن. ماترِ) اما.

ماڙي: (هيم. ماڊ ڙو. ڏ ن. مانيا سن. ماترڪا. ماترِ+"ڪا" اسم تصغير جي نشاني)، ماءُ، ماءُ جهڙي مهربان.

مائٽ: (سن. مترِ. مِدَ = پيار ڪرڻ : م= ماءُ. مائٽ اهو، جو ماءُ پڌائي ته فلاڻي ڳالهه مان فائدو آهي يا نقصان)، سڳو، عزيز.

مائي: (سن. ماترِ)، ماءُ، ڪابه عورت.

مايا: (پرا. مايا. سن. مايا. ما = نه + يا = جا، جيڪا. جا، دراصل نه هجي، پر سمجهي ته آهي)، دولت، ڏن، دنيا.

مَت: (سن. مَتِ. مَنْ=ڄاڻڻ)، عقل، سمجهه.

مَتارو: (سن. مَتّ. مَدْ = مستي ڪرڻ + "وارو" پڇاڙي)، مَتل، رتوبت وارو، خوش.

مَتان: (ه. مَتَ. سن. ما = نه)، مبادا، متان.

مَتِرڪو: (ع. مطرقه)، هٿوڙو.

مَتوالو: (سن. مَتّ + "والا" پڇاڙي)، نشي ۾ چور ٿيل، مست، چريو.

مِتي: (سن. مِت. ما = ماپڻ)، آمِث، تاريخ.

متورو: (هہ. مَتيرا سن. ميتَ)، ڇيڙو.

مَتو: (سن. مستڪ. مَسُ = ماپڻ)، سر، مَٿي.

مِٿيا: (سن. مِٿيا. مِٿ = مارڻ)، خراب، ڪوڙو.

مَٽ: (پرا. مَٽ. سن. موتَر)، ريلو، پيشاب.

مَٿر: (سن. مَٿر)، اناج يا دال جو قسم.

مَڪٽ: (سن. مَڪٽ. مَڪ = سينگارڻ. سرجو سينگار)، تاج، موڙ.

مِٽي: (سن. مِرتڪا. مرد = پيهڻ، خاڪ ڪرڻ)، ڌوڙ.

مُٺ: (ف. مُشت. پرا. مُٺ. سن. مُشٽ)، مُٺو، پيڪوڙيل هٿ.

مِٺو: (سن. منٿر)، خراب.

مِٺو: (هيم. مِٺ. سن. مِشٽ)، شيرين، کنڊ يا ماکيءَ جي سواد جهڙو. ضد "ڪڙو" يا "ڪوڙو".

مڃ: (سن. مَنن. مَنُ = قبول ڪرڻ)، ڪنواريتا.

مَڃ: (پرا. مَنج. سن. مَنج)، پوڙن جون سَکل ڪلون، جن مان واڻ ۽ رسا ٺهن.

مَڃٽ: (پرا. مَنجٺا. سن. مَنجشٺا)، وڻ جي پيدايش، ڳاڙهو رنگ.

مَجَتَ سوافق سُرين، سانگيي سَلَمَ جا. (کروهڙي)

مَڃر: (سن. منجر)، ڪنڊيءَ جو ٻُور، مگربون.

مَڃڻ: (سن. مَنَن. مَنَ=سمجهڻ)، قبول ڪرڻ.

مِچڪائڻ: (سن. مِشَ. مِشَ=اک هڻڻ)، اکيون ڇڻڻ.

مَچلو: (سن. متسر. مَدَ=خوش ٿيڻ)، چلولو، چينچل.

مَچڻ: (سن. مچَ=مٽي ٿيڻ، شرير ٿيڻ)، رچڻ، تيار ٿيڻ، مستيءَ ۾ اچڻ.

مَڇ: (پرا. مَڇ. سن. مَتسيہ)، مڇ مانگر.

مَچر: (سن. مَشَڪ. مَشَ=آواز ڪرڻ)، مچر.

مَڇي: (سن. متسي)، مڇلي، مڇي.

مَڇڻ: (سن. مَسَ)، ڪپڻ، وڍڻ.

مَدگر: (پرا. مَگر، سن. مَدگر)، ٻچريءَ جو قسم.

مَدهوش: (ع. مَدهوش. دَهش=پريشاني يا ڊپ)، موڙهل، مخمور، بي هوش، مورڇاه

مَڌ: (سن. مَڌ. مَڌ=سمجهڻ)، شراب، ماکي.

مَڌيانَ: (سن. مَڌياهن. مَڌيہ=وچ+آهن=ڏينهن)، منجهند.

مَڌر: (سن. مَڌر) پيارو، مٺو.

مَڏو: (پرا. مَڍُ. سن. مُوڍ: مُگڌ)، بيوقوف، مورک، منجهيل.

مَرَ: (پرا. مَلَ. سن. مَلَ)، بدن جي گَرَ يا مَٽي.

مَرجات: (پرا. مَجّايا. سن. مَرْيادا = حد)، عزت، مانَ.

مَرَچَ: (سن. مَرِچَ)، مصالح جو قسم.

مَرچوس: (سن. مَل=مَٽي+چوشَن=چوشڻ)، ڪنجوس.

مَرجهڻ: (سن. مُورڇن. مَرڇَ = بيهوش ٿيڻ)، ڪومائجڻ، جهڪو ٿيڻ.

مِرڏنگ: (پرا. مِينگ. سن. مِرڏنگ. مُرڏَ = ڪُٽڻ)، ساز جو قسم.

مِرگهه: (سن. مُرگ. مُرگَ=تلاش ڪرڻ)، هرڻ.

مِرگهي: (سن. مُرگي)، بيماريءَ جو قسم.

مَرلي: (سن. مُرلي)، وڄائڻ جو ساز.

مَرمر: (يو. مَرمَر) سنگ مرمر.

پِڪَ پاربهر پدمنيون، ڏِلَ دامنيون دوراس،
آڪِ آليهر اوپسر، سنگ مرمر موچاراس.
(صدرالدين)

مَرڻ : (پرا. مرڻ. سن. مَرڻَ. مُرِ=فوت ٿيڻ)، فوت ٿيڻ. ضد "جيئڻ".

مروٽڻ : (سن. موٽَنَ)، مَروڙڻ، پيڪوڙڻ.

مِرون : (سن. مُرگ)، جهنگلي جانور، سوئر.

مرهڻ : (سن. مَرڊنَ. مرڊ=معاف ڪرڻ)، بخشڻ.

مَرينو : (اس. ميرنو)، هڪ قسم جو ملايم اوني ڪپڙو.

مَرياداَ : ڏسو "مرجات".

مَرد : (ف. مَرد)، نَر، مذڪر، مڙس.

مُردو : (ف. مُردہ)، مڙل، لاش.

مَڙس : (سن. پرش)، ماڻهو، انسان.

مِڙڻ : (سن. مِلَنَ. مِلُ=گڏ ٿيڻ)، گڏ ٿيڻ.

مڙهڻ : (سن. مَرڊنَ : منڊنَ)، ڏڪڙ يا دهل تي چمڙو چاڙهڻ، ڳنڍڻ، لڳڻ، چڪ ڪرڻ، جهڙڻ.

مڙهيا گهڻو مشڪ سين، چوٽا ماڻ چندن. (شاه)

مزور : (ف. مزدور < مزدور. مزد=مزوري+ور=وارو)، ڪميي، پورهيت.

مَس : (پرا. مس. سن. مَس)، سياهي، شاهي.

مَساڻ : (ڏن. مساڻ. پرا. مساڻ. سن. شمشان. شمَ=مڙدو +شي=سمهڻ)، مڙدن ساڙڻ جي جاءِ.

مِسْتِري: (انگ. ماستر Master)، ڪاريگر، اوستو.

مَسَ: (سن. مَشَ=ڏکوئجڻ)، تڪليف سهڻ، ڏکوئجڻ.

مِسي: (ف. مِس=ٽامو)، ڏندن لڳائڻ جو چورڻ.

مَشَڪ: (ف. مشڪ. سن. مَشَڪ)، کَلي، اوئي، ڪوندي.

مَقناطيس: (ع. <يو. مَڪناٽيس)، لوهه ڇڪيندڙ پهڻ.

مَڪ: (سن. مَشَڪا)، پيڪوڙيل هٿ، ٻوٽيل هٿ.

مَڪتي: (پراه مَتّ. سن. مَڪتِ. مَچ=ڇڏڻ)، رهائي، نجات، ڇوٽڪارو.

مَڪَٽ: (سن. مَڪَٽ. مَڪ=سونون ڏيڻ. جو مَٿي کي سونهن ڏئي)، تاج، موڙ، ڪلنگي.

مَڪَر: (پراه مَيَر. سن. مَڪَر)، مڇر، ڏهين راس.

مَڪَر: (ع. مَڪر)، چَند، مڪر، ٺڳي، ڊونگ.

مَڪَرڻ: (ع. مَنڪَر. سن. ما=نه+ڪَر=ڪرڻ)، آلَٽ، ٽاڻڻ، ڳالهه ڪري وري ڦرڻ.

مَڪڙي: (سن. مَنکِني)، پيڙي، جل تَرني.

مَڪِنو: (سن. مَتَڪڻ)، اهو نَر هاٿي، جنهن کي ڏند نه هجن، ننڍو جوان هاٿي.

مَکِ : (پرا. مَکِا. سن. مَکشِکا. مَکشِ = ڪروڙ ڪرڻ)، مَک، ماکيءَ جي مَک.

مِکَ : (سن. مجن)، گورو، گودو، نريءَ جو نرم مال.

مَکَ : (پرا. مَهَ. سن. مَکَ)، وات، مُنهن.

مِکَرَ : (ع. مَکَر)، ڍولڪ، چالاڪي، ڇَهل، چنبڙ.

مَکِڙي : (پرا. مَڪرَ. سن. مَکرَ)، ڪلي، بند ٽيل گل.

مَکَڻَ : (پرا. مَکڻَ. سن. منٿج. منٿ=ولوڙڻ)، ڦٽي، ولوڙيل کير، ڇاڻيل کير مان نڪتل سٿي.

مَکِڻَ : (سن. مرکشڻ. مرکش =ماڻ)، لائڻ، لڳائڻ.

مَکِي : (پرا. مَکَ. سن. مَکِير. مَکَ = منهن)، پرڏانءُ پريو مڙس.

مَکِيار : (ع. مختيار)، اختيار وارو.

مَکِيچوس : (سن. مَکشِڪا = مَک + چوشَن=چوس. مکيون چوسيندڙ)، ڪنجوس، بخيل.

مَگدَرَ : (سن. مَدگَر)، ڏسو "مدگر".

مَگرو : (پرا. مَگرَ. سن. مَدگرَ)، گل جو قسم.

مَگَهنُ : (سن. مَگن. مسج=ٻڏل)، نهالُ، خوش، نشي ۾ چُور.

مَگَ: (سن. مارگَنَ=گهرڻ)، نالي پناري تيل (عورت)، زال، وني، ڏسو "منگڻ".

مَگُ: (پرا. مَگُّ. سن. مُدگَ)، اناج جو قسم.

مَگِري: (پرا. مَگَرِ. سن. مُدگَرَ)، مهري، مهلي، ڏنڊي.

مَگَتو: (سن. مارگَنَ. مَرجَ=گهرڻ)، منگتو، بيکاري.

مَگڻهارو: (سن. مارگَنَ = مَنگَڻَ، گهرڻ + "هارَ" پچاڙي)، منگتو، هڪ ذات.

مَلُ: (پرا. مَلُ. سن. مَلُ. مَلُ=پڪڙڻ)، ملهه، بهادر. ڏسو "ملهه".

مَلارَ: (سن. مَلار)، هڪ راڳڻيءَ جو نالو، ميگهه ملهار.

مَلاکڙو: (ملهه+آکاڙو. سن. مَلُ+آکشواٽَ. ڪُشتي لڙڻ جو هنڌ)، ميلو.

مَلاهَ: (پرا. مُولاهَ. سن. مُولاٿ)، وڏن، ڪان.

جيڪي تَن مَلاهَ، مسئيءَ مور پراياءِ. (شاه)

مَلانِي: (سن. مَنڊَ)، ڪيرڻيءَ ڪير جي ترءِ ڪير ۾ ڪنڊ چماٺل.

مَلَمُ: (ع. مرهم)، دوا، جا زخم تي رکجي.

مَلمَلِ: (ف. ململ. سن. ملمَلَڪ)، هڪ قسم جو سنگين ڪپڙو.

مَلَڻَ: (پرا. ملڻَ. سن. مَلَنَ؛ مردن)، گهڻ، صاف ڪرڻ، مانجڻ، ماجڻ.

مِلَڻ: (سن. مِلَن. مِلْ=گڏ ٿيڻ)، مِڙڻ، حاصل ٿيڻ.

مَلُورُ: (ع. مَلُول)، غمگين، مايوس، اداس.

مَلهُ: (سن. مَلْ. هڪ پراچين ذات، جنهن جا ماڻهو جنگ لڙڻ کان مشهور هئا. انهي ڪري ڪشتيباز جوڌي جوان کي "مل" يا "ماهر" نالو پئجي ويو)، مل، پهلوان، بانڪو، بهادر.

مَلهُ: (سن. مَلْ. سن. مولْيہ. مولَ=بنياد)، اگهه، قيمت.

مَليڇ: (پرا. مِڇ. سن. مْليڇْ. مْليڇَ=برو وڃڻ بولڻ، جهنگلي نموني ڳالهائڻ)، پاپي، گنهگار، جهنگلي.

مَلِنُ: (سن. مَلِنَ)، گندو، ميرو.

مَمتا: (سن. ممتا. مَم=منهنجو)، پيار، موهه، وڏائي.

مَنُ: (پرا. مَڻ. سن. مَنَ. مَنْ=سمجهڻ)، دل.

مَنائِڻ: (سن. مَنَنَ. مَن=سمجهڻ)، مڃائڻ.

مَنترُ: (سن. منتر. مَتْر=ايڪانت ۾ چوڻ، صلاح ڏيڻ)، منڊ، منتر ينتر، جادو، ٽوڻو ڦيڻو، "ويد" جو هڪ حصو، جنهن ۾ ديوتائن جي ساراهه آهي.

مَنتري: (سن. منتري. مَتْر=صلاح ڏيڻ)، صلاحڪار، وزير.

مَنجڻ: (سن. مَڃ=آزاد ڪرڻ)، موڪلڻ، ڀيڄڻ، ڇڏڻ.

مَنجو: (سن. مَنچَ)، کٽ، پلنگ.

مَنجهہ: (پرا. مَنجهہ. سن. مَڌيہ. مَن=سمجهن. ٢. ما= سونهن ڏيڻ+ڏا=رکڻ)، اندر، وچہ.

مَنجهلو: (سن. مَڌيہ= وچ)، بدن جي وچ ۾ پڌڻ وارو ڪپڙو)، ڪوڏ، ٻوتڙو.

مَنجهڻ: (پرا. مَجهہ. سن. مَهہ= بيهوش ٿيڻ)، وائڙو ٿيڻ.

مَندر: (پرا. مَندر. سن. مَندر. مَد=ساراهڻ)، ٺڪاڻو، ڏيورو.

مَنڌ: (سن. مَديہ)، شراب.

مَنڌ: (سن. مَگڌا. مَهہ= بي سڌ ٿيڻ)، جوان ۽ سهڻي عورت.

مَنڊل: (سن. منڊل. مَنڊ=سينگارڻ)، چنڊ يا سج جي چوڌاري روشنيءَ جو گهيرو، ڪچهري.

مَنڊلي: (پرا. مَنڊلي. سن. مَنڊلي. مَنڊ=سينگارڻ)، جماعت، سماج، سڀا.

مَنڊڻ: (پرا. مَنڊڻ. سن. مَنڊن. مَنڊ=ڪوڙڻ)، ڪوڙڻ.

مَنڊڻ: (سن. مَڏرڻ)، لڪائڻ، ڇپائڻ، ڍڪڻ.

مَنڊي: (سن. مَنڊپ. مَنڊ=سينگارڻ)، بازار، جتي اناج وغيره وڪامي.

مَنڊي: (پرا. مَنڊا. سن مَنڊرا)، ڇلي جو قسم، آڱوٺي.

مَنڍي: (ڏن. مونڍه پرا. مَنڊ. سن. مَنڊ)، سِري.
مَنگَلَ: (پرا. مَنگل. سن. مَنگلَ=سدورو)، ڀون گرهه انگارو.
مَنگَل: (ع. منقل. سن. مَنڪل)، سگري، ڪل.
مَنگڻ: (پرا. مَگڻ. سن. مارگڻ)، گهرڻ.
مَنگهٽ: (سن. مَڪٽ)، تاج، موڙ، مَنڪ.
مَنگهڻ: (سن. مَنڪڻ)، جيت جو قسم.
مَنڻ: (سن. مانڻ. مَنْ=جاڄڻ)، مڃڻ.
مَنڻ: (پرا. مَنڊڻ. سن. مَنڊن)، ڪوڙڻ. ڏسو "مَنڊڻ".
مَنڻ: (سن. مَرْدْ=هٿڻ)، ڪَنپ ڪان اڪ ڪپڙن کي مَنڻ.
مَنوهر: (سن. مَنوهر. مَنَ=منس=مَنَ+هَر=ڪٽڻ. من کي ولندڙ)، سَندر، سهڻو.
مَنهڻ: (پرا. مَنڊو. سن. مَنڊپ، مَنڊ=سينگارڻ)، چاپرو، چنو، جهوپڙي.
مُنهن: (پرا. مهه. سن. مُک)، چهرو، شڪل.
مِنهن: (پرا. مِس. سن. مِهَ)، بهانو، عذر.
مَني: (پرا. مَڻ. سن. مَنِ. مَنْ = جاڻڻ)، تَوشِي، گياني، بزرگ.
مَنڍِيائي: (سن. مُنڊ=مُڏو + "اي" پڇاڙي)، مُڏو، مُڏي.

مَڻِ: (پرا. مڻِ. سن. مَڻِ. مَڻْ = آواز ڪرڻ)، موتي، رتن، قيمتي پٿر، ڏيا، ڪلا، جوت، روشني.

مَڻ: (ع. مَن)، چاليهه سيرن جي تور جو وٽُ.

مَڻڪو: (سن. مَڻيڪا)، گردن جو ٻوٻون هڏو.

مَڻيو: (سن. مَڻِ. مَڻْ = آواز ڪرڻ)، قيمتي پٿر.

موتِي: (پرا. مُتا. سن. مُڪتا)، رتن جو قسم، جو ساڳوئي سپ ۾ سڄي ٿو.

موٺو: (سن. مُشْٽَ)، ڏلهو.

موٺ: (سن. مَڪشٽ)، اناج جو قسم، گاهه جو قسم.

موچارو: (سن. مُڪ چارو، چارو=مٺو)، سهڻو.

مودي: (سن. مودَڪَ=لڏون)، دڪاندار، کنڊ وڪڻائيندڙ.

مورَ: (سن. مُڪُلَ)، گونچ، ٻورَ.

مورُ: (پرا. مور. سن. ميور. مِي=مارڻ)، پکيءَ جو قسم.

مورَ: (سن. مُولَ)، پاڙ، اصل، موڙي، تتَ.

مورت: (پرا. متّ. سن. مورتِ) شڪل، روپ.

مورڇا: (پرا. مُڇا. سن. مورڇا)، غشي، بي هوشي.

مورڇَلُ: (سن. ميورَ + شَرَ=ڇَڙ، ڊگهي ڇڙي)، مورَ جي کنڀن جو چوڻر يا پکو، جو ديوتائن يا بادشاهن مٿان گهلايو (گهمايو) ويندو آهي.

موِرکَ : (سن. مورکَ. مرڇ=حوصلا وڃائڻ)، احمق، بيوقوف.

مُورِي : (پرا. مولي. سن. مُولڪَ)، مُولِي، ڀاڄيءَ جو قسم.

موريسَرَ : (ف. مُوءِ سَر. مو= وار+ سَر= مٿو. گهڻي روچ راڙي سبب اکين ۾ سنهيون سنهيون وارن جيان ليکون پيدا ٿينديون آهن)، ڪَنُر، ڇاليون.

موڙُ : (سن. مُؤل)، مُڪٽ، سهرا، جي گهوٽ کي شاديءَ وقت ٻڌجن، ڪَڪڙ جي چوٽي.

موڙَڻَ : (پرا. موڊَنَ. سن. موٽَنَ. مٽَ = داب ڏيڻ)، ورائڻ، ڏنگو ڪرڻ.

موڙهو: (سن. مُوڍَ. مُهَ = مُنجهي وڃڻ)، گَنوارُ، بيوقوف.

موڙِي: (سن. مڊُ = هيٺ لهڻ)، گهٽتائي، اگهن ۾ لاهو.

مُوڙِي : (سن. مولَ)، داشت، سرمايو.

موڪَ : (پرا. موڪ. سن. مُڪتَ. مُڇ = ڇڏڻ)، ڪَسِي، نالي، واهه، عام جاءِ ڇڏل.

موڪَلَ : (هير. مُڪولَ. ڏن. مُڪڪا. سن. مُڪتَ + "لَ" پچاڙي)، ڇُوٽي، رخصت.

موڪَڻَ : (پرا. موڪَڻ. سن. موڪشَڻَ. موڪش=ڇَڏڻ)، ماهاڻي.

موکو: (سن، مُهُ=منجهي وجهُ)، منجهيل، موڙهل، بيوقوف.

مُولُ: (پرا. مُولَ. سن. مُولَ)، جڙ، بنياد، اصل.

مولهيو: (سن. مُؤلِ=موڙ)، مٿي تي ٻنڪي وانگر وڙهيل کوڙا، کلنگيدار ٻڪ.

موهُ: (پرا. موهُ. سن. موهُ)، پيار، بي سمجهي.

مَنبَلُ: (سن. مَدَکَلَ)، هاٿي.

ٻوٽ وَنُ آ پيٽ پرين، گَت مَست کري مثبل. (محمد)

مَها: (سن. مَها. مَهَتْ)، وڏو.

مَهاڙي: (سن. مُکَ+"اڙي" پچاڙي)، اڳياڙي، مهڙ واري، اڳيون حصو.

مَهانگو: (سن. مَهارگهُ. مَها=وڏو+ آرگهُ =اگهه)، گران. ضد "سهانگو".

مَهَتُ: (سن. مَهَتا) مانُ، عزت.

مَهتو: (گ. مَهتو. ڏن. ميڊو. پرا. مَهنتو. سن. مَهَتْ. مَهُ=پوڄ، رڌ)، ليکو ڪندڙ، منشي، واڻيو.

مِهرُ: (ف. مهرَ. پرا. مِهرَ. سن. مِهرَ)، سج.

مِهرَ آتي مهتاب رَهن، مُشتاق صَنم دي رُوم اتي. (شاهه محمد)

مَهَراج: (سن. مَهاراجَ)، عزت ڏيڻ لاءِ "کَرن" کي هندن جو لقب.

مَهْراڻ: (سن. مَها آرْڻو. مَها+آرْڻوَ=سمنڊ. آرْڻ=بيآرام ٿيڻ)، وڏو سمنڊ، مهاساگر.

مَهْرِي: (سن. مَسُورَ)، اناج يا دال جو قسم.

مِهِرِي: (پرا. مَهِلا. سن. مَهِلا)، عورت.

مَهْرِي: (پرا. مَسَلَ. سن. مَشَلَ: مَسَلَ. مَسْ = ذرا ذرا ڪرڻ)، مَهلي، انّ ڇڙڻ جي ڪاٺ جي سرائي.

مَهَڪ: (سن. گَمَڪَ)، خوشبوءِ.

مَهْلو: (سن. مَشَڪَ)، مَهون، مڇر جو قسم، ڪت.

مِهْمانَ: (ف. مِهمان. سن. مَهَ = وڏو + مانَ=عزت. جنهن جي آئي پنهنجو مانَ وڏو ٿئي)، سانگي سان ايندڙ ماڻهو. ضد "ميزبان".

مَهميرو: (ف. ماميران)، هڪ بوٽيءَ جي جَڙ، جا اکين جي نابينائيءَ لاءِ مفيد آهي.

مَهَنْتَ: (سن. مَهَتَ=وڏو)، سَنْتَ، ويراڳي، ساڌو، مڙهيءَ جو وڏو.

مَهَڻَ: (سن. مَهْ)، مارڻ، ڪهڻ، ڦرڻ.

مُهورت: (سن. مُهورتْ)، افتتاح، آرنڀ، شروعات.

مَهي: (ع. مَخيض. پرا. مهِءَ. سن. مَٿِت. مَٿ=ولوڙڻ)، اڌ ولوڙيل ڏونرو.

مَهيسر: (پرا. مهيسر. سن. مَهيشور. مَها=ايشوَر)، مهاديو، ڏٺي، هڪ ذات.

مَي: (پرا. مَيءِ. سن. مَدَ)، مستي، نشو، وڏائي.

مِيان: (سن. مِتْر)، سائين. ”عزت“ جو لفظ.

مِياڻ: (ف. مِيان، نِيام)، ڪِپ، خنجر يا ترار رکڻ جي ڪوٿري.

مَهينو: (ف. ماهہ. سن. ماس)، سال جو ٻارنهون حصو.

مَڱنَڳ: (سن. مَڱڳَل)، هاڻي، هڪ مسلمان قوم.

مَٽو متو: (پرا. مٽ. سن. مَتّ)، مست، متوالو.

ميٿي: (سن. ميٿِي)، ڀاڄي يا ساڳ جو قسم.

ميٽ: (سن. مِرتِڪا)، جبل جي پٿر جهڙي سخت مٽي.

ميجالو: (سن. مَجْن)، مغز، گورو، ِسڪَ.

ميڄ: (سن. مِڄ مِڄ=اک هڻڻ)، اک جو اشارو، اشارو.

ميرو: (ڏن. مَئِل. هيم. مَئِلو. پرا. مَئِل. سن. مَلِن)، ڪندو، مِٽيءَ هاڻو، ناپاڪ.

ميسارڻ: (سن. مُرجْ=صفا ڪرڻ)، ڌاهڻ، صفا ڪرڻ.

ميڪر: (سن. مڪر)، مانگر مڇ.
ميڪرَ مارياڻون، ملاحن منهن سنرا. (شا.)

ميک: (ف. ميخ)، ڪلي، ڪوڪو.

ميگهه: (سن. ميگهه. مهه=ڇٽڪارڻ)، بادل، ڪڪر.

ميلو: (پرا. ميلهه. سن. ميلڪ. مل=گڏ ٿيڻ)، ملاکڙو، ميلاپ.

مينَ: (پرا. مين. سن. مين)، مڇي. مڇيءَ جا ڇپ تمام منهڙا ۽ وات ننڍڙو ٿئي ٿو، جنهن ڪري اڳوڻن شاعرن تشبيه طور آندي آهي.
ڏند موتي، ڇپ مين، آهو عين عجب جا. (سينگار)

مينا: (سن. مادن. مد=مست ٿيڻ)، پکيءَ جو قسم.

مينڌي: (سن. مينڌي)، حنا، ٻوٽي جو قسم، جنهن جي پنن ۾ رنگ ٿئي ٿو.

مينڍي: (سن. ويڻي)، وارن جي گنڊل لٽ.

مينهن: (پرا. مهسي. سن. مهشي)، هڪ چوپايو جانور.

مينهن: (هند. ميهو. پرا. ميهه. سن. ميگهه)، برسات.

ميو: (پرا. ميه. سن. ميه)، اٽ.

مِيون : (پرا. مِئو. سن. مِترُ)، سائين، ڌڻي، ميان. "عزت" جو لفظ.

# ن

نافِ : (ف. ناف. سن. نابِ. نَهْ = ٻڌڻ)، ڌُن، مشڪ، ناف آهو.

نافِ : (ف. ناخُن. پرا. نَهَ. سن. نَکَ)، نَنهُن، نيزو.

ناتو : (سن. جُڃاتِ، جُڃاتيہُ. جُڃا=ڄاڻڻ)، رشتو، ڳانڍاپو.

ناٿُ : (سن. ناٿَ. نَٿَ = گهُرڻ. جنهن کان گهرجي لو)، سوامي، مالڪ.

ناٽ : (سن. ناٽَ. نَٽْ=نچڻ)، ناز نخرو، الڪل بازي.

ناٽڪ : (پرا. نَٽَ. سن. ناٽيہ. نَٽ=نچڻ)، هَٽَ چالاڪي، کيلُ.

نادُ : (پرا. ڻايہ. سن. نادَ. ند+آواز ڪرڻ)، سنک، ڪوڏ.

نادي : (سن. نَندَڪَ)، پاڻيءَ جو وڏو ڻانءُ، برف جي ڄَڪي.

نارَ : (سن. نار)، پاڻي، ڪچي زمين يا ڪوهيءَ جي سنهن سوراخن مان نڪرندڙ پاڻيءَ جون ڌارون، لڙڪ.

جنن مي ڪوهيءَ نارَ، وَهن واريءَ ڳاڌنان،

هينئرو پريان ڌارَ، نيبريانس نہ نيري. (شاه ڪريم)

نار: (سن. ناري. نر= وڃڻ، هلائڻ)، عورت.

نارنگي: (ف. نارنگ. پرا. نارنگ. سن. نارنگ)، ميوي جو قسم.

ناريل: (ف. نارگيل. سن. نارڪيل. نار: نال = شاخ + ڪ = هوا، پاڻي+ال = هلڻ. جنهن جي شاخ، پاڻيءَ يا هوا سان وڌي ٿي)، ناريل يا ان جو وڻ.

ناڙ: (پرا. ناڊ. سن. ناڊ. نڊ=ڪرڻ)، نبض نس.

ناڙو: (سن. ناڊ. نڊ = ڪرڻ)، گاهه جو قسم، ڪمل گل جون شاخون، پاجاريءَ ۾ پڌڻ وارو (چم يا ڪاپڙ جو) رسو.

ناس: (پرا. ٿسا. سن. ناسا. نس = آواز ڪرڻ)، نڪ جو سوراخ، ناڪوٽي.

ناس: (سن. نش. نش = برباد ٿيڻ)، برباد ڇٽ.

ناستڪ: (پرا. ٿستڪ. سن. ناستڪ. ن = نه+آست = آهي. اهو، جو چوي ته خدا نه آهي)، ڪافر.

ناڪار: (پرا. ٿڪار. سن. نڪار. ن+ڪر=ڪرڻ)، انڪار.

ناڪو: (سن. نڪر)، ڦاٽڪ، شهر جو دروازو، رستي جي اها جاءِ، جتي محصول اگهرجي.

**ناڪيلي:** (سن. ناسڪا ڪيل. ناسڪا=نڪ+ڪيل = ميخ)، ڪاٺ جي ميخ، جا اُٺ جي نڪ ۾ لڳل هجي، ڏور يا مهار، جا اُٺ کي هلائڻ ۽ ميخ سان ڳنڍيل هجي.

**ناکئو:** (ف. ناخدا=ناو=ٻيڙي+خدا=مالڪ. سن. ناوڪ. نَوَا=ٻيڙي)، خلاصي، ملاح، ناخدا.

**نالَ:** (سن. نالَ. نَلُ = ٻُڏڻ، چمڪڻ)، بندوق جي نالي، نَري.

**نالي:** (سن. نالڪ)، ڪسي، واهي.

**نامَ:** (ف. نام. ژن نام. پرا. ڻام. سن. نامن. نَمُ = پڪارڻ. جنهن سان پڪارجي)، نالو.

**نانا:** (پرا. ڻاڻا. سن. نانا)، طرحين طرحين، گوڻا.

**نانگ:** (پرا. ڻاگ. سن. نانگ. نَ = نَ + آگَ = تَرسيل)، بلا، سپ.

**نانگو:** (سن. نگن. نَجْ = لڄائڻ)، اگهاڙو، فقيرن جو قسم.

**ناڻائي:** (ف. نانبائي: نانوا < نان+آبا. نان = ماني + آبا = ٻوڙ شروو)، اهو ماڻهو، جو ماني ۽ ٻوڙ وڪڻي.

**ناڻو:** (ف. نام. سن. نامن)، نالو، ناموس.

**ناهِن:** (پرا. ڻهِ. سن. نهِ)، نه، نفي.

ناڻڻ: (سن. نمن. نم=جهڪڻ)، نمائڻ، جهڪائڻ.

ناڻو: (سن. ناڪ، نہ=نہ+آڪ=خراب. جو خراب نہ آهي)، پيسا، دولت.

ناهر: (سن. نرهر. نر=ماڻهو+هر=شينهن. ماڻهو مڃن تہ شينهن آهي)، ٻگهڙ.

نائڪ: (پرا. ڻايڪ. سن. نايڪ. ني=وٺي وڃڻ، هلائڻ)، سيناپتي، مکيہ، دربان.

نائي: (سن. ناپت)، حجم.

نبار: (سن. نرمالي. نر=سواءِ+مل=گندگي)، پاڪ، صاف.

نباهڻ: (پرا. ڻواهڻ. سن. نروهن. نر=پوروسو+وهہ=سهڻ، وٺي وڃڻ)، نڀائڻ، پورو هلڻ، توڙ رسائڻ.

نبيرڻ: (سن. نورتن)، طي ڪرڻ، پورو ڪرڻ.

نٻل: (پرا. ڻبل. سن. نربل. نر=سواءِ+بل=ٻل)، ڏٻرو، ڪمزور، ضعيف.

نڀ: (پرا. ڻهہ. سن. نڀ؛ نڀس. نڀہ=ٻڌڻ)، آسمان.

نڀائڻ: (ڏسو "نباهڻ".

نڀاڳو: (پرا. ڻڀڳ. سن. نرڀاڳيہ. نر=سواءِ+ڀاڳيہ=ڀاڳ)، نحس، چنڊو. ضد "سڀاڳو".

نِپاٽِي: (سن. نِهه پراتر. نِهه=سواءِ+ پراتر= پاڙ)، ”پٽ پاڙاتي“ جو لفظ، جنهن کي پاڙ نه هجي.

نِت: (سن. نِتيہ. نِ= يقين. جو يقينا هجي)، هميشه، سدائين.

نَٿَ: (پرا. نستا. سن. ناتَ+ پَت. مڙس جي جيئڻ جي نشاني)، نڪ ۾ پائڻ جو زيور.

نَٿ: (هيم. نَٿا. سن. ناٿَ. ناٿَ = ستائڻ، ڏک ڏيڻ)، ڏاند جي نڪ ۾ وجهڻ واري رسي.

نَٽ: (سن. نَٽ. نَٽ= نچڻ)، ناز نخرو، آنڪل آرو.

نِڏَرُ: (پرا. ڻڏر. سن. نِشڏر. نِ+ ڏا=ڊڄڻ)، ڪٺور، دلو، هوڏي.

نِپٽ: (سن. نِشپٽ. نِس=سواءِ+ پَٽ= پردو)، بنهه، صفا.

نِپٽو: (سن. نِشپتر. نِش=سواءِ+ پتر= پٽ)، بي اولاد، جنهن کي نر ٻچو اولاد نه هجي.

نِوڙڻ: (سن. نِپيڊن. نِ = چڱيءَ طرح سان+ پيڊ= پيڙڻ)، پيڪوڙڻ، گهٽي داٻ هيٺ آڻڻ.

نِج: (سن. نِج)، خالص، صاف، رڳو، اصلي.

نپونسڪ: (پرا. نپنسڪ. سن. نپنسڪ. نه=نه+ پنسڪ= ماڻهو)، ڪدڙو، هيجڙو، خنثه.

نِجهِرو: (سن. نِواسَ + "رو" پچاڙي. نِ = اندر + وَسْ = رهڻ)، ڪٽيا، گهر، مڪان، جهوپڙي.

نَچَڻ: (سن. ناٽيہ. نَٽَ = نچڻ)، ناچ ڪرڻ، جهمر هڻڻ، رقص ڪرڻ.

نِچوڙڻ: (سن. نِ = چڱيءَ طرح سان + چيوُنَ = پڙڻ. ڪنهن شيءِ جي رس ڪڍڻ، پيو ٿانءُ پڙڻ)، نپوڙڻ.

نَڇٽر: (سن. نَڪْشَتْرَ)، تارا. ڏسو "نکٽ".

نِدانَ: (سن. نِدانَ. نِ = يقين + دا = ڏيڻ)، نيٺ پڇاڙي، آخر.

نَدي: (پرا. ڻَئي. سن. نَدي. نَدَ = آواز ڪرڻ)، دريا، نهر.

نِڌَر: (سن. نِرْڌَرَ = نِرْ آڌارَ. نِرْ = سواءِ + آڌارَ = وسيلو)، بي واهو، ڪمزور.

نَڌو: (سن. نَڌَ. نَهْ = ٻڌل)، قابو، سوگهو.

نَر: (ف. نَر. پرا. ڻَرَ. سن. نَرَ. نَرْ = وڃي وڃڻ، چلڻ)، مرد.

نِراسَ: (پرا. ڻِراسَ. سن. نِراش. نِرْ = نہ آشا = اميد)، نااميد.

نِراڪارَ: (پرا. ڻِراڪارَ. سن. نِراڪارَ. نِرْ = نہ + آڪارَ = شڪل. جنهن کي ڪا شڪل نہ هجي)، ڌڻي تعاليٰ.

نِراڪارَ آڪارَ، ڌاري آيو جڳ ۾. (سامي)

نِرالو: (هيم. نِيراآه پرا. ڻرالِيہ سن. نِرالِيہ نِر = ٻاهر، ايڪانت + آليہ = جاءِ) الڳ، نيارو.

نِرباڻ: ڏسو "نروان".

نِرڀو: (پرا. نِڀيہ سن. نِرڀيہ نِر = نہ + ڀيہ = خوف)، بهادر.

نِرت: (سن. نيتر = اک. نِي = وٺي وڃڻ، هلائڻ)، نظر، ديد.

نِرجل: (سن. نِرجل. نِر = سواءِ + جل = پاڻي)، پاڻيءَ کان سواءِ، نرجل گيارس (هندن جو ورت، جنهن ۾ سڄو ڏينهن اَنّ پاڻي ڪونہ کائين)، بيابان.

نِرڄو: (پرا. ڻلجّ سن. نِرلجّ نِر = سواءِ + لجّا = لڄ)، بي شرم، بي حيا، آڻاسو، بي لڄو.

نِردوش: (سن. نِردوش. دوش = ڏوھ)، بي گناهہ، بي قصور.

نِرڏئي: (نِردَيہ. دَيا = رحم. جنهن جي مَن ۾ ديا نہ هجي)، ڪٺور، سنگ دل، ظالم.

نِرڙ: (پرا. ڻلاڊ. سن. للاٽ)، پيشاني.

نَرڪ: (پرا. ڻرڪ. سن. نرڪ. نَر = ماڻهو + ڪي

= آواز ڪرڻ . جنهن گنهگار دانهون ڪن ٿا)، دوزخ جو ضد "سرڳ".

نِرمَلُ : (پرا. نِمّلَ. سن. نِرمَلَ. نِر=سواءِ+مَلَ=گندگي)، پاڪ، صاف.

نِروارُ: (سن. نِر= سواءِ + وارُ = پردو)، پڌري پٽ، کُليو کُلايو.

نِرواڻ : (پرا. نِوّاڻ. سن. نِرواڻَ. وا=وَهڻ، وڃڻ)، اها حالت، جنهن ۾ سڀني خواهش کان آجو ٿي، ڄمڻ مرڻ کان ڇٽي، اها حالت، جنهن ۾ سڀني خواهش کان آجو ٿي، ڏئي سان هڪ ٿي رهجي، مڪتي، نجات.

نِروڳ : (پرا. نِيروگَ . سن . نِروگَ . نِر = نِ + روگَ = بيماري)، آروڳ، نِرويو، تندرست.

نِرويو: (پرا. نِرويہ. نِروگيہ. نِ+روگيہ=روڳ وارو، بيمار)، تندرست، چڱو ڀلو.

نَڙُ : (سن. نَڊ. نَڊ=ڪرڻ)، پورو ڪانو، جنهن سان حقو يا چلم ڇڪجي، ساز جو قسم.

نَسَ : (سن. سناءُ)، رڳَ.

نِسَ : (پرا. نِسا. سن. نشا. نِ=سڀ طرح سان+شو= سنهو ڪرڻ. ڪم کي پورو ڪرڻ)، رات.

ههَ رَبَ واجي ۾ جو، نِسَ رِبَ راس نہ روءِ. (جلال)

نستو: (سن. نهستيہ=ستيہ=طاقت)، ڪمزور.

نسرڻ: (پرا. نسرڻ. سن. نهہ سرڻ. نهہ = ٻاهر + سر = وڃڻ)، سنگ جو نڪرڻ يا اپڙڻ، ظاهر ٿيڻ.

نسنگ: (سن. نهہ شنڪ. نهہ = سواءِ + شنڪا = ڊپ)، بي ڊپو، نروار، ظاهر.

نشٽ: (سن. نشٽ)، برباد، ناس، ڇٽ.

نشچو: (سن. نشچيہ. نہ = چڱيءَ طرح سان + چہ = گڏ ڪرڻ)، يقين، وشواس.

نشڪام: ڏسو "نهڪام".

نڪ: (ڏن. نڪو. هير. نڪو. سن. ناسڪا. ناس = آواز ڪرڻ)، سنگهڻ جو حواس، ناس.

نڪ: (گ. نيڪ. سن. نيڪا)، ڪسي، نهر.

نڪالڻ: (سن. نشڪاسن. نس = ٻاهر + ڪس = وڃڻ)، هڪالڻ، تڙڻ، ٻاهر ڪرڻ.

نڪت: (سن. نڪت. نہ = پرسان + ڪت = وڃڻ)، ويجهو.

نڪرڻ: (سن. نشڪاسن. نش = نس = ٻاهر + ڪس = وڃڻ)، ٻاهر ٿيڻ، ظاهر ٿيڻ.

نڪمو: (هير. نڪام. سن. نهڪرم. نر = سواءِ + ڪرم = ڪم، جو ڪنهن ڪم جو نہ هجي)، نڪمو، بيڪام، بيڪار، واندو.

نِڪونج: (سن. نِڪنج)، اها جاءِ جتي سبزي جام هجي.

نَڪهير: (هہ. ناڪ + سن. ڪشير = پاڻي)، نَڪ مان رت اچڻ.

نِڪيتن: (سن. نِڪيتن. نِ = چڱي طرح سان + ڪت = رهڻ)، گهر، جاءِ.

نَکٽ: (سن. نَکشتر. نَکش = هلڻ، وڃڻ)، تارو، برج.
برج "ٻارنهن" آهن: ١- حمل ٢- ثور ٣- جوزا ٤- سرطان ٥- اسد ٦- سنبله ٧- ميزان ٨- عقرب ٩- قوس ١٠- جدي ١١- دلو ١٢- حوت.
هندن جي خيال موجب ستاويهه نکٽ آهن:
١- آشوني ٢- ڀرڻي ٣- ڪرتڪا ٤- روهڻي ٥- مرگشرا ٦- آردرا ٧- پنروس ٨- پشيه ٩- آشليا ١٠- مگها ١١- پورووا ڦالگني ١٢- اترا ڦالگني ١٣- هست ١٤- چترا ١٥- سواتي ١٦- وشاکا ١٧- انرادا ١٨- جيوشيٺا ١٩- مول ٢٠- پوروو اشاڍا ٢١- اتراشاڍا ٢٢- شروڻ ٢٣- ڌنشٺا ٢٤- شتڀشا ٢٥- پوروو ڀادر پدا ٢٦- اتر ڀادرا پد ٢٧- ريوتي.

نَگر: (پراءِ. ڻگر. سن. نَگر. نَگ = وڻ، پهاڙ. جنهن ۾ وڻ يا پهاڙ هجن)، شهر.

نِگَمَ: (پرا. ڻِگَمَن. سن. نِرگَمَن. نِرْ=ٻاهر+گَمْ=وڃڻ)، نڪرڻ، اپرڻ، پيدا ٿيڻ.

ساج تنهن سلوڪ، جو ناقصائي نگيو. (شاه)

نِلو-نِرو: (سن. نِرْ=ٻاهر)، سواءِ، بغير، اڪيلو.

نِمُ: (سن. نِمب. نِمبْ=پاڻي ڏيڻ)، وڻ جو قسم.

نماشامَ: (ف. نمازشام)، سانجهي، سج لٿي مهل.

نمسڪارَ: (سن. نَمَسڪار. نَمَسْ=جهڪڻ+ڪرْ=ڪرڻ)، جهڪي سلام ڪرڻ.

نَمَڻَ: (پرا. ڻَمَنَ؛ سن. نَمَنَ. نَمْ=جهڪڻ)، نِوڙڻ.

نِندا: (سن. نِندا. نِندْ=برائي ڪرڻ)، گلا، شڪايت.

نِنڊَ: (سن. نِندرا. نِ=يقين+ڊْرا=سمهڻ)، سمهڻ جو خيال.

نَنگَرَ: (ف. لنگر)، لوهه جو ڪلو، جنهن سان ٻيڙي يا جهاز ٻڌجي.

نَنگو: (هيم. نَگو. پرا. ڻَگِن. سن. نَگْن. نَجْ=لڄائڻ)، اگهاڙو، بي شرم.

نَنهن-نَنهن: (سن. نَکَ. نَ=نه+کَ. جنهن جي وڍڻ سان ايذاءُ نه اچي)، ناخون، هٿن يا پيرن جا ننهن.

نِنان: (سن. نَنندا. نَ=نہ+نند=راضي ٿيڻ. جو ڪيتري به ڏيڻ سان خوش نہ ٿئي)، مڙس جي ڀيڻ.

نِوارَڻ: (پرا. نِوارَڻ. سن. نِوارَڻ. نِ=چئني طرفن کان+ وَرْ=گهيرو ڪرڻ)، روڪڻ.

نِواسي: (پرا. نِواس. سن. نِواسَ. نِ=اندر+ وَسْ=رهڻ)، رهواسي، رهاڪو، رهندڙ.

نَوانوي: (سن. نَوَ نَوَت)، نَوي ۽ نَوَ.

نوٽ: (انگ. نوٽ Note)، روپين جو عدد ڏيکاريندڙ پنو، جو سرڪاري طرح جاري ٿيل هجي.

نورَ: (سن. نَڪَلَ. نَ=نہ+ ڪَلَ=ذات. جنهن جي ذات نہ هجي)، هڪ ننڍڙو جانور.

نَورا: (سن. نُوپُر. نو=گهڻو+ پُرَ=اڳتي هلڻ)، پيرن جو زيور.

نَويل: (سن. نَوَ=نئون+لا=وٺڻ)، نَوَلَ، نئون، اڻ هريل.

نَوندَ: (سن. نندرا=ننڊ)، اک جي خماريل حالت.

کورَبَ وڃهندي کوندَ، ڪريا ڪيس ڪلاءَ تان،
آلِ آليهَرَ آنسرا، عَينَ تہ نرگس نَوندَ. (جلال)

نَوِڻ: (سن. نَمَنَ. نِ = هيٺ + مَنا = اڀياس ڪرڻ، ياد ڪرڻ)، هيٺاهين زمين لاهي.

نِهارَڻ: (سن. نِيالَن)، ڏسڻ، جاچڻ.

نِهائين: (سن. ناپِي)، ڪنڀر جي آوي.

نِهچو: (سن. نِشچَيہ. نِ = چڱيءَ طرح سان چِ = گڏ ڪرڻ)، ڀروسو، پڪ، يقين.

نِهڪام: (سن. نِشڪام. نِرْ = سواءِ + ڪام = شهوت)، ڪامنا يا خواهش کان ڇٽل.

گر گم رَمتا رامَ، سامي جنهن سَهي ڪيو،
ڪڏهن ٿِي ڪين ڪِي، مايا جو غلامَ،
سَدائين نِهڪامَ، رَهي پنهنجي حال ۾. (سامي)

نِهو: (سن. نِڌِ. نِ=وچ ۾ +ڌا = رکڻ)، خزانو، گنج، جاءِ، مڪان.

نِهوڙَڻ: (سن. نِشودَن. نِ = چڱيءَ طرح سان + سُودْ = ڪُهڻ)، مارڻ، ناس ڪرڻ.

نَهَڻ: (سن. نَهْ)، ٻَڌڻ، سوگهو ڪرڻ.

نَهيرَڻ: (سن. نَکَ هَرَڻِي. نَکَ = ننهن + هَرْ = ڪٽڻ)، اوزار، جنهن سان ننهن لاهجن.

نئڻ : (سن. نِي)، وٺي وڃڻ، ڪڍڻ.

نئون : (ف. نَو. سن. نو. نَ = ساراهڻ)، تازو، ڪورو.

نِي : (سن. نيجڪ. نجْ = صاف ڪرڻ)، ڌوٻڻ، ڪنياٽي.

نِياپو : (سن. جْڃا = ڄاڻڻ)، سنيهو، پيغام پهارانپو.

نِيارو : (سن. نِرالَيہ. نِرْ = ٻاهر، ايڪانت + آلَيہ = جاءِ)، الڳ، نرالو.

نِيانْ : (سن. نِپانَ)، حوض، تلاءُ.

نِياءُ : (سن. نْيايہ. نِ = ٺيڪ طرح + اِ = آواز)، انصاف.

نِيت : (سن. نِمت. نِي = وٺي وڃڻ)، سٺي هلت.

نِيتر : (سن. نيتْرَ. نِي = وٺي وڃڻ، چلڻ، پهچائڻ، حاصل ڪرڻ)، اکيون، نيڻ، نين، چشم.

نيتَ : (سن. ويتْرَ)، وڻ جو نسرُ.

نِيچْ : (سن. نِيچَ. نِ = هيٺ + آنْچ = وڃڻ)، ڪميڻو، گهٽ.

نِيڏو : (سن. نِڪَوڊَ. نِ + گَوڊَ = گَوڙهو)، اونهو، هيٺ.

نِيرَ : (سن. نِگَڊَ)، پيرن جا زنجير.

نِيرُ : (ف. نيلَ. سن. نِيلَ. نِيلْ = نيرو ڪرڻ)، نيرو رنگ يا ان جو ٻوٽو.

نِير: (سن. نِيرہ. نِ = هيٺ + اِيرَ = وَهڻ)، پاڻي.

مڇلي نير کون پلڪ، نہ اڻي وري. (سامي)

نيڙ: (ع. نَهر)، ڪسي، واهي.

نيڙي: (سن. نِڪَٽَ. نِ=ويجهو+ڪَٽَ=وڃڻ)، ويجهو.

نيسارو: (سن. نِسہ = ٻاهر + سَرَ = وڃڻ، وهڻ. جنهن مان پاڻي ٻاهر ڪري)، اها ڪاٺ، لوهہ يا پٿر جي ٺهيل شيءِ، جا جاين ۾ لڳل هجي، جنهن مان مينهن جو پاڻي ٻاهر نڪري.

نيکارڻ: (سن. نِڪشارَڻَ)، چَنڊي صاف ڪرڻ، پاڪ ڪرڻ.

نيکيڻي: (سن. نِشڪرتِي. نِس= ٻاهر+ڪرَ=ڪرڻ)، سَتاوڙو.

نِکهارڻ: (سن. نِرگهرشَڻ)، صاف ڪرڻ.

نِيلَ: (سن. نِيل)، سَؤ آرب جو عدد، نِيرہ.

نيلامَ: (پور. نِيلام)، عام واڪ، کليل واڪ.

نِيلَمَ: (ف. نِيلَم. سن. نِيلَمَڻِ. نِيلَ = نيرو + مَڻِ = مڻڪو)، نيري رنگ جو قيمتي پٿر.

نِيلوفَرَ: (ف. نيلوفَر. سن. نِيلو تپَل)، نيرو ڪنول.

نِيمَ: (سن. نيمَ. نِ+يمَ=روڪڻ)، ريت، چلن، وهنوار.

نينگر: (سن. نگن=اگهاڙو)، ٻالڪ ٻار، ڇوڪرو.

نيڻ: (سن. نيمن. نيي=وٺي وڃڻ)، اکيون.

نينهن: (سن. سنيهہ. سنيهہ = پيار ڪرڻ)، عشق.

# و

وات: (سن. وچ=ڳالهائڻ)، مک، وات.

وٽ: (سن. واٽ)، رستو، دڳ، گس، چارو.

واٽڻ: (هي. وانٽو. سن. ونٽن. وانٽ=حصو ڪرڻ)، حصا ڪرڻ، ونڊڻ.

واٽهڙو: (سن. واٽڪ)، وات وينڌڙ، رهه گذر.

واٻار: (پرا. واوار. سن. وِيا ٻار. وِ=گهڻو+آ=چئني طرفن کان+هر=ڪر ۾ لڳڻ)، ڏنڊو.

واڄو: (پرا. وڄ. سن. وديہ. ود=آوازڪرڻ)، باجو، سرود.

واجهہ: (سن. بنڌ = ٻڌڻ)، رسو، حيلو، ڪوشش.

واجهائڻ: (سن. واڇا. واڇ=خواهش ڪرڻ)، انتظار سان ڏسڻ.

واچ. (سن. واتيا)، واءُ.

واچا: (سن. واچا. وچ=چوڻ)، وچن، ٻول، ٻاس.

واڄُ: (سن. واڇن. وَڇ = وڌڻ)، وڌڻ.

واڌائو: (سن. وَرڌَن. وَرڌ = وڌڻ)، وڌيڪ، وراڌ، واڌائي.

واڌائي: (سن. وَرڌِڪا. وَرڌ = وڌڻ)، مبارڪ، خوشخبري.

واڍِ: (پرا. رَڌ. سن. وَرڌَر)، رسو، نوڙ.

واڍو: (سن. وَرڌَڪ. وَرڌ = ڪاٽڻ)، ڊکڻ، ڪاٺ جو ڪم ڪندڙ.

وارَ: (پرا. بالَ. سن. بالَ)، ڪس، وار.

وارَ: (سن. وارَ)، وقت، ڏينهن، پيرو.

وارِتا: (سن. وارِتا. وَرتَ = هجڻ)، بات، سماچار، وائي.

وارڻ: (پرا. وارڻ. سن. وارڻ. وَر = ڍڪڻ)، هٽائڻ، موٽائڻ، واري چڏڻ، هاڻي.

مور، ڪبڪ، هنجهَ، وارڻ ونگي، راڻل ڊي رفتار ميان.

(شاه محمد ديدڙ)

وارو: (سن. وارَ. وَر = ڍَڪڻ)، ڍَڪ، پناهه، مدد جو مڏ، دالهن.

وارِي: (سن. والڪا)، ريگ، سنهڙي هڙن جي پور.

واڙو: (پرا. واڙ. سن. واٽ)، پاڙو، جانورن جو وٿاڻ، لوڙهي اندر جاءِ.

واڙي: (هير. واڊِي. پراڪ. واڊِي. سن. واٽِي)، ڦلواڙي، جتي ٻاڇيون، گدرا، هندوانا وغيره پوکجن.

واس: (سن. وَسَ)، خوشبو.

واسامو: (سن. وِيامنگ. وِ = گهٽو+آ= ڄڳهه طرح سان+ سَنج=گڏڻ. هڪ ڪر کي چڙهي، ٻئي کي لڳڻ)، فڪر، ڳڻتي، مونجهارو.

واسڻ: (سن. واسَن. واسَ = خوشبودار ڪرڻ)، سرهو ڪرڻ، ڌوپ واس ڏيڻ.

واسينگ: (سن. وِش آنگ. وِش = زهر+ آنگ=عضوا)، نانگ جو قسم.

واڪ: (سن. واڪ. وَچ = چوڻ)، آواز، ٻول.

واڪاڻ: (پراڪ. وَڪاڻ. سن. وِيا ڪيان. وِ= گهٽو، چوڌاري+ کيا=چوڻ)، ساراهه، تعريف، بيان.

واڳ: (سن. وَلڳا. وَلگَ=وڃڻ، اڳاڻگ ڏيڻ)، مهار، لغام، ڏوري.

واڳهه: (پراڪ. وَگهه. سن. وِياگهر. وِ = گهٽو+ آ = چئني طرفن کان+ گهر = سنگهڻ)، شينهن جو قسم.

واڱڻ: (سن. وَنگَڻ)، ڀاڄيءَ جو قسم.

والي: (سن. والڪا)، ڪَنَ جو زيور.

وانجڻ : (سن. وَنچن. وَنچ=لڪائڻ)، پاسيرو ڪرڻ، الڳ ڪرڻ، مخفي رکڻ.

وانڊو: (سن. بَنڌيا)، ڇڙو ڇانڊ، اڪيلو، رولُ.

وانرَ: (سن. وانر. وانَ=وڻ جو ڦل وغيره + را=وٺڻ) باندر.

وانڻ : (سن. وانَ)، آڻ.

واڻي : (پرا. واڻي. سن. واڻي)، ٻاڻي، وَچن.

واڻيو: (گ. واڻيو. هير. واڻيا. هه. بنيا. سن. وَڻڪ = واپاري)، هندو.

واهندا : (سن. واسنت. وَسَ=خوشبودار ڪرڻ)، بسنت يا بهار جي هوا.

واهڻ : (سن. وَسَن. وَسَ=رهڻ)، ڀرواڙيءَ جو ڪوٽ.

واهولو: (هه. بسولا. سن. واس + "لا" ڦاڙي)، ڊکاڻڪو اوزار.

واهيرو: (سن. واس. وَسَ=رهڻ+ "رو" ڦاڙي)، آکيرو.

واءُ: (پرا. واءُ. سن. واي. وا=چرڻ)، هوا، زور سان هوا جو لڳڻ.

وائڻ : (سن. ويا ورتن)، ڇوڏاري ڦرڻ، ڇڪاس، ڌس، خيال ڪرڻ.

وائي: (پرا. وايا. سن. وارتا. ورت = هجڻ)، بات، ڳالهه، ٻولي.

وِڀچارِي: (پرا. وڀچارِي. سن. وِيڀچارِي. وِ= خراب طرح سان + آڀِ = چئني طرفن کان + چر = چلڻ)، شهوت پرست، خراب چال وارو.

وِڀچارِي ٿِي وات تي، ڪنِ ڪين وِسرام. (سچل)

وٽ: (سن. ٻٽ)، ڏنُ، دولت، ڀلُ، سکَ.

وِترو: (سن. ٻهتر. ٻهَ=گهڻو)، گهڻو وڌيڪ، زيادهه.

وَٿ: (پرا. وٿ. سن. وَستَ)، شيءِ، چيز، وستو.

وَٿاڻ: (سن. آوَسٿانَ)، پاڻ، پاڙو، ٿانُ، جاءِ.

وَٽ: (سن. وَنَٽ)، وَٽ وٽس، وَٽر، نشون سواد.

وَٽ: (هيم. وَٽي. پرا. وَٽ. سن. ورتَ. ورت=وٽڻ)، ٻنيءَ يا ڏٺي جي وٽ، ڪنار، ڪناري، جهالر، پرسان

وَٽ: (پرا. وَنٽڪ. سن. وَنٽڪ. وَنٽ=ورهائڻ)، تورو، ڏڙو، وزن.

وَٽڻ: (سن. ٻٽ. ٻٽ=وڪوڙڻ)، هَڪ ڏيڻ، ڦيرا ڏيڻ ٻدن ۽ ورڻ، حاصل ڪرڻ.

وَٽو: (پرا. واٽ. سن. وارت)، دَلالي، اها ڪمي، جا ڪنهن شيءِ جي اگهه ۾ ٿي وڃي.

وَٽي : (سن. وانڪا)، ننڍو وٽو، ننڍو ڪٽورو، ٽسريءَ جو قسم.

وِٽ : (پرا. وِٽا. سن. وِشٽا. وِ + سٿا = قائم ڪرڻ)، پکين جو گند.

وِپتِ : (سن. وِپتِ. وِ = بريءَ طرح سان + پَدِ = وڃڻ)، آهدا، مصيبت.

وِپَريتَ : (سن. وِپريتَ. وِ = جدا + پَر = آبتو + اِٿَ = وڃڻ)، آبتو، برعڪس.

وِڄ : (پرا. وِڄ. سن. وِدُيتَ. وِ = گهڻو + دُيتَ = چمڪڻ)، کنوڻ، برق، بجلي.

وِڄا : (پرا. وِڄا. سن. وِديا. وِدَ = ڄاڻڻ)، علم، ڪاريگري.

وَڄَڻ : (پرا. وَڄَ. سن. وَدَ)، پڙڻ، آواز ٿيڻ.

وِڄهڻ، (سن. وِڪشرَڻَ. وِ = گهڻو + ڪشرَڻَ = جهڙڻ)، جهڙڻ، جهجڻ.

وَڃَڻ : (سن. وَنج)، روانو ٿيڻ.

وِڃُڻو. (سن. وِيجَنَ، وِيجن. وِ = گهڻو + جَنَ = وڃڻ)، پکو.

وِچ : (سن. بِچَ = الڳ ڪرڻ)، ڪنهن شيءِ جو وچون هنڌ، مرڪز.

وَچَنَ : (سن. وَچَنَ. وَچِ = چوڻ)، ٻول، انجام، سخن.

وَڇ : (پرا. وَڇُ. سن. وَتسَ)، مينهن جو ماديِ ڦر.

وِڇائڻ : (سن. وِسترڻ. وِ = گهڻو + سترِ = ٻکيڙڻ)، هٿارڻ.

وِڇڙڻ : (سن. وِ = گهڻو + ڇِتِ = ڪپڻ)، جدا ٿيڻ، الڳ ٿيڻ.

وِڇرِني : (سن. وِ = گهڻو + ڇِتِ = ڪاٽڻ)، مفاصلو.

وِڇون : (سن. ورشچڪ. ورشچ = ڏنگڻ)، ٻِڇون، عقرب، اٺين راس.

وَڇيرو : (پرا. وَڇ. سن. وَتسَ)، گهوڙيءَ جو ٻچو.

وِڌوا : (سن. وِڌوا. وِ + پري + ڌوا. جنهن کان مڙس پري ٿيو هجي)، رنڙ، بيوه.

وِدوان : (سن. وِدياوان = وِديا + وان)، پنڊت، عالم.

وِديا : (سن. وِديا. وِدَ = ڄاڻڻ)، علم.

وِدياراٿي : (سن. وِدياراٿي. وِديا=آرٿي=چاهيندڙ)، شاگرد.

وِديش : (پرا. وِئَس. سن. وِديش. وِ = ٻيو + ديش)، پرديس، پرڏيهه.

وَڌڻ: (سن. وَرڌن. وَرڌ=وڌڻ)، زياده ٿيڻ، اسرڻ.

وَڏاندرو: (سن. وَرڌتر: وَڌر)، وڏو، سخت، عمدو.

ڪن ٻيا وٺس وَڏاندرا، صابر چئي سر صاف. (صابر)

وَڏو: (سن. وڌر، ورڌ)، لنبو، ڊگهو، ڪشادو.

وِڏوڻ: (سن. وڌوَلن. وِ=کهٽو+ ڌونن=ڌوڻڻ)، جوش يا ڪاوڙ ۾ اچڻ.

وَڍڻ: (سن. ورڌ)، ڪپڻ، ڇڄڻ، ڪٽڻ.

وَڍي: (پرا. وَڍ. سن. ورڌر)، ڇر جي رسي، رشوت.

وِر: (سن. وِل. وِل = ڍڪڻ)، سوراخ، ڇر، واڙ.

وَر: (پرا. وَر. سن. وَر = پسند ڪرڻ)، مڙس، بهتر.

وَر: (سن. بَل)، وٽ، ڦيرو، وڪڙ، وَراڪو.

وِراندو: (ف. برآمده. سن. ورلڌ)، پيش دالان، دالي يا اندرين جاءِ جو اڳيون حصو، جو مٿان ڍڪيل هجي.

وَرت: (سن. وَرت. سن. وَراترا)، رسو، نوڙي، سيت.

وِرت: (سن. وَرت. وَرج = وڃڻ: وَر= پسند ڪرڻ)، اپواس، لنگهڻ.

وَرتاءُ: (سن. وَرتن)، برتاءُ، هلت.

وِرَچڻ: (سن. وِروچن. وِ = نہ + رَچ = چاهڻ)، ڪڪ ٿيڻ.

وِرَسڻ: (سن. وِ = نہ، سواء + رَس = مزو وٺڻ)، بي مزي ٿيڻ، ناامید ٿيڻ، پشيمان ٿيڻ.

وَرسِي: (سن. وَرش = سال + "ئي" پڇاڙي)، سالگرہ، پارهو.

وَرڪ: (سن. وَرڪش)، وڻ.

وِرلي: (سن. وِرَل)، ڇڊو، ڪوڪو.

وِرَمڻ: (سن. وِ = گهڻو + رَم = کيڏڻ)، ترسڻ، دير ڪرڻ.

وَرَن: (سن. وَرن. وَرڻ = رنگڻ)، رنگ.

واڏو ڪنول ڪيس قريب جل، جئن ورن وسايو واهہ.
(ڪنيار)

وَرناڻ: (سن. ورناڻ. وَرڻ = ساراهڻ)، اوناڻ، آگهاڻ.

وَرنَن: (سن. وَرنَن. وَرڻ = بيان ڪرڻ)، ذڪر، بيان، وستار.

وَرنهہ: (ف. بَرنام)، ڪيرو، جوان، پهلوان.

وَرَڻ: (سن. وَرڻ. وَرڻ = رڱڻ، ڦهلڻ، ساراهڻ)، رنگ، اکر، حرف، ذات. آرين جا "چار" ورڻ:
١- برهمڻ ٢- کتري ٣- وَيش ٤- شودر.

وِرود: (سن. ورود. وِ = گهڻو + رُڌ = روڪڻ)، وير، دشمني.

وِرونُ: (سن. وِرُوڪشَڻَ)، سَڪي وڃڻ.

وِرُوهَڻُ: (سن. وِنودَنَ. وِ = گهڻو + نُدَ = تاڪيد ڪرڻ)، رهاڻ ڪرڻ، دل خوش ڪرڻ.

وَرهُ: (سن. وَرڻ. وَرڻ = وسڻ، پيدا ڪرڻ)، سال.

وِرهُ: (پرا. وِرهُ. سن. ورهُ. وِ = گهڻو، رهُ = ڇڏڻ)، برهه، جدائي، عشق.

وِرهسپتِ: (سن. وَرهسپتِ. وَرهتي = ٻولي + پَت = مالڪ.

٢- ٻِرَهتَ = وڏو، ديوتا + پَت = مالڪ، گرو. ديوتائن جو گرو)، پنجون گرهه وسپت يا خميس جو ڏينهن. ڏسو "گرهه".

وَريامُ: (سن. وِيريوانَ)، بهادر، وير.

جتي پڇڻ نام ڪَمُ، تتي پڇڻ ڪم وريامن جو.
(پهاڪو)

وَٽُ: (پرا. وَٽُ. سن. وَرتُ)، هار، نشان، قرب، لائق.

وِٽُ: (سن. وِٽَ)، ڪميڻو، وِڙواندو.

وَڙالُ: (سن. وِلودِنَ. وِ = گهڻو + لُڏَ = لڏڻ)، وڙول، ولوڙ، ڳولا ڦولا، ڏس پتو.

وِڙاهُ: (سن. وِناشَ. وِ = گهڻو + ناشَ = ناس)، وِڻاهه، هاڃو، برباد، نقصان.

وَڙاڪ: (سن. وَرڻ)، رنگ وارو.

وَڙو: (سن. وَٽَ)، مٺائيءَ جو قسم.

وَسَ: (پرا. وَس. سن. وَش. وَش = خواهش ڪرڻ)، اختيار، مرضي، قابو.

وِسامَڻَ: (سن. وِلوپ)، اجهامڻ، گُل ٿيڻ، جهڪو ٿيڻ.

وَسائڻَ: (سن. وَسَنَ. وَسْ=رهڻ)، بستي بنائڻ، آباد ڪرڻ.

وِستارَ: (پرا. وِستارَ. سن. وِستارَ. وِ= گهڻو+ستر=ڦهلائڻ)، بيان، ڦهلاءُ، ذڪر، ڳالهه.

وَستو: (پرا. وَٿ. سن. وَستَ)، وٿ، چيز.

وِسپت: ڏسو "ورهسپت".

وِسرامَ: (پرا. وِيسام. سن. وِشرام. وِ= گهڻو+ شرم = ٿڪڻ)، آرام.

ڏيهي وَسْتَن ۾ ڪَن ڪين وسرامَ. (سچل)

وِسرڻ: (سن. وِسمرڻ. وِ = نه+سمر= ياد رهڻ)، ڀلڻ، ياد لهي وڃڻ.

وَسْلو: (سن. وَستَ=شيءِ+ "لو" پڇاڙي)، شيءِ، چيز.

وِسمي: (سن. وِسميه. وِ = ڪجهه + سمر = مشڪڻ)، اچرج، حيرت.

وَسَنتَ : (پرا. وَسنتَ. سن. وَسَنتَ )، بسنت، بهار.

وَسَڻَ : (سن. وَرْشَڻَ. وَرْشَ=وَسڻ، پيدا ڪرڻ)، برسات يا مينهن پوڻ.

وَسَڻَ : (پرا. وَسَڻَ. سن. وَسَنَ. وَسَ=رهڻ)، رهڻ.

وِسهَڻَ : (سن. وِشْوَسَ. وِ = گهٽو + شْواسَ=اعتبار ڪرڻ)، ڀروسو ڪرڻ، اعتبار ڪرڻ.

وَسو: (سن. وَشا=هاٿڻ)، هاٿي.

وَسو تِت وَڏو ڇئي، ڇَڏيو لوڏَ لِڪن. (وڏو)

وِسيهر: (سن. وِشهَرَ. وِشَ=زهر+ هَرَ=ڪٽندڙ)، نانگ، نانگ جو قسم.

وار وِسيهرَ وَڏو رکن، ٿا مَرڪن سيني سَمَ. (صابر)

وِشَ : (سن. وِشَ. وِشَ=ڦهلڻ)، زهر، وهُ.

وِشڌَرَ: (سن. وِشدَرَ. وِشَ= زهر + ڌَرَ= ڌرڻ، رکڻ)، نانگ، نانگ جو قسم.

وِشواسَ : (سن. وِشْواسَ. وِ = گهٽو + شْواسَ = جيئڻ. پر "و" اڳياڙي (اپسرگ Prefix) اچڻ ڪري معنيٰ "ڀروسو ڪرڻ" ٿي ٿي)، اعتبار، ڀروسو.

وِشيہ : (سن. وِشَيہ. وِ= گهٽو+شِي=ٻڌڻ)، چيز، وستو، شيءِ، ڪم، موضوع.

وِڪارُ: (سن. وِڪار. وِ + ڪَرُ = ڪرڻ)، بيماري.

وِڪرو: (سن. وِڪري. ڪري + خريد ڪرڻ)، ڪاپو، فروخت.

وَڪَڙُ: (سن. وَڪَر. بَڪ = ڏنگو ڪرڻ)، وراڪو، پيچ.

وِڪَنو: (سن. وِڪَل. وِ = گهٽو + ڪَلَ = ڪمزور، ڪَڪ)، ڪَڪ، ڏڪل.

وِڪڻُ: (سن. وِڪري)، وڪڻڻ، سلهه تي ڏيڻ. ضد "وٺڻ".

وِکُ: (سن. وِش. وِش = ڦهڻ)، زهر، وِهُ.

وکارڻ: (سن. پيڪا = قدم، وک)، هلڻ، گام هڻڻ.

وُڪرو: (سن. وِڪار. وِ = گهٽو + ڪُر = ڪرڻ)، ڦريل

صورت وارو، نرالو، جدا جدا،
حقيقت هائي، صورتون مڙيئي ڏنءِ،
نڪر ٿانءِ وُڪرو، تہ هائي هيو. (گل)

وَکو: (سن. وَسا)، چيچڙو، گوشت جو نڪمو ڀاڱو.

وِڳيانُ: (سن. وِجيانَ. وِ = گهٽو + جِيا = ڄاڻڻ)، ڄاڻ، وديا، علم.

وَڳُ. (پرا. وَگ. سن. وَرَگ. وَرِجُ = ڍَڪڻ)، گَلو، ٽلو، ڌڻ.

وَڳڻُ: (سن. وَدَنَ. وَدُ = آواز ڪرڻ)، وَڄڻ.

وَڳو: (سن. واڌيہ)، ڄڃو، وقت.

وِڳوڙ: (سن. وِگْرَهَہ. وِ=گهٽو+گْرَهْ=وٺڻ. "و" اڳياڙي (اپسرگ Prefix) اچڻ ڪري معنيٰ "لڙڻ" بہ ٿيشي ٿي)، بگاڙو، گهمسان، پائيتال، مونجهارو، لڙائي.

وِگهن: (سن. وِگهن. وِ=گهٽو+هَنْ=مارڻ)، روڪ، اٽڪاءُ، بگاڙ.

وَل: (پرا. وَلِ. سن. وَلِّ)، زمين تي ڦهلل ٻوٽو.

وِلاڙ: (سن. وِلولَ. وِ=گهٽو+لَلْ=لڏڻ)، سٽ، ڌڪ ڊوڙ، جاچ جوچ.

توڙي تون وِلاڙون ڪرين، توئي هَلين وِکَ،

لِکشي مَنجهان لِکَ، ذرو ضايع نہ ٿئي. (شاه)

وِلاسَ: (پرا. وِلاسَ. سن. وِلاسَ. وِ=گهٽو+لَسْ=کيڏڻ)، پوکَ، مسَکَ، خوشي.

وِلَپَ: (سن. وِلَپَ. وَلْ=ڍَڪڻ)، پهارو، مڙس.

وَلَہَ: (سرا. وَلَہَ. پرا. وَلَہَ. سن. وَلَنَ)، ورڻ، موٽڻ.

وِلوڙڻ: (سن. وِلوڊنَ. وِ=گهٽو+لَڊْ=لڏڻ)، ماندائي (جميل ڪير ۾) ڦيرائڻ.

وَلهَ : (ع. بِلهٰ)، لَڏ، ملڪَ، ماتَ، ٽيڙَ.

وَلهو: (پرا. وَلهَ. سن. وَلَپَ)، پيارو، سڱس، پتار.

ورن ولهي جا سون وران، رهيون ڪتيون ڪين ٽيل.
(محمد)

وِلهو: (سن. وِرَهتَ. وِ = گهٽو + رَهتَ = چِئَل. ٻاڪل رهت ٽيل)، سچو، سڪڻو.

وِماسَڻ : (پرا. وِماسَ. سن. وِمَرشَنَ)، غور ڪرڻ.

وِماڻ : (پرا. وِماڻَ. سن. وِمانَ. وِ = گهٽو + مانُ = عزت ڏيڻ)، ديوتائن جي گاڏي، اڏَندَ کٽولي.

وَنَ : (سن. وَرُنَ)، رنگ.

پووت وَنَ آ پيت ورين، گَت مَست ڪري سنبل.
(محمد)

وِناسَ : (پرا. وِڻاسَ. سن. وِناشَ. وِ = گهٽو + ناشَ = ناس)، برٻادي، تباهي.

وَنجَڻ : (پرا. وَنجَڻَ. سن. وَيَجَنَ. وِ = گهٽو + آنَجَ = وجهڻ، ملائڻ)، حرف صحيح.

وِنجوگَ : (سن. وِيوگَ. وِ = جدا + يوگَ = ميلاپ)، جدائي، وڇوڙو.

وَنجهه : (هيم. وَنسو. سن. وَنش. وَش=چاهڻ)، بانس جو لڪڙو، جنهن سان ٻيڙي ڪناري تان ڌڪجي.

وِنڌڻ : (پرا. وِڌوڻ. سن. وِيڌ : وِڌ=تنگ ڪرڻ)، ٻوڙڻ، (سوڙين ڪي) تنگ ڪرڻ.

وَنڊڻ : (سن. وَنڊ)، ڇڏا ڪرڻ، ورهائڻ.

وَنس : (سن. وَنهه. وَش = چاهڻ)، ڪُل، ڪٽنب.

وَنڪ : (سن. وَرڻ+"ڪ" پچاڙي)، رنگ، نمونو، ڍول.

چاجي وَنڪ وڃن جي، ڪو ساڄن جي سينگار؟ (سينگار)

وَنڪو : (پرا. وَنڪ. سن. وَلڪ : وَڪر)، بانڪو، بهادر.

وَنگ : (سن. وَلڪ)، ور، پيچ، وَڪڙ، لمونو.

وِنگو : (سن. وَڪر. بڪ=ڏنگو ٿيڻ)، ڏنگو، مُڙيل.

وَنوام : (سن. وِوام. وِ=ٻاڻ+وَم=وٺي وڃڻ)، شاديءَ کان اڳ (انهيءَ موقعي ۾) ڪنوار کي هڪ هنڌ وهارڻ.

وَنهه : (سن. مَنڊپ)، اها جاءِ، جتي شادي ٿئي.

وَڻ : (پرا. وڻ. سن. وَن. وَڻ=شيوا ڪرڻ، آواز ڪرڻ)، درخت، جهاڙ.

وِڻاهه : (سن. وِناش. وِ=کهٽو+ناش = ناس)، ناس، تباهه، اونهو زخم.

وَنجارو: (هہ. بَنج + هارا. سن. واڻِجِ + "هارا" ڄاڙي)، واپاري.

وَڻرامَ: (سن. ون راجي. وَنَ = وڻ + راجي = قطار)، وڻڪار، جهنگ.

وِڙواندَ: (سن. وَچَنَ + وانَ)، مهڻي هاب، خوار خراب.

وِواهَ: (سن. وِواهہ. وِ = پاڻ ۾ + وَهہ = وٺي وڃڻ)، وهانءُ، شادي، پرڻو.

ووڙَڻ: (سن. وِهرڻ. وِ = ٻري، جدا + هَرَڻ = کڻڻ)، گهولڻ، ڏوانڊڻ.

وِويڪ: (سن. وِويڪ. وِ = گهڻو + وِچْ = ويچارڻ، جدا ڪرڻ)، ضمير.

وَيْسا: (سن. ويشيا)، ڪُڄري، فاحش عورت.

وَهَ: (سن. وَهہ. وَهْ = وَهڻ)، تِسڪ، وَهڪرو.

وَهَ: (سن. وَسا)، چربي، سٿپ.

وِهَ: (پرا. وِس، وِش. وِش = قهلڻ)، زهر.

وِهاتَڻ: (سن. وِهَتَ. وِ = گهڻو، بالڪل + هَتَ = ماريو. هَنْ = مارڻ)، هَٿي (ڏَڙي) چڏڻ، پورو ڪرڻ.

چانگي جٺي چڪياس، مٺان آڪ نہ الهي،
جنهن وَل گهٽا وهاٽيا، آن سين آر لڳوس. (شاھ)

وِهانءُ: (پرا. وِهاھ. سن. وِواھ. وِ = ٻاڻ ۾، چگيءَ طرح سان + وَهہ = وٺي وڃڻ. چگيءَ طرح سائين سوڻين سان (ڪنوار) کي وٺي وڃڻ. يا پرڻجڻ)، شادي، پرڻو.

وِهاڻي: (سن. وِڀاتن. وِ = گهڻو + ڀا چمڪڻ)، سڄي رات کان پوءِ، پرھ ڦٽي، ڏڄ ڀڄي.

وِهاڻ: (سن. وِڌان. وِ = گهڻو + ڌا = رکڻ)، ڳنهڻ.

وَهٽ: (سن. وَهہ = ڍوئڻ)، چڙهيءَ يا سواريءَ جو جانور.

وِهسڻ: (سن. وِهسن. وِ = گهڻو + هَسْ = کلڻ)، کلڻ، خوش ٿيڻ.

وَهلور: (سن. وِهوَل + "آور" پڇاڙي. وِ = گهڻو + هوَل ڊچڻ)، وياڪل، پريشان، بيزار.

وَهنوار: (پرا. وَوَهار. سن. وْيوهار. وِ = گهڻو + آوَ = چئني طرفن کان + هرَ = وٺڻ)، ڏنڌو، ڪم، ڏيتي ليتي.

وَهڻ: (سن. وَهن. وَهہ = وهڻ: وَهہ = ڍوئڻ)، پاڻيءَ جو جاري رهڻ، ڪم ڪار ڪرڻ.

وِهڻ: (سن. آپوِشت)، ٽڪڻ، ٽهرڻ. ضد "اٿڻ".

وَهُون : (پرا. وَهُو. سن. وَڏو)، زالون، عورتون.

وَهِي : (سن. وَيَسَ=عمر)، ڄَمِي، جواني.

وَهِي : (سن. ٻِڌ)، ٻندي، ليکي جو ڪتاب.

وَهِيڻو : (سن. وَشَيَہ. وَش=چاهڻ)، محتاج، پَرَوَس.

وَهِيون : (سن. وَسِيَس)، شاهوڪار، آسودو، مالدار. ضد "ولهو".

وِياپَڪ : (سن. وِياپَڪ. وِ=گهڻو+آپ=ڦهلڻ)، هر جا حاضر، پرپور، سَرو وِياپي.

وِياج : (سن. بِياج)، سُود، سُور کان وڌيڪ رقم.

وِياچَڻ : (سن. واچَن. وَچ=چوڻ)، اورڻ، ڳرهڻ، واچڻ.

وِيارو : (هه. بِيالا. سن. وِڪالَ=شام)، سانجهي يا رات جي ماني.

ڏِکين جا ڏاج ڪهڙا، رُلين جا ڪهڙا رُوپ،
ٻَکين جا ڪهڙا پاڻ، وِلهن ڪهڙا وِيارا. (ڪل)

وِياڪَرَڻ : (پرا. واڳَرَڻ. سن. وِيا ڪَرَڻ. وِ=گهڻو+آ=چئني طرفن کان+ڪر=ڪرڻ)، صرف و نَحو، گرامر.

وِياڪَل : (پرا. واتَلَ. سن. وِياڪَلَ. وِ=گهڻو+آڪَلَ=گهبرايل)، دکي، پريشان.

وِيامَڻ: (سن. وَيَنَ، وِي=چڙهڻ)، ڀِچو ڏيڻ، چڙهڻ.

وِيج: (پرا. وِيج. سن. وَيدِيَہ. وِڌ=ڄاڻڻ)، حڪيم، طبيب.

وِيچار: (پرا. وِآرَ. سن. وِچارَ. وِ=گهڻو+چَرَ=هلڻ)، خيال.

ويچارو: (ف. بي چارہ. بي=سواءِ+چارہ = چارو، رستو)، بيواهہ، بي گهر، آبالو، غريب.

وِيچَڻُ: (سن. وِڪَرِيَ)، وڪڻڻ.

وِيڇو: (سن. وِڇِدَ. وِ= بالڪل + ڇِدَ = ڇنڻ)، تفاوت، وڇوٽي، جدائي.

ويڇون: (سن. وِڇِدَ)، هلاڪت، تڪليف، ذرا ذرا.

ويجهَڻ: (سن. وَرڌ)، وڌڻ.

ويدُ: (سن. ويدَ. وِدَ=ڄاڻڻ)، هندن جا ڌرمي پستڪ. ويد "چار" آهن، پر مکيہ ٽي آهن: ١- رِگويدَ. ٢- سامَ ويدَ. ٣- يجر ويدَ. چون ٿا تہ چوٿون "اٿروَ ويدَ" پوءِ ملايو ويو آهي. ويدن جو گڏ ڪندڙ "وياس" آهي.

ويدانتَ: (پرا. وِيئنتَ. سن. ويدانتَ. ويدَ + آنتَ = پڇاڙي. ويدن جي پڇاڙيءَ ۾ آيل ذڪر، جنهن کي "اپنشد" چوندا آهن. هندن جي فيلسوفيءَ جو

طريقو، جنهن ۾ آتما (روح) ۽ جڳت (دنيا، جهان) جو ذڪر اچي ٿو.

ويدن: (سن. ويدن. وِدْ=ڄاڻڻ)، پيڙا، درد.

ويڌي: (سن. ويد)، هندن جو نڪاح.

وير: (پرا. ويلا. سن. ويلا. ويلْ=وڃڻ)، وقت.

وير: (سن. وَير)، دشمني.

وِير: (سن. ويلا)، سمنڊ جي لهر، چولي.

وِير: (پرا. وِيرو. سن. وِيرَ. وِيرْ=طاقت ڏيکارڻ)، پهلوان، بلوان.

ويراڳ: (پرا. وَئراڳ. سن. وَيراڳ. و=نه+رَنجْ= خوشي ڪرڻ)، دنيا کي ڇڏڻ، عشق، فراق.

ويرم: (سن. وِلَنب. وِ=گهٽو+لَب=ترسڻ)، دير، چِرڪ.

ويروتار: (سن. ويلانتر ويلا=وقت)، هر وقت، هميشه.

ويڙهه: (سن. ويشٽ)، جهنگ، جهڳٽو.

ويڙهه: (ڪ. ويڙ. هير. وڊِيو. سن. ويشٽم)، سنڌيءَ جو قسم، چلي جو هڪ قسم.

ويڙهڻ: (پرا. ويڍڻ. سن. ويشٽن)، وراڻڻ، لپيٽڻ، گهيرو ڪرڻ، وڪوڙڻ، ڍڪڻ.

وِيس: (پرا. وِيس. سن. وِيش. وِش=ڍڪڻ)، پوشاڪ.

وِيساک: (پرا. وَئساھ. سن. وَيشاک. وِ=گھڻو + شاکا= نمونو. سورنھون "نکت")، ھندن جي سال جو ٻيو مھينو.

وِيساند: (سن. وِشرانت. وِ= ڏ+شرانت=ٿڪل)، آرام، ساھي.

وِيساھ: (سن. وِشواس)، اعتبار. ڏسو "وَشواس".

وِيڪر: (سن. وِڪرَڻ=پکڙڻ)، موڪر.

وِيگانو: (ف. بيگانہ)، ڌاريو، ٻي پھچ، اپاڻڪو. ڏسو "بيگانو".

وِيل: ڏسو "ويڙ".

وِيلَڻ: (پرا. ويلڻ. سن. ويلن. ويل=لوڏڻ)، ڪاٺ جو ڏنڊو، جنھن سان چڪري تي، اٽو رکي، ماني ويلجي.

وِيمو: (ف. بيمہ. بيم + خوف. سن. وِ = خاص طرف+ ما=ماپڻ)، جوکم، ڪچھ، رقم وٺي، سلامتيءَ جو ذمو کڻڻ.

وِينتي: (سن. وِنت. وِنم=جھڪڻ)، عرض.

وِينس: (سن. وِش=زھر)، نانگ جو لسر.

وِنجهارَ: (سن. وِڏ + ڪارَ)، وِڻجهر، موتي پرکيندڙ، پارکو، سونارنج، سگهڙ. ڏسو "وِنڊڻ".

وِنگس: (سن. وِڏ=وِنڊڻ)، وِڻجهر، سگهڙ، سڻا واري.

وِنِ: (ڏن. وِنِ. پرا. وِنِ. سن. وِچن. وِچ=چوڻ)، سخن، پول، مهڻو، طعنو.

وِهَ: (پرا. وِسَ. سن. وِلشت)، اڌوبه، ۽ هڪ.

وِيءَ: (سن. وِرتِ. وِرَ = ڍڪڻ)، لوڙهو، ميدان، چراگاهه، باغ.

وِتپتي: (سن. وِيتپتِ)، اشتقاق.

## هه

هاتِڪ: (ع. حاذِق)، قابل، پارکو.

مدح ۾ محبوب جي، هاتڪ حيرانا. (گروهڙي)

هاٿي: (هير. هٿي. سن. هستِن. هست = سونڊ)، گج، دکهيءَ سونڊ وارو جانور.

هاڃي: (پرا. آڃي. سن. آستِ. آم=ٿيو)، هڏ ڪاٺ، بدن جي بيهڪ، آڏاوت.

هاڃو: (سن. هانِ. ها = تياڳِ، ڇڏڻ)، نقصان، ٽوٽو، ڇيهو.

هارَ: (سن. هار. هَرُ = وٺڻ)، شڪست.

هارَ: (سن. هار. هَرُ = وٺڻ)، ماڙها، ڪنڌي.

هارِي: (سن. هارت. هَرُ = وٺڻ)، هار ڪاڏل، لپاڪي.

هاڱامو: (ف. هنگام)، آواز، فساد، جهيڙو.

هالورو: (سن. جهالا = "رو" پچاڙي)، جهلڪو، چاڪو، لوڏَ.

هامَ: (سن. آمُ = هائو)، قبوليت، داڙ، ٻٽاڪ.

هَبَجَ: (ف. هَوَسَ)، مَڻَ، خواهش، لالچ.

هَبَسَ: (هه. آسَ. سز. آوشُر. ع. حَبَس)، آپس، هوا جي بند، گهٽ.

هَتيا: (سن. هتيا. هَنُ = مارڻ)، هچا، خون، پاپ.

هَتَ: (پرا. هَتو. سن. هَستَ. هَسُ = کلڻ)، ٻانهن جو اڳيون حصو، جنهن ۾ پنج آڱريون آهن، دست.

هَتيارَ: (گ. هتيار. ڏن. آٿارو. هبر. هتار. سن. هستَ + ڪارَ)، سلاح، اوزار.

هَتيلي: (ڏن. هتلہ. پرا. هتلي. سز. هستتل. هستَ = هٿ + تَلَ = ترو)، هٿ جي تري، ڪف دست.

هَٽُ: (پرا. هَٽ. سن. هَٽَ. هَٽَ = چمڪڻ)، دڪان.

هٽ تڙ: (هہ. هٽ تال. سن. هٽ+تلڪ = تالو، ڪرف)، دڪانن کي (ڪنهن ڏک يا ٻئي ڪنهن سبب ڪان) تالو هڻڻ، بازار بند.

هڻڻ: (سن. گهتن)، پرڪڻ، ٻوٽي ٽيڻ، گهٽ ڏيڻ.

هٺ: (سن. هٺ. هٺ=وڏائي ڪرڻ)، آپمان، تڪبر.

هڇڻ: (سن. هت. هن=مارڻ)، هڇڻ، گهڻ، ڪرڻ، ٻڙجڻ.

هچا: ڏسو "هتيا".

هچارو: (سن. هتياڪار. هتيا = خون + ڪار = ڪندڙ)، پاپي، خوني.

هڏ: (سن. هڏ)، هڏو، عزيز، مائٽ.

هڏڪي: (پرا. هڪا. سن. هڪا)، بيماريءَ جو قسم، هچڪي.

هر: (پرا. هل. سن. هل. هل=ڪاهڻ)، اوزار، جنهن سان زمين کيڙجي.

هرائي: (سن. لگهتا)، هلڪائي، کهرکهلائي.

هرتال: (سن. هرتال. هرت=پيلو رنگ. هر= سن کي وٺڻ)، سنکني جو قسم.

هردو: (سن. هردي)، هنيون، دل.

هِرڪَڻ: (سن. هرشڻ. هرش = خوش ٿيڻ)، موهجڻ، دل سرڪڻ.

هِرنو: (سن. هِرڻ؟)، هانيءَ جو ٻچو.

ڦرنڊ وڏو آڦر، هرنو هانيءَ جو ٻچو.

(عبدالرحمان چانڊيو)

هَرَڻ: (پرا. هِرڻ. سن. هرڻ. هر = وڻڻ)، مرگهه، آهر.

هِرڻ: (سن. هرت)، عادت ڪرڻ.

هَريڙ: (سن. هرتڪا)، وڻ جو قسم.

هَستي: (پرا. هٿ. سن. هستن)، هاٿي.

هي جا چلي چول، تنهن هستيءَ کي حيران ڪيو. (محمد)

هَسلي: (سن. آنسلي)، ڳلي يا گردن جي هڏي، هس، ڳچيءَ جو گهٽو.

هَسَ: (پرا. هسه. سن. هسن. هس = کلڻ)، کلڻ.

هَسوار: (ف. اسپوار. اسپ = گهوڙو + "وار" نسبت جي نشاني)، گهوڙي سوار.

نڌ نڪا گهوڙا، غبياڻا هسوار. (ڀٽائي)

هِڳَ: (سن. هِنگ)، سرهي وکر جو قسم.

هَلاڪَ: (ع. هَلاڪ)، دِق، ڪَڪِ، خَفي.

هَلان: (ع. حَملَ)، آمارو، حملو، ڪاهه.

هَاڪو: (سن. لَکَهڪَ)، کهٽ، وزن وارو. ضد "ڳَرو".

هِمالَيہ: (سن. همالَيہ. هِم=برف + آلَيہ = جاءِ)، هندستان جي اتر ۾ هڪ وڏو جبل.

هِماوِ دَستو: (ف. هاوَن =آکري+دَستہ=مهَرو)، آکري مهري جو قسم.

هِمّتَ: (ع. همّت)، طاقت، سگهہ.

هَمراهَ: (ف. هَم=ساٿيو + راهہ=رستو)، مددگار، سنگتي.

هَنپچي: (گ. هَمَچِي)، ناچ جو قسم، جنهن ۾ هَٿَ ڪٽي تاڙي هڻبي آهي.

هَنيارَ: (ف. انبار)، ڍڳ، ڍَن، راهَ.

هَنجهہ: (پرا. هَنس. سن. هَنس. هَنَ=مارڻ، وڃڻ، هَسَ= کِلڻ)، هَنس پکي، جنهن جي هاڻ جي ڊار مرهيندڙ

آھي. سنڌ مان اصل ڪاڏو موتي آھي.

ھَنجھہ، مور، چشم تہ چڪو رتيا، ڦاڦا فيل ڦندڙ. (محمد)

**ھَجُون:** (پرا. آشَرَ)، ڪوڙھا، لُوڪ.

**ھِنَدُو:** (ف. ھِندَ<سن. سِنڌَ)، ڪارو، ھندستان جو واسي.

**ھِندورو:** (پرا. ھِندولَ. سن. ھِندولَ. ڏلَ=لڏڻ)، پينگھو، ڏولي.

**ھِنڊولَ:** (سن. اِنڌَرَوڏَو)، ھنڊوو، مينھن وساوڙو، برساتي ڳاڙھو مخملي ڪيڙو.

پيئس ماڌ مقابلي، ھونئن روھ ھنڊولَ. (جلال)

**ھِنڊولَ:** (سن. ھِندولَ)، ھڪ راڳ جو نالو. ڏسو "راڳ".

**ھَنڊي:** (ھير. ھَنڊا. سن. ھَنڊِڪا. ھَنڊ = گڏ ڪرڻ)، ناڻي جي چٺي، جنھن جي ڏيکارڻ ۾ ڏين تي پيسا ملن.

**ھَنڊي:** (سن. ھَنڊِڪا. ھَنَ=مارڻ)، ديگڙي.

**ھَنسَ:** ڏسو "ھنجھہ".

**ھَنسا:** (سن. ھِنسا. ھِنسَ=مارڻ)، مارڻ.

**ھِنگلاجَ:** (پرا. ھِنگَلَ. سن. ھِنگَلَ. ھِنگ = سِندَرَ + لا =

وڻڻ)، ديويءَ جو مندر، فقيرن جي زيارت جي جاءِ، هڪ صوفيانہ منزل.

هنيون: (پرا. هيئہ. سن. هردي)، دل، من.

هڻڻ: (سن. هنن. هن=مارڻ)، مارڻ، چٽڻ.

هوائو: (سن. هوان)، هل، افواهہ.

هوت: (سن. هت. هہ = وڃڻ، وڃڻ)، پيارو، محبوب.

هور: (ع. هول)، ڊپ. خوف.

هولي: (سن. هولڪا. هہ = هوم ڪرڻ، ڪائڻ)، هندن جو هڪ وڏو ڏينهن.

هونٽ: (ڏن. آٿو. پرا. اوٺ. سن. اوشٹ)، چپ، لب.

هونڪار: (پرا. هنڪار. سن. هنڪار)، آواز، گرجنا.

هيٺ: (هير. هٺو. پرا. هيٺہ. سن. اڌس)، "مٿي" جو ضد، زير.

هيج: (سن. هردي)، شوق، محبت.

هيجڙو: (ف. هيز)، کدڙو.

هيرڻ: "هرڻ" جي شاعرانہ نحوي ترڪيب. ڏسو "هرڻ".

ٻڪ ٻڌمني ٻليوري، ٿي هيرڻ حال هلي. (ڪنيار)

هيرڻ: (سن. ايرنڊ)، وڏو ٻوٽو يا ننڍو وڻ، جنهن جي ٻج مان تيل نڪرندو آهي.

هيرو: (سن. هير. هر=وڻڻ)، هڪ قيمتي پٿر.

هيڪاند: (سن. ايڪانت)، گڏجڻ، ملاقات.

هيڻو: (پرا. هيڻ. سن. هين. ها=ڇڏڻ)، ڪمزور.

HYDERABAD
**4th July, 1956.**

*Dear Mr Sandelo.*

*Thank you for your letter and 'Tahqiq Lughat Sindhi'*

*A book like yours was badly needed for the student community and they must thank you for Providing them. I must congratulate you on your very good effort. Now there is some thing to go on with. I have no doubt, by the time a Second Edition is demanded, you will have made it still more complete and perfect.*

*With all good wishes and thanks.*

***Yours Sincerely***
*I. I. KAZI.*

# Government College, Hyderabad (W. Pakistan)

**Dr. A. C. S. GILANI,**
*M.A., Ph.D., W.P.E.S.(I).,*
**PRINCIPAL.**

March 21st, 1957.

My dear Abdul Karim,

I have gone through the pages of your valuable book entitled TAHQIQ-UL-LUGHAAT, perhaps the only work in SINDHI treating the etymology of the most difficult words, hitherto left unfathomed. Believe me, you deserve my most sincere congratulations on your wonderful feat in producing such a scholarly book, which will go a long way in the better understanding of the language of the soil. You have further made easy the work of a lexicographer of the language and the students of the SINDHI LANGUAGE and LITERATURE.

In my honest opinion, you deserve the thanks of all the Sindhi knowing people upon whom you have conferred a boon by bringing out such an elegantly got-up volume, which, to say the least, will help in diffusion of knowledge and disemination of learning in this part of the Province.

I admire your spirit of application, assiduity, industriousness and the fund of energy, to say nothing of your erudition which you have displayed so splendidly in your book.

The book should find its place in the libraries of all the Universities, Colleges and Schools of the Country. It should be recommended as a PRIZE BOOK.

With deep personal regards,

*Yours sincerely,*
A. C. S. Gilani
**(Dr. A.C.S. GILANI)**
*Principal,*
GOVT. COLLEGE HYDERABAD.

*Professor,*
Abdul Karim sandeelo,
M. A.,
GOVT. COLLEGE, LARKANA.

شمس العلماء
الدڪتور عمر بن محمد داؤد پوٽه

SHAMSUL-ULAMA
**Dr. UM. DAUDPOTA**
M.A. (BOM.) PH. D. (CANTAB).

286, GARDEN EAST,
KARACHI 3.

3-11-55

عزيزي و مڪرمي عبدالڪريم سنديلو حفظه الله تعاليٰ

السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته - غرض ته عين انهيءَ ڏينهن جڏهن مان ڪتب فروش ڏي لکڻ وارو هوس، اوهان صاحبن جو مرتب ڪيل ڪتاب ”تحقيق لغات سنڌي“ ٽپال جي رستي مليو. اوهان تمام گهڻي ڪاوش ڪئي آهي، تنهن لاءِ اوهان کي روون لهڻيون. ڪيترائي لفظ اهڙا آهن، جن جو ذاتو هڪ سنسڪرت جو سطحي ڄاڻندڙ لغتن رستي ڄاڻي سگهي ٿو، مگر ڪيترائي لفظ آهن، جي مسلماني سنڌيءَ ۾ مروج ناهن، انهن جو ايراد اجايو هو. بهرحال اوهان جيڪا محنت ڪئي آهي، سا انصاف جوڳي آهي، ۽ خصوصاً هڙي ڏڪر جي سمي ۾ هن قسم جو ڪتاب ڇپائڻ، جنهنجا پڙهندڙ ٿورا هجن، ڪمال همت آهي. رب تعاليٰ شال اوهان کي سنڌي ادب جي خدمت جي توفيق عطا فرمائي.

اوهان جي ”ديهاتي شاعر“ جي ظهور لاءِ منتظر آهيان. اميد ته اوهين هرطرح خوش و خورم هوندا.

والسلام

اوهانجي عطيه جو شڪرمند
دعاگو
”ع“

هالا

١٨-١١-٥٥ع

محترمي السلام عليڪم

اوهانجي تصنيف ”تحقيق لغات سنڌي“ زير مطالع آهي. رايو بعد ۾ موڪليندس، پر ايترو ضرور چوندس تہ اوهان سنڌي زبان کي سولو نڪ وڌو آهي. هن قسم جي لغت جي سخت ضرورت هئي. اوهان جيڪا محنت ڪئي آهي، سا بيشڪ قابل تعريف آهي.

والسلام                    م - م - ز- طالب المولي

٢٩-١١-٥٥ع

برادرم مڪرم - السلام عليڪم

لغت ڪيترن ڏينهن کان پهتل هئي، ليڪن بروقت جواب موڪلي ڪونہ سگهيس، جنهن لاءِ معافي طلب آهيان.

لغت کي تمام چڱيءَ طرح ڏٺم. جهڙي پڙهڻ ۾ آئي، اهڙئي ڏٺم. محنت ۽ تحقيق قابل قدر ۽ داد جي مستحق آهي.

سنڌي لفظن جي خزاني کي ڪولي رکي ڇڏيو اٿو. الله پاڪ اوهان کي جزاءِ خير ڏئي ۽ قوم کي توفيق بخشي، جو اوهان جي پرخلوص محنت جو قدر ڪري.

والسلام                    نياز مند

حسام الدين شاه

**Member of Parliament**
(Rajya Sabha)
*Ex-Governor of Assam*

Observatory Cottege,
Rashtrapati Niwas
SIMLA 13-6-1960. 11 p.m.

*My dear Mr. Abdul Karim*

This letter may seem to come to you from a stranger but being myself a farer on the same way which you have been treading -the study of the Sindhi Language - I feel no barrier in writing to you. I have just finished dipping in to your great work تحقيق لغات سنڌي for about two hours Please accept my heartiest congratulations on the splendid service you have rendered to the cause of the Sindhi language. What an amount of patience, deep research cautious judgement, and hard work lies behind this Sindhi Etymology which, I have no doubt, through its later and fuller editions, which hold the field for several decades. All scholars and writers of Sindhi and serious students of the language whether in Pakistan or India will greatly value your **Lughat** for years to come.

Having heard of your book, I tried to secure a copy and received it only this evening. I intend to go through it with greater care than has been possible at this first glance through its pages I have no doubt that I will gain a great deal from its study.

You have mentioned that your book "سنڌ جو سيلاڪار" is in the press. It must have come out by now I am endeavouring to secure a copy of it here. I have no doubt, judging by the magnificent effort you have so successfully put forth in the present cause, that your second book must be a classic in its field.

Once again my congratulations and the best of wishes for the fine work you are doing and the great service you are rendering both to "Mother Sindhi" and the cause of Linguistics in general.

With best regards.

*Yours Sincerly,*
Jairamdas Doulatram

# اخبار

## هندستان ٢٧-١٢-١٩٥٥ع

”تحقيق لغات سنڌي“ جو هڪ دل ڇڪيندڙ ڪورش پاڪستان ۾ ڇپيل، اسان وٽ سمالوچنا لاءِ آيل آهي، جنهن ۾ سنڌي لفظن جا ”ڌاتو“ يا ”بنياد“ ڏنل آهن .

ظاهر آهي ته اهڙن لفظن جي ”جڙ يا پاڙ“ هٿ ڪرڻ ۾ ڪافي محنت ڪئي، اي ريائي ۽ غير تعصبي درشٽي گهرجي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته اهي گڻ مسٽر سنڌيلو ۾ ڪافي انداز ۾ آهن . هن ڇگوئي پورهيو ڪري، گهڻي سوچ ۽ کوج بعد مٿيون ڪتاب تيار ڪيو آهي .

”سنڌي لغت“ نالي جو ڪم جڏهن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي سپرد ڪيو ويو، تڏهن مسٽر سنڌيلو کي به ان لاءِ هڪ ريسرچ اسسٽنٽ مقرر ڪيو ويو ۽ انهيءَ ڪري، انهيءَ ڪيتر ۾ هن کي چڱي اپياس ڪرڻ جو موقعو مليو. پر انهيءَ هوندي به ههڙي ”ڪٺن ۽ نازڪ“ ڪم کي پورو ڪرڻ اهڙو آسان ڪارو نه هو، پر مسٽر سنڌيلو کي ”سنڌي لغت“ مرتب ڪرڻ جي ڪيتري عرصي کان ايڏي ته آرزو هئي، جو هن ڏينهن رات جاڳي، اهو ڪتاب تيار ڪيو آهي، جو سنڌي ساهت کي چڱي هٿي ڏيندو .

ڪتاب تي جيڪا کوج ۽ محنت ڪيل آهي، تنهن لاءِ ساهت جا پريمي مسٽر سنڌيلو جا هميشه ٿورائتا رهندا.

۾ قابل مصنف هن بحر بيڪران ۾ هٿين خالي گهڙي، تڙڪي تڙڪي ۽ ٽپيون هڻي، جيڪي موتي ڪڍيا آهن، تن جو قدر نه ڪرڻ حد درجي جي زيادتي ٿيندي.

اها ۾ حقيقت آهي ته لغت جو ڪم نهايت نازڪ ۽ ڪٺن آهي ۽ جن هن راه ۾ قدم رکيو هوندو تن کي سوين مشڪلاتن ۽ هزارين ڏکن ۽ ڏاکڙن جو مقابلو ڪرڻو پيو هوندو. ڪيترا ته بيزار ٿي، پچي، ميدان ڪري ويا هوندا ۽ جن راه اڪاري هوندي، تن جو سارو بدن ميلهن ساٺو ڪري ڇڏيو هوندو. پوءِ اهڙن اڻ ٿڪ انسانن جي محنت جو قدر نه ڪرڻ انتهائي بي حسي ٿيندي ۽ جنهن جو لازمي نتيجو اهو نڪرندو، جو ادب ۽ ثقافت جي ميدان ۾ اهڙي بي حس قوم دنيا جي مردار قومن ۾ ليکي ويندي.

”تحقيق لغات سنڌي“ يقيناً سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻولي جي هڪ بي بها خدمت آهي ۽ اهڙي خادم جو قدر ڪرڻ اسان سڀني جو فرض آهي.

اسان هن رائي جا آهيون ته هي ڪتاب سنڌي ادب ۾ هڪ شاندار باب جو اضافو آهي ۽ سنڌي زبان جي هر هڪ گهڻگهري کي هڪ ڪتاب خريد ڪرڻ گهرجي.

## نئين سنڌ ٨-١-١٩٥٦ع

هن ڪتاب جي اهميت جو اندازو، سندس نالي مان ئي لڳائي سگهجي ٿو. هن دور ۾ جڏهن ته سنڌي زبان ڪن

ڀل پسند ۾ نمائشي اديبن جو رانديڪو بڻجي چڪي آهي، سنديلي صاحب جي اها جانفشاني ۽ سخت ڪوشش واقعي قابل داد آهي، جنهن جو ثبوت تحقيق لغات سنڌي جي شڪل ۾ مليو آهي.

هيءَ لغت پنهنجي نوعيت ۾ تنها ۽ بي‌نظير آهي، ڇاڪاڻ ته هن ۾ مصنف لفظن جي سنئين سنڌي معنيٰ نقل ڪري ڇڏڻ بدران، لفظن جي اصلي ماده ۽ بنياد کوٽي ظاهر ڪيو آهي. يقيناً سنڌي زبان جي تاريخ ۾ اها پهرين ڪوشش آهي، جا اميد ته رائگان نه ويندي. هن ڪان اڳ ڪنهن ٻه لغت نويس اهڙي دردسري نه ڪئي آهي. هر سنڌي کي سنديلي صاحب جي هن پيشڪش کان مستفيض ٿيڻ گهرجي.

# رسالو

## سماهي مهراڻ اونهارو ۳-

ڪتاب تي، مصنف، جا محنت ڪئي آهي، سا قابل صد تحسين آهي. ڪتاب ۾ آيل سنڌي لفظن مان هرهڪ لفظ جو ڌاتو يا بنياد ڏيئي، معنيٰ کي واضح ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن ڪو متروڪ ۽ انوکو لفظ آهي ته بنياد سان گڏوگڏ مشهور شاعرن، جهڙوڪ: شاه ڪريم، شاه ڀٽائي، جلال، سچل، سامي وغيره جي ڪلام مان سند طور مثال ڏنا ويا آهن، تا ته لفظ جي معنيٰ صحيح طور روشن ٿئي. ڪتاب ۾ اٽڪل پنج هزار

( ے )

## نئين زندگي ماھ فيبروري ١٩٥٦ع

هن ڪتاب جي پڙهڻ سان ائين معلوم ٿئي ٿو ته مصنف لغت جو ڳوڙهي نظر سان اڀياس ڪيو آهي، جنهنڪري سندس ڪتاب به لغت جي موضوع ۾ بلند جاءِ والاري ٿو. هن قيمتي ڪتاب جي قابل مصنف، سنڌي ادب جي همدردن، کهٽکهرن ۽ سڄڻن کان ڪيرون لهڻيون، جنهن وڏي جاکوڙ ۽ جستجو ڪري، سنڌي ادب ۾ هڪ عمدي لغت سان اضافو ڪيو آهي، جنهن ۾ هر هڪ لفظ جو بنياد يا ڌاتو ڄاڻايل آهي. هن مفيد ڪتاب ۾ جيتوڻيڪ اٽڪل پنج هزار لفظ آندل آهن، پر تنهن هوندي به ائين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته اهي لفظ سڄي لغت جو مغز ۽ مفهوم آهن. هھڙي بيش بها تحفي جو ”نئين زندگي“ جي پڙهندڙن سان خاص طرح سان ۽ سنڌي ساهتيہ جي سڄڻن سان عام طرح سان تعارف ڪرائيندي، خوشي ٿئي ٿي.

# پڙهندڙ نسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو. پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آس رکون ٿا.

پڙهندڙ نسُل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَڙِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڙَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چوء چالاءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)